# چوند سماجي مضمون



جي. ايم. سيد

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# چونڊ سماجي مضمون

جي. ايم. سيد

مرتب: آزاد قاضي

جي. ايم. سيد فائونڊيشن

ڪراچي – سنڌ 2004ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

حق ۽ واسطا فائونڊيشن وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: چونڊ سماجي مضمون
مصنف: جي. ايم. سيد
مرتب: آزاد قاضي
ڇپائيندڙ: جي.ايم. سيد فائونڊيشن ڪراچي
ڪمپوٽر لي آئوٽ: هوت ميگهواڙ ۽ رميش ڪمار ڊيپال
ڪمپوزنگ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، ممتاز مارڪيٽ، حيدرآباد.
ڇاپو پهريون: جنوري 2004ع
ڇاپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

سائين جي. ايم. سيد جي ساٿي، صوفي منش انسان

**دادا ڄيٺمل پرسرام**

جي نالي

ٻُوربيا ٻُوري ويا، آمَڻَ اَڄُ صُبوح،
خَستُوريءَ خوشبُوءِ، اهي آديسي گيا.

(شاهه)

# فهرست


| | |
|---|---|
| اداري پاران | 8 |
| پيش لفظ | 9 |
| - سنڌ جا سادات ۽ انهن جو سڌارو | 19 |
| - سن ڳوٺ ۾ مڪاني هنرن جو واڌارو | 23 |
| - ڪراچي ضلعي جي سڌاري لاءِ سنڌ جي قومي ڪارڪنن... ڏانهن اپيل | 28 |
| - ڪراچي ضلعي اندر عورتن جي ڀلي لاءِ ڪوشش جي سخت ضرورت | 30 |
| - ڳوٺائن سان ٻه ٽي ڳالهيون | 32 |
| - هندوستان جو نئون آواز | 43 |
| - مالدار | 46 |
| - ميربحر | 48 |
| - اسان تميز ۽ ويچار وساري ڇڏيو آهي | 51 |
| - هاري | 54 |
| - زميندار | 57 |
| - ڪراچي ضلعي جو گشت ۽ سرڪار جي مخالفت | 59 |
| - ڪراچي ضلعي جي ڳوٺائن طرف ڌيان ڪرڻ لاءِ اپيل | 98 |
| - ڪراچي ضلعي جي ڳوٺائن سان ٻه ٽي ڳالهيون | 100 |
| - زميدداري بئنڪ جي ضرورت | 105 |
| - ڪراچي ضلعي جي ٻهراڙي جا ڪي رسم رواج | 107 |
| - مرحبائي تقرير | 111 |
| - ملڪ ۾ هتيار گهٽي قدر عام ماڻهن کي ڏجن | 115 |
| - آنرري ماجسٽريٽ | 117 |
| - سنڌ جون مشڪلاتون: بنيادي ڪارڻ ۽ حل | 119 |
| - ڪراچي ضلعي جو گشت II | 124 |
| - خلق جي خدمت | 133 |
| - هڪ ڳوٺائي سان ٻه ٽي ڳالهيون | 139 |
| - هي سنڌ سڌار ٿيو يا سنڌ بگاڙ | 142 |
| - ڪراچي ضلعي جو سٽر — ضميمو I | 145 |
| - تعلقا گشتي رپورٽ — ضميمو II | 154 |

# اداري پاران

سنڌ جي ماڻهن خاص طور تي ٻهراڙيءَ وارن عام جا بي انداز مسئلا آهن. انهن مان اڪثر مسئلا بنيادي ۽ اهم نوعيت وارا آهن. اهڙا مسئلا جن جي پورائي سنڌن سک جو ساک ڪٽڻ، ۽ آرام ۽ سڪون واري زندگي گذارڻ لاءِ ضروري آهي. حقيقت اها آهي ته هڪ سچي ماڻهوءَ جي سياست ۾ حصي وٺڻ جو بنيادي مقصد به اهي غريب عوام جا بنيادي مسئلا ئي آهن. ڇاڪاڻ ته وقت ثابت ڪيو آهي ته ملڪ جي سمورن مسئلن جي حل ۾ سياست جو ئي عمل دخل ئي آهي.

اسان کي سماج سڌارڪ جدوجهد کان، سياسي مسئلن جي حل تائين واري سفر جو سڀ کان اهم ۽ نمايان مثال سائين جي.ايم. سيد جي زندگيءَ منجهان ملي ٿو. ڇاڪاڻ ته پاڻ پنهنجي عملي جدوجهد جي شروعات سن شهر ۽ ان جي پسگردائي ۾ عام ماڻهن، خاص طور تي سنڌي مسلمانن جي سماجي مسئلن حل ڪرڻ ۽ انهن جي ابتر حالت کي سڌارڻ واري عمل سان ڪيائون، جنهن جو دائرو وقت گذارڻ سان تعلقو، ضلعو ۽ پوءِ سڄي سنڌ تائين پکڙجي ويو. اهڙي ريت سنڌن سماجي مسئلن .جي حل لاءِ شروع ڪيل تحريڪ آهسته آهسته ٿي، تجربن جي روشنيءَ ۾ قومي مسئلن جي حل واري جدجهد جو روپ اختيار ڪري ويئي.

هن ڪتاب ۾ اسان سيد صاحب جي سماجي جدوجهد واري ان اوائلي دور جو مواد پيش ڪري رهيا آهيون، ته جيئن پڑهندڙن اڳيان سائين جي. ايم. سيد جي ان دور واري علمي ۽ عملي جدوجهد جو خاڪو سامهون اچي سگهي.

**سيد جلال محمود شاهه**
ايڪٽنگ چيئرمين
جي. ايم. سيد فائونڊيشن
ڪراچي

# پيش لفظ

سائين جي. ايم. سيد بنيادي طرح سماج سڌارڪ هو. سندس اها سماج سڌارڪ واري سوچ عملي طرح سان 1917ع ۾ سندن ڳوٺ سن کان شروع ٿي ۽ اوائلي دور ۾ ان جو دائرو مٽياري سيدن ۾ اصلاح آڻي بدرسمون ۽ فضول خرچيءَ وارن ڪمن جو خاتمو آڻڻ هو پر پوءِ جلد ئي پاڻ ان تحريڪ کي سن ڳوٺ ۽ پوءِ ان جي پسگرائيءَ جي عوام منجهان بدرسمون ۽ بدعتون ختم ڪرائي سندن ڀلائي ۽ بهتري آڻڻ تائين وڌايو. بعد ۾ اها تحريڪ سن شهر ۽ ان جي پسگردائي کان تعلقي محال مانجهندن جي عوام جي خدمت تائين پهتي. پر سيد صاحب جنهن کي مستقبل ۾ سڄي عالمِ انسانيت لاءِ ڪم ڪرڻو هو. ان جي اها تحريڪ اتي رڪجڻ واري ڪا نه هئي. اهڙي ريت 1924ع جي پڇاڙيءَ ڌاري ڪراچي ضلعي جي زميندارن ۽ آبادگارن جي ائسوسيئيشن ٺاهيائين. جنهن جو ذڪر ڪندي. 19 جنوري 1925ع تي سيد ميران محمد شاهه کيس لکيو، ”ڪراچي ضلعي جي زميندارن ۽ آبادگارن ٺاهڻ جي مبارڪ هجيو. اميد تہ رولن جي ڪاپي ٺٽي ڊويزن جي زميندار ائسوسيئيشن جي سيڪريٽري ڪان جلد وٺي موڪليندس“ (1)

اهڙين خدمتن سبب سيد صاحب کي جڏهن عوام تعلقي مانجهند لوڪل بورڊ جو صدر چونڊيو تہ ان حيثيت سان کيس ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. اهڙي ريت پاڻ، هڪ ئي وقت تعلقي لوڪلبورڊ جو صدر ۽ ضلع لوڪلبورڊ ڪراچي جو نائب صدر طور ڪم ڪرڻ لڳو. ان منصب تي ڪم ڪندي کيس ٿورو ئي وقت گذاريو تہ سندس ڪيل خدمتن جي مڃتا طور، 1928ع ۾ ضلعي جي مخير شخصيتن کيس با اثر زميندار ديوان شيوا رام جي مقابلي ۾ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچي (جنهن ۾ ان وقت ٺٽو ضلعو، ۽ ڪوٽڙي تعلقو شامل هئا، جو پريزيڊنٽ چونڊيو. اهڙي طرح سان سيد صاحب جي سن شهر کان شروع ٿيل انهيءَ خدمت خلق واري عمل جو دائرو وسيع ٿيندو

---

(1) رهاڻ ص 20

ويو. سندس دل ۾ غريب ماڻهن لاءِ همدردي ۽ سماج سڌاري جو جذبو تہ اڳ ئي بيدار ٿيل هو. پر ڪراچي ضلعي جي ان اهم عهدي تي پهچڻ وقت کيس ڪجهہ اهڙو ماحول مليو، جنهن ۾ جمشيد مهتا، دادا چينمل پرسرام، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ حاتم علوي جهڙن شخصيتن جي کيس صحبت نصيب ٿي تہ سندس ان خدمت خلق واري جذبي کي چڙ چار چنڊ لڳي ويا. ان دور ۾ سيد صاحب خدمت خلق جو جذبو رکندڙ بزرگن کان رهنمائي وٺڻ لاءِ کين وقت بہ وقت خط لکي صلاحون وٺڻ شروع ڪيون. اهڙي هڪ خط جي جواب ۾ جنوري 1929ع تي ڪراچي جو هڪ سماجي ورڪر ۽ سياسي ڪارڪن مسٽر رستم خورشيد کيس جواب ۾ لکيو.

”اوهانَ پروگرام ۾ جيڪي تجويزون رٿيون آهن، تن مان جيڪڏهن ٿوريون بہ عمل ۾ اچي ويئون تہ ملڪ جي تمام وڏي خدمت ٿيندي. آءُ پنهنجي طرفان توهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ توهان مٿئين ڪم لاءِ، منهنجي خدمتن تي منهنجي وسعت آهر ڀروسو رکي سگهو ٿا.“ (1) اهڙي طرح سيد صاحب رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ مشهور سماجي ڪارڪن ۽ ڪراچي ميونسپالٽي جي پريزيڊنٽ کي هن طرح مخاطب ٿيو. ”اها حقيقت آهي تہ اوهان جون خدمتون سنڌو ماتا لاءِ يڪتا رهيون آهن. ۽ مون کي فخر ٿئي ٿو تہ، ان ڳالهہ جو اظهار ڪريان تہ اوهان ڪهڙي طرح غريب ۽ پنتي پيل ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي! منهنجو موجوده مقصد پڻ انهيءَ ساڳئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جو توهان شروع ڪيو آهي. جنهنجو ارادو آهي تہ قومي ڪارڪنن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺايان، تہ جيئن سماجي خدمت لاءِ گڏجي ڪا رِٿ تيار ڪجي. اوهان کي ان ڪم ۾ ماهر سمجهي، آءُ اوهان جي صلاح ۽ مدد گهران ٿو.“ (2) اهڙي ريت سال 1929ع ۾ سيد صاحب ڪراچي ضلعي اندر ”ڳوٺ سڌارڪ تحريڪ“ شروع ڪرائي، ڳوٺاڻن جي زندگي سان وابستہ هر معاملي ۾ سڌارن آڻڻ لاءِ مختلف

---

(1) اڄ پڻ چڪيم چاڪ. ص 169

(2) ايضاً ص 91

قومي ڪارڪن سان خطن رستي ۽ روبرو مشورا ڪري 9 فيبروري 1929ع تي ڪراچي ميونسپالٽي جي پريزيڊنٽ، مشهور سماج سڌارڪ مسٽر جمشيد ميتا نسروانجي جي صدارت هيٺ گارڊن ڪوارٽر واري بنگلي تي هڪ ڪانفرنس سڏائي، جنهن ۾ ”ڳوٺ سڌارڪ تحريڪ“ نالي هڪ جماعت جو بنياد وجهي ڪراچيءَ ضلعي ۾ عوامي ڀلائيءَ وارن ڪمن جي شروعات ڪئي ويئي.

ڳوٺ سڌار هلچل هيٺين مختلف حصن تي مشتمل هئي

1. ڪراچي ضلعو ڳوٺ سڌار ائسوسيئيشن 2. زالن جي بهتريءَ لاءِ جماعت 3. مالدارن جي بچاءُ لاءِ ائسوسيئيشن 4. ڪو آپريٽو انسٽيٽيوٽ 5. مير بحرن جي حقن جي حفاظت لاءِ جماعت 6. زميندارن ۽ آبادگارن لاءِ جماعت.

ان سلسلي ۾ جو سيد ڪان پهريان پاڻ پوري ضلعي جو تفصيلي دورو ڪري، ڳوٺن ۽ ڀهراڙين جي صورت حال معلوم ڪري، مٿي ذڪر ڪيل انجمنيون قائم ڪرايائين ۽ ڌار ڌار منجهيل سماجي ڪارڪن کي صدر مقرر ڪيائين ۽ پاڻ سواءِ عورتن واري جماعت جي باقي ٻين سمورين جماعتن جو سيڪريٽري طور ڪم سرانجام ڏيندو رهيو.

سيد صاحب کي ان ڳالهه جو بخوبي اندازو هو ته جيستائين عوام ۾ سجاڳي نه ٿي اچي، جيستائين عوام سماجي براين منجهان نڪري پنهنجي پيرن تي نه ٿو بيهي وڃي، ان وقت تائين برصغير جي ڇوٽڪاري جو امڪان ڪونهي، انڪري سيد صاحب هفتيوار ”مسلمان“ 18 فيبروري 1929ع جي شماري ۾ ڳوٺ سڌار هلچل بابت جيڪو وضاحتي مضمون لکيو، ان ۾ واضح لفظن ۾ لکيائين ته: ”هندستان جي سوراج کي ويجهي ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي ضلعي ۾ پنهنجي آئنده ٽن سالن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ پروگرام ٺاهيو ويو آهي.“

سندس اهو پروگرام تمام وسيع هو، جنهن ۾ ڍنڍن کي زور وٺرائڻ، تعليم بالغان جو انتظام ڪرڻ، هارين جي سڌاري لاءِ کيتيءَ جي نون طريقن کي رائج ڪرڻ، تعليم وڌائڻ لاءِ، رات جي اسڪولن جو انتظام ڪرڻ. مالدارن ۽ مير بحرن، ڪاتيدارن ۽

زميندارن سان گڏ عام ماڻهن جي سماجي مسئلن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ هو.

ڊسمبر 1929ع ۾ سيد صاحب ڪراچي جي خوشحال مسلمانن جي، پنتي پيل مسلمانن بابت سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ هڪ گڏجاڻي سڏائي، ان موقعي تي هڪ ڪاميٽي ناهي ويئي جنهن جو حاجي عبدالله هارون صدر ۽ پاڻ سيڪريٽري مقرر ٿيو.

جنهن دور ۾ سيد صاحب ڪراچي ضلعي جي عوام ۾ پيدا ٿيل خرابين کي دور ڪرڻ ۽ سڌارا آڻي سندن سماجي مسئلا حل ڪرڻ واري ڪم ۾ مصروف عمل هو. ان وقت ۾ هڪ طرف سنڌي مسلمانن ۾ شعور جي گهٽتائي هئڻ ڪري مسئلن کان لاعلميءَ وارو رجحان هو ته ٻئي طرف طاقت ور هندو گروهه جيڪو هرجاءِ، حاوي هو. تنهن نه پئي چاهيو ته ڪو دردِ دل رکندڙ مسلمان به اڳتي اچي ۽ عوام جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ قائدانه ڪردار ادا ڪري. ان ڪري سيد صاحب 1928ع ۾ جڏهن ديوان شيوا رام، جيڪو سالن کان ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ جي صدارت تي چونڊبو ايندو هو. ان جي مقابلي ۾ بيٺو تڏهن، ٿرٿلو مچي ويو. ان وقت ميرپورخاص مان نڪرندڙ اخبار "مسلمان" 15 آڪٽوبر 1928ع واري پرچي ۾ سيد جي سنڌي مسلمانن جي ڀلي لاءِ ماضيءَ ۾ ادا ڪيل ڪردار جو حوالو ڏيندو. هڪ سبق آموز خاڪو لکيو هو. جنهن جو عنوان هو، "بزرگي عقل است، نه بسال" ان خاڪي ۾ لکيو ويو:

"جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب زميندار سن جي نام نامي ۽ اسم گراميءَ کان سنڌ جو هر هڪ باشندو واقف آهي. هن جي زياده تعريف ڪرڻ لاءِ ڪنهن نوجوان جي مشڪين قلم جي ضرورت آهي باقي اسان جهڙن ڪراڙن جا هٿ ۽ قلم ته بلڪل عاجز آهي.

هو عمر جو ننڍو ليڪن هن جو عقل سليم انهي درجي تي پهتل آهي جتي زياده عمر رسيدن جو فهم- فراست رسائي ڪرڻ کان بلڪل عاجز آهي.

خدا تعاليٰ خود سرائي کان هن ۾ بني نوع انسان جي همدردي

جو پورو مادو نصيب ڪيو آهي جنهنجي بناتي هنجي زندگيءَ جو هر هڪ سال، هر هڪ ماهه، هر هڪ ڏينهن، هر هڪ لحظو انهيءَ خيال ۾ مستغرق آهي تہ جيڪڏهن دنيا ۾ رهجي تہ پبلڪ جو خادم ۽ همدرد ٿي رهجي ورنہ طبعي موت کان اڳ دنيا کي ڇڏڻ گهرجي.

جيڪڏهن سنڌ جي هر هڪ گوشي ۾ اهڙا خلق جا همدرد موجود هجن تہ پوءِ قوم جي لوڏا کائيندڙ ڪشتي هوند بلڪل جلد منزل مقصود تي پهچي وڃي."

ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ چونڊڻ بعد سيد صاحب هيٺين ٻن طريقن سان سماجي خدمت واري مهم هلائي.

الف: عملي

ب: علمي

عملي ڪمن واري حوالي سان ضلعي سربراهہ جي حيثيت ۾ سيد صاحب ضلعي جو تفصيلي دورو ڪيو. سندن ياران ڪيل ان دوري جي لکيل رپورٽ پڻ هتي ڏني ويئي آهي تہ جيئن سيد صاحب جي ان وقت واري سوچ ۽ عمل کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿي سگهي. جيتوڻيڪ ان رپورٽ منجهان ڪافي ڳالهيون اڳتي هلي سيد صاحب پنهنجي سوانح عمريءَ واري ڪتاب ۾ پڻ ڏنيون آهن پر سندن هٿ اکر لکيل ان رپورٽ ۾ آيل اهو مڪمل مواد هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن منجهان اهڙا معلومات ملي ٿي تہ پاڻ ان دور ۾ عام ماڻهن جي مسئلي ۾ ڪيڏي نہ گهرائيءَ سان دلچسپي وٺندو هو. پاڻ عملي طور ضلعي ڪراچيءَ جي ڏوراهن ڳوٺن جا گشت ڪري، عوام جي حالت جو مشاهدو ڪيائين ۽ پوءِ ان شاهديءَ جي روشنيءَ ۾ قوم جي مختلف طبقن، جهڙوڪ مالدار، مير بحر، هاري، زميندار ۽ عورتون وغيره جي مسئلن کي نظر ۾ رکندي، انهن جي مختلف مسئلن جي حل خاطر وقت بہ وقت مضمون لکيا ۽ مختلف سرنديءَ وارن ماڻهن کي خط لکي تعاون جي اپيل ڪئي ۽ انهن مان ڪيترن کي پاڻ سان مددگار طور ساڻ ڪنيو.

ان مواد منجهان خبر پوي ٿي تہ سيد صاحب جڏهن گشت ڪري. ملڪ جي مختلف طبقن جي ابتر حالت ڏسي ٿو ۽ هر گروهہ

جون مخصوص حالتون محسوس ڪري ٿو، تڏهن انهن جي مسئلن کان باقي ملڪ وارن کي آگاهي ڏيڻ ۽ انهن ۾ احساس پيدا ڪرڻ لاءِ قلم کڻي ٿو. ۽ هر طبقي بابت سندن مخصوص حالتن ۽ ڏار ڏار مسئلن جي روشنيءَ ۾ مضمون لکي اخبارن ۾ شايع ڪرائي ٿو. گشت دوران عوام جي سهائتا لاءِ کهڙيون ڪارگر سوچون سندس ذهن ۾ اڀرن ٿيون. ان ڳالهہ جو اندازو انهن راين منجهان ٿي سگهي ٿو، جيڪي پاڻ ضلعي جي ڏوراهن علائقن جي گشت دوران، پنهنجي گشتي رپورٽ ۾ پيش ڪيون آهن.

سيد صاحب جيئن تہ ان وقت ضلعي لوڪلبورڊ جو چيئرمين هو. انڪري ضلعي جي سڌاري واري حوالي سان هر مسئلي تي سندس نظر هئي. گشت دوران، ڳوٺن سان وابستہ ہر مشڪل جهڙوڪ: تعليم، رستا، انسانن ۽ جانورن جي صحت، هنر، پاڻي، اجهو ۽ روزگار جي ذريعن طرف سندس خاص ڌيان نظر اچي ٿو. مٿين مڙني مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جا ڪوشش شروع ڪئي ويئي تنهن کي نالو ڏنو ويو، "ڳوٺ سڌار تحريڪ" ان "ڳوٺ سڌار تحريڪ" جون وري ڪيتريون ئي ننڍيون ننڍيون جماعتون هيون. مطلب تہ سيد صاحب عوام جي روزمره زندگيءَ سان لاڳاپيل هر شعبي تي ڪم ڪرڻ پئي چاهيو.

زندگي جي ان گهڻ رخي جدوجهد کيس ايترو تہ مصروف ڪري ڇڏيو هو، جو مهينن جا مهينا ڳوٺ بہ نہ وڃي سگهندو هو. سندس ان مصروفيتن جو اندازو 26 جون 1929ع تي ڳوٺ والده کي لکيل هيٺين خط منجهان ٿئي ٿو. لکي اٿس: "گهڻا ڏينهن ڳوٺ کان ٻاهر تيڻ ڪري ائين نہ سمجهو تہ هتي ڪراچي ۾ رهڻ ڪري عزيزن کي وساري وينو آهيان. پر هتي بہ ملڪ ۽ قوم جي خدمت پيو ڪريان." ڪين ان وقت بہ عوام جي بي ڌيانائي ۽ بي توجهيءَ جو اندازو ٿي چڪو هو، ان ڪري ساڳي خط ۾ ماڻهن جي روين بابت اظهار ڪندي لکيائون. " ٻئي طرف ملڪ ۽ قوم جي ماڻهن جي اها حالت آهي جو جيڪي ساڻن چڱايون ڪن ان سان برايون ڪيون وڃن ٿيون."

سيد صاحب جي علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب سان ٿيل خط و

ڪتابت منجهان ان ڳالهه جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو تہ قاضي صاحب، سيد جي سرگرمين ۾ دلچسپي وٺندي، ڪيس وقت بوقت صلاحون ڏيندو رهندو هو. ڇاڪاڻ تہ پاڻ سنڌي مسلمان جي سڌاري لاءِ ڪوشان هو ۽ اهو ڪم هو سائين جي. ايم. سيد کان ڪرائڻ جو خواهشمند هو. سيد ڪراچي ضلعي اندر مختلف حوالي سان جنهن محنت ۽ جانفشانيءَ سان سماجي خدمت واري شروعات ڪئي ۽ ان ۾ ايترو تہ ڏينهن رات مصروف عمل رهيو. جو ڪيس لڳ لاڳاپي وارن ۽ مٽن مائٽن سان، اڌ ملاقات (خط) ڪرڻ جو بہ موقعو نہ پئي مليو. اهڙي حالت ۾ قاضي صاحب، جنهن جو سيد سان پيار هو ۽ سندس سرگرمين ۾ دلچسپي وٺندي، وقت بوقت ڪيس صلاحون پڻ ڏيندو رهندو هو. تنهن ڪي سيد پاران خط نہ اچڻ تي ويچار ٿيڻ لڳو. انڪري 27 ڊسمبر 1929ع تي ڪيس هڪ خط ۾ لکيائين، "تو ملڪ جي بهتريءَ لاءِ جيڪي ڪم هٿ ۾ ڪنيا آهن. خدا شل توکي انهن جي سرانجام ڪرڻ جي توفيق ڏئي ۽ مدد ڪري. پر انهن ڪمن ۾ ڦاسي پوڻ ڪري اسان اهو نہ ٿا گهرون تہ تنهنجي اسان لاءِ پيار ۽ محبت ۾ ڪوتاهي ٿئي." (1) اهڙي ريت قاضي صاحب نهايت پاٻوهہ مان، پيار ۽ شفقت واري نموني سيد صاحب جي تربيت ڪندو پئي رهيو. ان دور جو ذڪر ڪندي سيد صاحب لکيو آهي تہ، "ان وقت سياست مون تي غالب هئي، ان ڪان مون ڪي ٻاهر ڪڍي، ڪلچرل ميدان ۾ آڻڻ ۽ عملي ذوق ڏيارڻ لاءِ قاضي صاحب توجهہ ڏيندو رهيو".

ان وقت عوام ۾ سجاڳي آڻڻ ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سيد صاحب جيڪو ڪراچي ضلعي جو دورو ڪيو هو. ان تان سندس مخالفن وقت جي ڪليڪٽر مسٽر گبسن جي صلاح سان سيد خلاف محاذ کڙو ڪري، ان دوري کي بند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جو تفصيلي ذڪر هن ڪتاب ۾ آيل آهي. ان دوري دوران سيد صاحب کي سندس دوست ميران محمد شاهہ لکيو "اوهين گشت ۾ هئا. ڪراچي ۾ ويو هوس، جتي ڊسلوا ۽ ٻيا مليا، جن کي اوهان

---

(1) ساهڙ جا سينگار 304

(2) رهاڻ ص 46-47

ڏانھن رنجش گھٽي ھئي. اوھان جي گشت جي پروگرام کي ھنن حسد جي نظر سان ڏٺو ٿي. بلڪ ان کي بيقاعدي نھرائڻ جي ڪوشش ھئين. مون ڏسلوا سان بحث ڪيو تہ لوڪلبورڊ ائڪٽ جي مفھوم اندر (اھو) پروگرام اچي وڃي ٿو... اوھان جي خلاف سازش ھلندڙ آھي. قاضي عبدالرحمان ان ۾ شامل آھي. ٻيو مقصد تہ سندس ڪو نہ ٿو ڏسان. شايد اوھين چيف آفيسر جي منشا مطابق نہ ھلندا ھوندا. (2)

گبسن ۽ ٻين مقامي مخالفن جي مخالفت باوجود سيد صاحب 1929ع جو سڄو سال علمي ۽ عملي حوالي سان سماجي ڪمن ۾ مصروف رھندي، مضمون لکڻ ۽ گشت ڪرڻ ۾ مصروف رھيو ان ڳالھہ جو ذڪر ڪندي علامہ قاضي ڪيس فبروري 1930ع ۾ لکيو.

"اسان تنھنجي سرگرمين جو احوال گھري دلچسپيءَ سان پڙھندا رھون ٿا. ازانسواءِ تنھنجا بھترين مضمون پرڪاش اخبار ۾ بہ پڙھيا اٿئون "جزاڪ الله خيراً" خدا تنھنجو انھيءَ پروگرام جي ڪاميابيءَ لاءِ مددگار ٿيندو. تون سندس ڪم ڪري رھيو آھين. تنھنجي مخالفن جو تعداد بہ ٿورو نہ آھي. انھن کي خدا راھہ ھدايت بخشي پر انھن لاءِ خدا جو لقب "خير الما ڪرين" ڪم ڏيندو." (1)

سيد صاحب جي سماجي مسئلن جي سڌاري واري حوالي سان اھا گھڻ پاسائين جدوجھد پنھنجي جاءِ تي، پر سندس ئي ڪي اھڙا دورانديش دوست بہ ھئا. جيڪي سيد جي جدوجھد بابت ڪنھن ٻئي رخ کان سوچي رھيا ھئا. سندس اھڙن دوست ۾ مسٽر حاتم علوي پڻ ھڪ ھو. جنھن سندس ان گھڻ پاسائين سماج سڌارڪ جدوجھد کي ڏسندي ڪيس 23 اپريل 1930ع تي ھڪ خط ۾ لکيو: "جنھن ڳالھہ جو مون کي گھڻو فڪر آھي، سو سکر بئراج جو معاملو آھي. آءُ نہ ٿو ڄاڻان تہ سنڌ ۾ ڪو ھڪ بہ اھڙو مسلمان ھجي، جنھن کي سنڌ جي مستقبل بابت ڪجھہ خبر ھجي. آءُ ڏسان ٿو تہ سنڌ جي مسلمانن جي زندگي سکر بئراج تي مدار رکي ٿي. ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اھي ئي ان بابت وڏيڪ سست آھن... جيڪڏھن سنڌ جا وڏا زميندار اھو سمجھيو

---

(1) ساھڙ جا سينگار، ص 37

وينا آهن تہ بئراج جي زمين جو وڏو حصو ڪين ملندو تہ اها سندن پَل آهي. گورنمينٽ انهن کي نہ ڏيندي. ڪيترن زميندارن وٽ بي انداز ملڪيت آهي. منهنجي راءِ آهي تہ انهيءَ پيسي مان سنڊيڪيٽ ناهي، پيسو سيڙائڻ گهرجي. هن لاءِ زمين وٺڻ واسطي ان کان وڏيڪ فائدي واري ڳالهہ ڪانہ ٿيندي.... پر ان معاملي ۾ دلچسپي ڪير وٺي؟ منهنجي سمجهہ موجب، جي. ايم. سيد اڪيلو ئي آهي، جو ائين ڪري سگهي ٿو. اوهان لاتعداد جماعتون ناهڻ ڇڏي ڏيو. جو وقت انهن جي قاعدن قانونن جوڙڻ ۾ صرف ڪريو ٿا، سو بچايو."(۱)

اهڙي طرح ڪجهہ سرڪاري ڪارندن جون مخالفتون تہ ٻئي طرف سيد صاحب جي دوستن جون ڪوششون ئي هيون جن، ڪيس سماج سڌارڪ تائين محدود رهڻ نہ ڏنو ڇاڪاڻ تہ ڪيس عملي ڪم ڪرڻ دوران ان ڳالهہ جو اندازو ٿي ويو تہ سمورن مسئلن جو بهتر حل صحتمند سياسي جدوجهد ۾ ئي سمايل آهي.

هي ڪتاب سيد صاحب جي ان سماجي تحريڪ کان سياسي تحريڪ ڏانهن سفر ڪرڻ واري علمي ۽ عملي ڪم جو ٿورو رڪارڊ آهي، جنهن جو ڪجهہ حصو ان دور وارن اخبارن ۾شايع ٿيو هو ۽ ڪجهہ مواد سائين جي. ايم. سيد جي منتشر ٿيل مواد ۾ موجود آهي. آئون ٿورائتو آهيان سائين جلال شاهہ جو، جنهن هر وقت مون لاءِ لائبريري جا دروازا کليا رکيا ۽ مان آسانيءَ سان گهربل مواد ڳولي سگهيس. اهڙي ريت سندس خاص دلچسپيءَ ڪري ئي هي مواد تيار ٿي سگهيو آهي. هي مواد گهڻي وقت گذرڻ ڪري، عام پڙهندڙن جي اکين کان اوجهل رهندو پئي آيو. ان کي هاڻ ڪتابي صورت ۾ سهيڙي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪجي ٿو.

طالب العلم

**آزاد قاضي**

آڪٽوبر 2003ع

---

(۱) اڄ ٻن جڪيم جاڪ، ص 134

٧٨٦

ان الله لا يغير ما بقوم حتى يغيروا

ما بانفسهم

خدا نے آج تک اس قوم کی حالت نہیں بدلی

نہ ہو جسکو خیال آپ اپنی حالت کے بدلنے کا

# تنظيمي پروگرام

تيار ڪيل محال مانجهندن

جي مسلمانن لاءِ

ٻيو قسم


سيد غلام مرتضيٰ ولد مرحوم سيد

ميان محمد شاه صاحب سنائي


1928ع ۾ سيد جو لکيل پهريون ڪتاب

# سنڌ جا سادات ۽ انهن جو سڌارو

(هڪ مدرسه جي ضرورت سيد ميان فضل علي شاهه کي جواب)

اوهان جي اپيل پڙهڻ بعد مناسب سمجهيم ته هن وقت تائين سيدن جي تنظيم لاءِ جيڪي ڪوششون ٿيون آهن تن جو مختصر بيان ڪري ۽ ان ڪم جي ڪاميابيءَ ۾ جي مشڪلاتون هيون، سي ان سان گڏ آئينده منهنجي نظر ۾ ان مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪي علاج سُجهن ٿا، سي عرض رکندس ته همدردي رکندڙ صاحب ان سوال تي سرسري نظر بعد، غور ڪري راءِ قائم ڪري سگهن.

پهرين 1923 جي جنوريءَ ۾ جناب مرحوم حاجي اسدالله شاهه صاحب ٽڪڙائيءَ جي صلاح مصلحت سان انجمن سادات مٽاريءَ جو سن جي ڪانفرنس ۾ بنياد وڌو ويو ۽ ڪيترا ٺهراءَ پاس ڪيا ويا ۽ پوءِ به ان جون ميٽنگون ٿينديون رهيون. ٻي ڪوشش راشدي خاندان مان ٿي جن انجمن قائم ڪري ان کي ڪجهه مدت تائين هلايو ۽ "الراشد" اخبار ڪڍي جا ڳچ مدت تائين هلي. ٽين ڪوشش سيد ميان محبوب علي شاهه سکر واري ڪئي جو صاحب سنڌ جي گهڻن بزرگن کي، خرچ ۽ تڪليفون ڪري، روبرو ملي مقصد سمجهائي، ڪانفرنس ۾ اچڻ لاءِ تاڪيد ڪري ويو ۽ آخر سکر ۾ ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ به ڪيترا ٺهراءَ پاس ٿيا.

اسان کي هاڻ ڏسڻو آهي ته انهن ڪوشش مان نتيجو ڪهڙو نڪتو. سرسري طرح نظر ڪرڻ سان ائين ڏسڻ ۾ ايندو ته اگرچه حسب المقصود نتيجو ڪونه نڪتو ته به ڪوششون رائگان نه ويون. جهڙي طرح مٽياري سيدن جي انجمن جو مون کي آزمودو آهي ته ان انجمن جي ڪري جا واقفيت، قومي احساس ۽ جذبو پيدا ٿيو آهي سو

فروگذاشت جهڙو نہ آهي ۽ هميشه اها اميد رهي ٿي تہ ڪنهن وقت وري اها انجمن اڳي کان زياده سرسبز ٿي بار آور ٿئي. جيڪڏهن انهن ڪوششن مان ڪثير فائدو نہ نڪتو آهي تنهن جو سبب مسلمان قوم جي پشت پيل حالت ۽ پنهنجي نفعي نقصان جي ڳالهين کان بي حسي، ترقيءَ واري راهہ ۾ جدوجهد ڪرڻ کان بي اتفاقي آهي اسان اجان صرف ڪانفرنس ڪرڻ ۽ نعراءَ پاس ڪرڻ ۽ لنبيون تقريرون ڪرڻ کي ئي سرجوشي چوندا آهيون ۽ ميٽنگن ۾ عهدن تان لڙڻ ۽ رهڻ ۾ سبقت کڻڻ کي ترقي ٿا سمجهون. ليڪن عمل جي وات کان پري رهون ٿا. البت ڪانفرنسون بہ پروپيگنڊا جو ڪم ڏين ٿيون. واقفيت، تبادلہ خيالات، قومي احساس پيدا ڪرڻ لاءِ چنگو موقعو پيدا ڪن ٿيون پر آزمودي مان حالت اها معلوم ٿي ٿئي تہ وڏا باحيثيت صاحب يا تہ اهڙا سست آهن جو جاءِ کان نڪري ڪانفرنس ۾ اچڻ نٿو پڄين يا لاغرض ۽ مغرور آهن. بهرحال سندن ان نہ اچڻ جي حالت ۾ ڪانفرنسون ڪامياب طرح سندن مقصد ادا ڪري نٿيون سگهن. تڏهن ٻيو ڪهڙو طريقو آهي جنهن وسيلي حسب المراد مقصد حاصل ٿي سگهي ۽ مون جيترو ان مسئلي تي غور ڪيو آهي تہ سواءِ هن ڳالهہ جي تہ هڪ مدرسو جتي سڄي سنڌ جي سيدن جا ڇوڪرا قديم توڙي جديد تعليم حاصل ڪن، ٻيو ڪو ڪارگر علاج نظر نٿو اچي. هڪ هنڌ گڏ رهڻ ۽ پڙهڻ مان واقفيت پيدا ٿيڻ کان سواءِ، هڪ عجيب قسم جي قومي اخوت ۽ اولاالعظمي پيدا ٿي ٿئي. جيڪڏهن ان مدرسي ۾ بورڊنگ هائوس بہ هوندو تہ اها جاءِ ساليانہ تعطيل وقت ڪانفرنس سڏائڻ لاءِ دائمي مرڪز ٿي پوندي ۽ اتي ايسوسيئيشن جا جلسا بہ ٿي سگهن ٿا ۽ هڪ اخبار بہ جاري ڪري سگهجي ٿي ۽ انهيءَ طريقي سان گهڻين ڳالهين کي زور وٺائي سگهجي ٿو.

هاڻ سوال آهي تہ ان لاءِ ڪيترو خرچ ٿيندو ۽ اهو ڪيئن حاصل ٿيندو ان تي جدا بحث ڪبو.

**خرچ**: منهنجي تخميني موجب 15 هزار روپيہ ساليانہ پيداوار جي ملڪيت، مدرسي جي لاءِ عمارت ۽ بورڊنگ هائوس گهرجن، جي جايون

نهليون ڪٽان ۽ ڪنهن صاحب ڪان نـ ملي سگهن تـ چندو ڪري نيون نهرائجن جن تي 25 هزار کن خرچ ايندو.

هاڻ سوال آهي تـ اهو پيسو خرچ لاءِ ڪٿا آڻبو ان جو جواب اهو آهي، سنڌ ملڪ جتي ٻارهن هزار کن آدمشماري سيدن جي آهي ۽ ٻـ لک کن ايڪڙ زمين جا انهن جي قبضي ۾ آهن ۽ سنڌ جي عام ماڻهن کان اڌ لک کن روپيہ نذر نياز رستي کين ساليانو ملي ٿو، تن ڪان بـ جيڪڏهن اهو صحيح ڪم پورو نـ ٿي سگهيو تـ يقين سان سمجهڻ گهرجي تـ کين دنيا جي هن تنازع البقا والحيات جي ڪشمش مان ڪامياب نڪرڻ جي ڪا اميد ڪانهي ۽ هنن جي حالت مريض الموت جي مثل ٿيندي، جنهن کي ڪانفرنس وغيره جهڙا رواجي علاج ڪجهہ فائدو ڪري نـ سگهندا. ليڪن مون کي يقين آهي تـ جڏهن کين هن ڳالهہ جو احساس ڪرايو ويندو تـ اهو قبيلو جنهن جي ماڻهن ۾ رات ڏينهن عبادت الاهي علم ۽ ڪشف ڪرامت هلندو هو. ان جي (هاڻ) جاءِ ڀنگ، چرس، رنڊي بازي، جهالت وٺندي وڃي، جن جي دروازن تي هزارها مريد ۽ عام ماڻهو دعا ۽ فيض وٺڻ لاءِ محتاج هوندا هئا ۽ هو پاڻ بي پرواهہ هئا سي اڄ ٻين جي دروازن تي چئن ڏوڪڙن جي لالچ تي دربدر ٿي رلي رهيا آهن. جن جي رسم رواج ۽ طرز معاشرت عام خاص ماڻهن لاءِ مثل راهہِ هدايت هئي، سي اڄ پاڻ وڃن ٿا بازاري اخلاق هٿ ڪندا. سندن اعليٰ علم، اخلاق ۽ بزرگي ان حد تي پهتل هئا جو ماڻهو انهن جي گهرن ۽ عورتن کي پاڪ ۽ معصوم جي لقب سان سڏڻ لڳا پر هاڻ سندن حالت وڃي ان حد کي پهتي آهي، جو هندستان طرف عام ماڻهن سان سڱاوتي ڪرڻ شروع ٿي ويئي آهي. هتي سنڌ ۾ جو ڪنهن حد تائين اڳين جي تقدس سبب عام ماڻهن سان سنڱابندي جي ڏي وٺ رهيل آهي سابہ جي اها حالت پستيءَ جي رهي تـ ڪنهن ڏينهن اچي منهن ڪيندي. تازو هڪ واڻيي جو هڪ بي بيءَ کي پرڻجڻ جو واقعو الوحيد اخبارن ذريعي ظاهر ٿيڻ، انهن لاءِ جي منجهن ذرا بہ غيرت هوندي تـ سندن ڪريل حالت جو ڪافي ثبوت ۽ عبرت آميز واقعا آهن.

اهو وقت دوربين اکين ڪان پري ڪونهـ آهي جڏهن سندن ان پستيءَ ۽ الغرضائي سبب موجوده فخر خاڪ ۾ ملي ويجي.

مون کي ڪافي اميد آهي تہ اهي ڳالهيون جيڪڏهن انهن کي ذهن نشين ڪيون ويون تہ سندن هاشمي جز ۾ ضرور جوش حميت پيدا ٿيندو ۽ مال ملڪيت بلڪ جان سوڌو سڀ پنهنجي آئنده عزت ۽ شان برقرار رکڻ لاءِ قربان ڪرڻ کان دريغ نہ ڪندا. قرباني سندن ورثو آهي پڇاڙيءَ جو هنن اڳيان بہ ڳالهيون پيش ڪندس. يا تہ پاڻ کي ذليل ٿيڻ کان بچائڻ واسطي صفحہ هستي تان فنا ٿي وڃن يا پنهنجي عزت برقرار رکڻ لاءِ عملي قدم کڻن.

(سائين جي.ايم.سيد جي لائبريري مان مليل، جيڪو 1920ع واري ڏهاڪي جو لکيل معلوم ٿو ٿئي)

●

# سن ڳوٺ ۾ مڪاني هنرن
# جو واڌارو ۽ سڌارو

## پيداوار

هتي هيٺين شين جي پيداوار آهي.

1- جبل مان پيشِ جو گهٽي تعداد ۾ اچڻ 2- جبل مان رڍن جي پشم جو اچڻ 3- لاڻي جي وڻ مان ڪار جو پيدا ٿيڻ 4- سرنهن ۽ ڄانبي جو تيل 5- گهه جو جبل ۽ ماڙي ٻيلي مان اچڻ 6- ماکي ۽ ڪونئر جو ماڙيءَ ٻيلي مان اچڻ 7- ٻبر مان پلڙا ۽ ڇچڪا ٻيلي مان اچڻ 8- 20 ميل پنڌ تي چيروليءَ جون کاڻيون.

## مڪاني ڪم

1- پيشِ مان واڻ، تڏا، نکون، ڇبا، ڇبيون، دٻڪيون، ٻهارا ٺهن ٿا 2- پشم مان جبل ۾ فراسيون ۽ بوبڪن ۾ غاليچا ٺهن ٿا 3- لاڻيءَ مان ڪپڙن ڌئڻ جي پراڻي نموني تي ڪار ٺاهن ٿا 4- سرهه ۽ ڄانبي مان گهاڻن رستي تيل ڪڍن ٿا. جو ٻارڻ يا وهنجڻ ۾ ڪم اچي ٿو 5- کير ٻيلي يا جبل ۾ جيڪو ٿئي ٿو ان کي مانڌاڻن رستي ولوڙي مکڻ ڪن ٿا باقي جيڪي بچي ٿو ان کي لسي يا ڏڌ چون ٿا. جو مڪاني طرح هر روز پين ٿا. وڌيڪ ٿيڻ جي حالت ۾ هاري ڇڏين ٿا 6- ماکي ۽ ڪونئر ٻاهر موڪلين ٿا. ان کي ڪتب ڪونہ ٿا آڻين اهڙي طرح پلڙا ۽ ڇچڪار، چيرولي مڪاني طرح جاين ۾ ڪتب آڻڻ کان سواءِ ڪتب ڪانہ ٿي اچي 7- زالون ڀرت جو هرطرح نموني جو ڪم ڪن ٿيون.

## هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ تجويزون

1- پيش مان ٿوڪريون، سنا تڏا، شهرن جي گهرجن موافق سامان ٺوري سڌاري سان ٺهرائي سگهجي ٿو. جنهن لاءِ اهڙي قسم جو ڪاريگر 4 مهينا ڪن هن ڳوٺ ۾ آڻي ماڻهن کي سيکارڻ لاءِ ڪوشش ڪجي. آءٌ ٻانيان ٿو تہ ڊاريڪٽر آف انڊسٽريز بمبئي کي لکڻ سان يا ڪانگريس جي ڪولايل سڀا کي لکڻ سان، اهڙو ماڻهو گهرائي سگهبو. ٻي تجويز آهي تہ هتان جو ماڻهو اوڏانهن موڪلجي. جيڪي اهو ڌنڌو ڪن ٿا سي اڪثر ڪري زالون آهن سو ٻاهر ڪين وڃي سگهنديون باقي ڏاريو پڙهيل ماڻهو موڪلجي سو اهو ڌنڌو پيدائش وارو ڪونہ آهي جو جن جو اصل ڌنڌو آهي، تن کان سواءِ ٻيا گهٽي پيدائش وارا پڙهيل ماڻهو سکن. ازانسواءِ أهي بہ سکي وري هتي سيکارين اها ٻيٽي تڪليف آهي. سنڌ ۾ گهٽن هنڌن تي اهڙي قسم جو ڪم ٿيندڙ آهي سو هڪ ڪاريگر 12 مهينن لاءِ سنڌ واسطي ڪٺي گهرائجي. ان کان پوءِ هڪ ايجنسي ان ڪم جي کولجي جا انهن شين جو ڪئٽالاگ ڇپائي، انهن کي مشهوري ڏياري ۽ اخبارن ۾ اشتهار وجهرائي ملڪ کي خبردار ڪجي (ڄاڻ ڏجي).

2- پشم مان فراسيون ۽ غاليچا ٺهن ٿا پر هڪ تہ جتي فراسيون ٺهن ٿيون، اها ايراضي جبل ۾ هئڻ ڪري ماڻهن کي خبر نہ آهي ۽ ملڪ ۾ انهيءَ سامان جي مڪاني طرح گهرج گهٽ هئڻ ڪري ماڻهو وڃن ٿا ان ڌنڌي کي ڇڏيندا. غاليچن لاءِ بہ هڪ تہ پشم چڱيءَ طرح صفا نہ هئڻ ڪري، ٻيو اڳوٺي نمونې تي غاليچا ناهڻ ڪري، تيون ان ڪم جي ڪافي طرح مشهوري نہ هئڻ ڪري کپت تمام ٿوري آهي.

ان کي زور وٺائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن هزار روپين جي موڙيءَ سان هڪ ڪارخانو کولڻ گهرجي جو مڪاني پشم خريد ڪري ان کي چڱي طرح صفا ڪرائڻ لاءِ ڪو ماڻهو خاص طرح گهرائي. صفا ڪرائڻ جي بعد ۾ فراسين ۽ غاليچن جا ڪاريگر لڏائي اچي سن جي

ڳوٺ ۾ وهاري، اتي ڪين روز تي يا ٻي طرح رکڻ ۾ اچي ۽ سامان ان ڪارخاني جي معرفت ٻين ملڪن ۾ موڪليو وڃي ۽ اتان خاص طرح آرڊر گهرايا وڃن. سن شهر ۾ پيسن وارا ماڻهو يا ته ٻاهر وڏن شهرن ۾ ايجنسيءَ جو ڪم ڪن ٿا يا زميندار ۽ واپاري ماڻهو آهن. هنري ڪم جو آزمودو ڪونه اٿن. تنهن ڪري ان طرف پيسا ڪونه سيڙائيندا. ان طرف ڪو شهري انٽرپرائيزنگ خيال وارو ماڻهو قدم ڪڍي سگهندو. مڪاني طرح ڪنهن به ماڻهوءَ جو ان طرف ڌيان ڏيڻ ممڪن نه آهي.

3- لاٽيءَ جو وڻ تمام گهٽي انداز ۾ هئڻ ڪري، ماڻهو مڪاني طرح ڪار ناهين ٿا. اها پوري سڻي نه هئڻ ڪري هاٿي ان جو ڪاپو وڃي گهٽ ٿيندو ۽ ان جي جاءِ ڪاسٽڪ سوڊا وڃي وٺندي. جيڪڏهن ڪوجنا ڪرائجي ته امڪان آهي ته هي ڪار هوند ڪاسٽڪ سوڊا جهڙي ٿي پوي. پوءِ صابڻ جو ڪارخانو جو اڳي ڳوٺ ۾ آهي، جنهن لاءِ سوڊا ٻاهران ٿا گهرائين، هوند اهي مڪاني سوڊا ڪم آڻين ته پيسو به ڳوٺ ۾ رهي ۽ ڪيترن ماڻهن جو گذارو ٿي پوي ۽ ڪم از ڪم سڄي سنڌ جي ڪاسٽڪ سوڊا جو پورائو ٿي پوي.

4- سرنهن ۽ ڄانبي مان هينئر گهاڻن رستي تيل نڪري ٿو جو صرف ٻارڻ ۽ وهنجڻ جي ڪتب اچي ٿو. ڪوجنا جي ذريعي جيڪڏهن ان کي صابڻ جي ڪم آڻڻ جهڙو ڪجي ته هوند سن جي صابڻ فيڪٽري لاءِ ٻئي گهربل شيون مڪاني طرح پيدا ٿي پون يا ان کي سٽ گهٽرائي مٿي ۾ وارن جي مکڻ لاءِ ڪارگر تيل ڪري ڪم آڻجي. اڄ ڪلهه ملڪ ۾ ريشمي ۽ قيمتي ڪپڙا پائڻ ڪري ماڻهو ان تيل کان پاسو ڪري ولايتي تيل واپرائي رهيا آهن جو هڪ ته ان ۾ سُڳند يا خوشبوءِ آهي ۽ ٻيو سٽ به گهٽ آهي. هن تيل ۾ جي مٿيون ٻئي خاصيتون پيدا ڪرائي سگهجن ته ملڪ هوند ٻاهر جي تيلن کان آزاد ٿي پوي. ڳوٺ جا ماڻهو جي مٿين طريقي کان واقف ٿين ته هوند اعليٰ نموني جون مشينون آڻي ڪم ڪن. ان ڪم لاءِ ٻاهر جي ڪئپيٽل (موڙي) جي ضرورت ڪانه ٿئي جو اهو ڪم ڪندڙ ماڻهو سگهيا آهن.

5- ڊيري ڪولڻ لاءِ خاص سهوليتون آهن. هي طرف ٿوري ڏيان ڏيڻ سان ملڪ جي گهڻي ڀاڱي کي چيز ۽ مکڻ پهچائي سگهي ٿو ان لاءِ هيٺين ڳالهين جي ضرورت آهي. 1- فاريسٽ کاتي وارن کان خاص رعائتون ونجن جي، هن وقت هو ننا ڏين 2- مالدارن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي 3- هڪ مشين جو کير مان مکڻ ۽ چيز ٺاهي ۽ ٽن ڪري سگهي. 4- هڪ آزمودگار ماڻهو ان ڪم جي سنڀال لاءِ - ٻيلي ۾ هڪ هزار کن مينهون. 2000 هزار ڳئون. 4000 هزار ٻڪريون ۽ 4000 هزار رڍون آهن. هڪ سئو کان 250 مڻ تائين کير هر روز پيدا ٿئي ٿو.

6- ماکي عام طرح جدا جدا ملڪن ۾ وڃي ٿي پر واپاري ان ۾ ملاوت ڪري خراب ماکي ٻاهر موڪلين ٿا جي ماکي ٽن ڪرڻ جو نمونو ڪتب آڻجي تہ گهڻي ملڪ کي ماکي پهچائي سگهجي ٿي.

7- هتان ڪؤنر ڪيئي مڻ ٻاهر وڃي ٿو. جي ڪؤنر کي صفا ڪري شيشن رستي ٻاهر موڪلڻ جو ڪارخانو کولجي تہ گهڻي ملڪ کي پهچائي سگهجي. ٻيلي کاتي وارا جملي ڊويزن جي ڪؤنر هٿ ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪندا.

8- چيرولي جبل مان موٽر بس جي رستي اچي سگهي ٿي جو ان تڪر تائين موٽر جو پڪو رستو آهي ان ڪيِ سن ۾ آٽڻ بعد يا اتي پچائي طرح طرح جا پلاسٽر آف پيرس جا ڪم ٺاهي سگهجن ٿا.

9- اٽڪل 200 سو کن زالون پرت جو ڪم ڪن ٿيون انهن کي نون نمونن جا قسم ڏيکارجن ۽ ڪنهن فرم جي پاران وقت بوقت آرڊر ملندا وڃن تہ گهڻو ڪجهہ پرت جو ڪم ٿي سگهي.

10- سن جي پر ۾ ڪانهن ٻيلي ۾ گهڻا آهن. انهن مان پيپر پلپ ٿي سگهي ٿو.

11- سن. سامهون 20 ميل متي رني ڪوٽ ۾ پاڻيءَ جا آبشار آهن جي 12 مهينا پيا وهن. جيڪڏهن کو کوجنا ڪري تہ ممڪن آهي، اليڪٽريسٽي پيدا ٿي سگهي جا سن ۾ ڪارخانن لاءِ ڪارائتي ٿيندي ۽ ڪراچي بہ ان جاءِ کان 50 ميل جي مفاصلي تي آهي، اتي بہ نيئي سگهجي ٿي.

12- سن جي پر ۾ نئي ۾ رائي آهي جنهن ۾ ڏنو ويو آهي تہ شيشي جا گهڻا جزا آهن. کوجنا بعد ممڪن آهي شيشي جو ڪارخانو نهي سگهي. ريلوي کان 50 ياردن تي ڪارخانو پئجي سگهي ٿو ۽ نئين جي واري 100 ياردن تي آهي جنهن ڪري بار برداريءَ جو خرچ گهٽو ڪونہ ٿيندو. ٻيلو ويجهو هئڻ سبب ڪاٺيون بہ سستيون ۽ سهوليت سان ملي سگهنديون.

(سائين جي.ايم. سيد جي لائبريري مان مليل - جيڪو 1920ع واري ڏهاڪي جو لکيل ٿو لڳي)

●

# ڪراچي ضلعي جي سڌاري لاءِ سنڌ جي قومي ڪارڪنن، سياستدانن ۽ تعليمي ماهرن ڏانهن اپيل

## لوڪل بورڊ آفيس ڪراچي

1 جنوري 1929ع
پيارا سائين

منهنجي موجوده سوچ ۽ مقصدن ۾ اها ڳالهه اهم ٿي رهي آهي ته ڪراچي ضلعي جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪجهه ڪريان، ته ان جو معيار زندگي (Standard of living) بلند ۽ مهذب ملڪن جهڙو ٿئي.

هتي جا رهاڪو هر معاملي ۾ پوئتي پيل ۽ اڻ پڙهيل آهن. سندن حالت نهايت افسوسناڪ آهي. هتي جي ڏتڙيل ۽ پوئتي پيل ماڻهن لاءِ منهنجو هَڏ ڪُرڪي ٿو ۽ منهنجي دلي خواهش آهي ته روشنيءَ جي مشعل ٻاري، کين جهالت جي اونداهيءَ مان ڪڍي، امن ۽ خوشحاليءَ سان روشناس ڪرائي، مجبوريءَ ۽ غربت مان ٻاهر ڪڍان.

آءٌ اهو معلوم ڪري نهايت خوش ٿيو آهيان ته اوهان صاحب به ان ڏس ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪري رهيا آهيو. آءٌ اوهان کي اوهان جي سماجي زندگيءَ جي گرانقدر خدمات تي مبارڪباد ٿو ڏيان. گڏوگڏ عوام جي هڪ دوست جي حيثيت ۾ آءٌ حق بجانب ٿيندس، جيڪڏهن اوهان جي مدد ۽ همدردي ڪراچي ضلعي جي ڳوٺاڻن جي بهبوديءَ واسطي حاصل ڪرڻ لاءِ عرض ڪريان. ان ڏس ۾ آءٌ هڪ پروگرام رٿڻ گهران ٿو، ۽ نهايت احسانمند ٿيندس، جيڪڏهن اوهان اڳتي وڌي، پنهنجن راين ۽ مشورن سان ان ڪم ۾ منهنجي مدد ڪريو. توهان ان ڳالهه ۾ ته مون سان ضرور شامل راءِ ٿيندا ته ڳوٺاڻا ماڻهو

زندگيءَ جي هر معاملي ۾ پوئتي هئڻ سبب خاص توجهه ۽ سڌاري جا مستحق آهن، پر ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جي ترت توجهه طلب آهن، جهڙوڪ:

(1) زالن کي گهرجي بهتر ڪم ڪار، ويم جي تڪليف ۽ اولاد جي پرورش واسطي خاص هدايتون ڏيڻ.

(2) هارين جي حالت سڌارڻ لاءِ سندن جماعتون ناهڻ.

(3) مالدارن جي حالت بهتر ڪرڻ لاءِ سندن جماعتون ناهڻ.

(4) ميربحرن جي معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ سندن جماعتون جوڙڻ.

(5) ڳوٺاڻن جي حالت سڌارڻ لاءِ وليج پنچات ائڪٽ لاڳو ڪرائي، کين سڌريل زندگي گذارڻ لاءِ رستو ڏسڻ.

(6) ڳوٺاڻن جي حالت سڌاري، کين جديد تهذيب جي رهڻي ڪهڻيءَ سان روشناس ڪرائڻ.

(7) مال جي واڌاري ۽ حفاظت لاءِ پروپيگنڊا ذريعي مشورا ڏيڻ.

(8) نندڍڻ جي شاديءَ تي بندش وجهڻ ۽ ٻين اهڙين خرابين کان ماڻهن کي پلڻ.

(9) ڳوٺن ۾ مسافر خانا اڏائي، رستا درست ڪرائي، اسپتالون کولائي ۽ ٻيون اهڙيون ڳالهيون مروج ڪري، ڳوٺاڻن جي زندگيءَ کي مهذب بنائڻ.

(10) ڳوٺاڻن هنرن کي هٿي ڏيئي، نئين سر زنده ڪرڻ.

(11) زمينداري بئنڪون، خريد فروخت سوسائٽيون ۽ هائوسنگ سوسائٽيون برپا ڪرائي، آبادگار جي مدد ڪرڻ.

(12) نشي جي رواج کي گهٽ ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ؛ وغيره.

آخر ۾ آءٌ اوهان کي عرض ڪندس تہ اوهان مون سان ذاتي طور مٿين ڳالهين جي حصول لاءِ تعاون ڪندا. مون کي پڪ آهي تہ توهان جي مدد ۽ همدرديءَ سان آءٌ انهيءَ ڪم ۾ ڪامياب ٿي سگهان ٿو.

توهان جو مخلص

جي. ايم. سيد

# ڪراچي ضلعي اندر عورتن جي ڀلي لاءِ ڪوشش جي سخت ضرورت

اڄ جڏهن ماڻهو سڌاري طرف ڊوڙي رهيا آهن، ته به ملڪ جو زنانو فرقو آهي جنهن کي ٻاهرانڙيءَ ۾ وساريو ويو آهي، ان طرف ڪو به ڌيان ڪونه ٿو ڏنو وڃي. نڪو ان کي ڪنهن شمار ۾ آندو ٿو وڃي. اڄ ڪلهه ٻهرانڙيءَ ۾ زالون صرف اولاد ڄڻڻ ۽ پيهڻ پچائڻ لاءِ سمجهيون ٿيون وڃن. اهي غلام آهن جيڪي پيئون وهن. اهڙي روش ڪري نتيجا به اهڙائي ٿا نڪرن، ملڪ ۾ مفلسي، بي علمي، بيماريون ۽ بدرسمون وڃن زياده ٿينديون. حالتون هر روز پست ٿينديون وڃن ٿيون. ملڪي همدردن جي مڙني ڪوششن مان ڪو به فائدو ڪونه ٿو ٿئي. هڪ طرف وڃن ناهيندا ته ٻيو طرف وڃي ڍهندو. آخر هڪ هٿ جي تاڙي به ڪا نه وڄندي آهي. زال ۽ مرد حياتيءَ ۾ هڪ ٻئي جا مددگار آهن. هڪ ٻئي جي پوري مدد ۽ ميلاپ ڪان سواءِ سندن حياتي ڪنن ۽ بيڪار آهي. مردن جون ڪوششون تيستائين ڪامياب ٿيڻ مشڪل آهن. جيستائين هنن پنهنجون مددگار ۽ رفيق زالون ڪارائتيون نه بنائيون آهن. ٻي حالت ۾ "آهر آٿي اوبٹي، جوءِ وڃائي رنبو هٽي" واري حالت ٻٽي پيئي هوندي. گهر، آسائش جي بدلي رنج ۽ ڪلڪل جو مڪان بٹيو پيو هوندو، ته اولاد نه پڙهندو، نه چڱيون عادتون سکندو. انهن ڳالهين کي خيال ۾ آڻيندي، آءٌ هن راءِ جو ٿيو آهيان ته جيڪڏهن ملڪ جو سچو سڌارو ڪرڻو آهي ته پراڻا وهم ۽ تنگ خيالي ڇڏي هن فرقي کي پنهنجو سچو مددگار سمجهي، ڪين سڌارڻ جي ڪوشش ڪجي. سندن سڌاري ۽ سک کي پنهنجو سڌارو ۽ سک سمجهجي.

هن وقت زالن جي ڀلي لاءِ جن ڳالهين ڌيان لهڻو سي هي آهي.

1- ماڻهن ۾ پرچار ڪري زناني تعليم جي فائدي مان واقف

ڪري، ڪين سمجھائڻ، تہ ڇوڪرين ڪي گھٽي تعداد ۾ ڇوڪرين جي اسڪولن يا مڪتبن ۾ موڪلين، پر جتي اهي اسڪول نہ هجن تہ ڇوڪرن جي اسڪول ۾ بہ موڪلين.

2- وڏين زالن کي ڪن ملڪ جي گھڻ گھرن زالن جي معرفت عام زالن جي مجموعن ۾ تقريرن (ليڪچر) رستي صفائي سنائي، گھرو انتظام، ٻارن جي نيپاج وغيره کان واقف ڪرائڻ ۽ ميجڪ لالٽين (جادوبتي) رستي ڪين سمجھائيون ڏيڻ.

3- مڪاني داين جي اڻ سمجھيءَ ڪري جو سوين زالن ۽ ٻارن جي حياتي زبون ٿي رهي آهي، تنهن مرض ۽ مصيبت کان ملڪ کي ڇڏائڻ کان ملڪي ۽ مڪاني داين کي ضروري هدايتن ڏيڻ سان ويم جي ڪم کان واقف ڪرڻ.

4- اڄ ڪلھ جي زالن ۾ پرم ۽ رسم و رواج جو واڌارو ٿي رهيو آهي، جنهن سان سندن اولاد وغيره تي اخلاقي طرح خراب اثر پئجي رهيا آهن انهن کان بچڻ لاءِ رٿ ڪرڻ.

5- ڇوڪرين جي اسڪولن لاءِ ماستريائيون ڀرائڻ ۽ جي اسڪولن واسطي ڪين ٿيون ملي سگھن، جو شهر جون ماستريائيون ٻاهر وڃڻ مشڪل ٿيون ڄاڻن ۽ نہ پڙهڻ ڪري ڳوٺاڻن مان ماستريائيون ڪو نہ ٿيون ٿين: ان لاءِ جوڳو بندوبست ڪرڻ.

مٿين ڪمن ۾ ڪا بہ ڪوشش ان وقت تائين سجائي ٿي ڪين سگھندي، جيستائين ڪي تعليم يافتہ زالون پنهنجي ڀينرن جي سڌاري لاءِ ان طرف ڌيان نہ لڳائينديون. رٿ آهي تہ حال ڏهن پندرهن ڳوٺن ۽ ضلعي اندر زالن کي گڏ ڪري ڪين سندن سڌاري ۽ فائدي لاءِ پرچار ڪجي. صفائي، سنائي، گھرو انتظام، ٻارن جو نيپاج ۽ انهن کي علم پڙهائڻ لاءِ سمجھائيون ڏيارجن، پر ان ڪم کي پورو رڳو زالون ئي ڪري سگھنديون، تنهن ڪري ڪراچي شهر جي زالن جي ڀلي چاهيندڙ عورتن کي گھرجي تہ پنهنجي ڀينرن جي ڀلي لاءِ ان طرف ضرور ڪوشش وٺن ۽ ڀرائڻ ۽ جي ماڻهن کي گھرجي تہ جهونا خيال ڪڍي اسان سان هن ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهن.

(هفتيوار پرڪاش 20 جنوري 1929ع)

●

# ڳوناٺن سان ٻہ ٽي ڳالهيون

ٻانرو- ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي حالت اوهان کان ڳجهي نہ آهي. هو مالي، اخلاقي ۽ علمي حيثيت سان هر ڳالهہ ۾ ڀنتي پيل آهن ليڪن افسوس جي ڳالهہ هي آهي تہ ڪين پنهنجي اهڙي افسوسناڪ حالت جو احساس بہ ڪونهي. دنيا جون سڀ قومون ترقيءَ طرف تڪڙو تڪڙو قدم کڻي رهيون آهن مگر هو اجا تائين ننڊ ۾ ستا پيا آهن. جيڪڏهن ڪو خير خواهہ. انساني همدردي کان متاثر ٿي کين جاڳائڻ جو خيال ڪري ٿو تہ فقط اکيون کولي اوڏانهن نهاري وري بند ڪيو ڇڏين ۽ نصيحت جي ڳالهہ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍيو ڇڏين. هيءَ دنيا انهن لاءِ آهي جيڪي پنهنجي سڌاري لاءِ پاڻ ڪوشش ڪن ٿا. ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو خيال ڪن ٿا. خودياوريءَ سان ئي دنيا جي قومن ترقي ڪئي آهي.

ڪراچي ضلع جا اهي ڳوناٺا جيڪڏهن پنهنجي سڌاري لاءِ پاڻ ڪوشش نہ ڪندا تہ ٻئي ڪنهن کي گتي پيئي آهي جو ڪوشش ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪو ڪئي ڪري بہ، تہ بہ اها ڪارگر نہ ٿيندي. جيڪو ماڻهو پاڻ پنهنجي حال تي رحم نہ ڪندو، انهيءَ تي ٻيو ڪير ڪندو؟ اڄ ڪلهہ اهو پراڻو زمانو ڪونهي جنهن ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي حال تي قائم رهندو هو تہ بہ عزت سان پيو وقت گذاريندو هو. هينئر دنيا جو دور ڦري چڪو آهي، حالتون ڦري ويون آهن. هرڪا ڳالهہ نئين نموني ۽ نئين رنگ ۾ پيش ٿي رهي آهي. جيڪڏهن انهيءَ جو انهيءَ نموني سان مقابلو نہ ڪبو ۽ زماني جي رفتار سان قدم بقدم نہ هلبو تہ تباهي يقيني آهي، قدرت ڪنهن جي طرفدار نہ آهي اها انهيءَ جو ئي ساٿ ڏئي ٿي، انهيءَ کي ئي دنيا ۾ قائم رکي ٿي، جيڪو ان جي مقرر ڪيل قاعدي تي هلي ٿو. تاريخ شاهد آهي تہ جن قومن قانون

قدرت جي خلاف ورزي ڪئي آهي انهن جو اڄ دنيا ۾ نالو نشان به موجود ڪونه آهي.

## ڳوناڻن جي تباهيءَ جا اسباب:

غور ڪري ڏسبو ته ڳوناڻن جي تباهيءَ جا رڳا ٻه ڪارڻ آهن. هڪ بي علمي، ٻي سچائي ۽ اهي ٻئي ڪارڻ خود انهن ئي پيدا ڪيا آهن. علم هڪ خدائي نعمت آهي ۽ انهيءَ تي ڪنهن خاص قوم جو حق ڪونهي. جيڪڏهن ڪا قوم انهيءَ نعمت جو قدر نٿي ڪري ۽ پاڻ لاءِ جهالت پسند ڪري ٿي ته پوءِ انهيءَ جا برا نتيجا به ان کي ئي ڀوڳڻا پون ٿا. اوهين اکين سان ڏسي رهيا آهيو ته علم نه هئڻ ڪري ڳوناڻن جي حالت جانورن کان بدتر ٿي رهي آهي ۽ باوجود رات ڏينهن محنت ڪرڻ، رت ولوڙي پاڻي ڪرڻ بعد به انهن وٽ اهو نه آهي جنهن مان سال تائين سواءِ ڍُڪيءَ جي پيٽ قوت ڪري سگهن يا بيمار ٿين ته دوا درمل ڪري سگهن. بي علميءَ جي ڪري ۽ ليکي چوکي جي نه ڄاڻڻ ڪري انهن کي وياج خورن جي هٿان به وڏو نقصان پهچي ٿو. هو پنهنجي آمدنيءَ جي اندازي ڪرڻ کان سواءِ اکيون ٻوٽي اڻ اپٽائڻ ڪمن لاءِ وجن ٿا قرض ڪڍندا ۽ اهو خيال نٿا ڪن ته انهيءَ جو نتيجو ڇا نڪرندو. جڏهن ڏيڻ جو وقت اچي ٿو ۽ سندن ملڪيتون ۽ زمينون سندن هٿن مان نڪرن ٿيون تڏهن سندن اک کلي ٿي ۽ افسوس ڪن ٿا مگر انهيءَ وقت ڪين اهو افسوس فائدو پهچائي نٿو سگهي. ڏيتي ليتي دنيا جي شروعات کان هلندي اچي ٿي. وياج خور ڪنهن کي زور ڪونه ٿو ڪري ته هرويرو مون کان قرض کڻو. جيڪڏهن آبادگار فُضول خرچ ۾ پاڻ کي پاڻهي تباهه ڪندا ته انهيءَ ۾ ٻئي ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهه؟

آبادگارن جي تباهيءَ جو ٻيو ڪارڻ سچائي آهي. اگرچ اها بي علميءَ جهالت جو لازمي نتيجو آهي مگر انهيءَ کان سواءِ ان جا ٻيا به سبب آهن مثلاً فضول خرچي عياشي. تباهه ڪن ريتون رسمون. آبادگارن کي کيتيءَ سان تعلق رکڻ وارن ڪمن لاءِ مضبوط ۽ ٽلهي

ڪپڙي جي ضرورت آهي جو ڪين سردي، گرميءَ ڪان بچائي سگهي ۽ ڪجهه وقت جٽاءُ به ڪري. اڳئين زماني ۾ آبادگار اَنَ سان گڏ پنهنجا ووڙ به پوکيندا هئا ۽ انهيءَ مان جيڪا ڪپهه پيدا ٿيندي هئي ان مان سٽ ڪتي هٿرادو ڪپڙا اڻائيندا هئا. ڪاڏي پيتي لاءِ ڪين ان پنهنجو ٿيندو هو. ڪپڙي لٽي جي ضرورت اهڙي طرح پوري ڪندا هئا. عام طرح سادو سودو گذاريندا هئا. جنهن ڪري گهڻي حد تائين قرض جي مصيبت ڪان بچيل هوندا هئا. مگر اڄوڪي وقت جا آبادگار انگ جي ضرورت پوري ڪرڻ جي ارادي سان ووڻ پوکين ئي ڪونه! جيڪي پوکين ٿا سي به وڪٽيو ڇڏين ۽ هٿرادو مضبوط ڪپڙي جي بدران ولايتي نفيس ڪپڙا پائين ٿا جن تي خرچ زياده ٿئي ٿو ۽ وڏي ڳالهه ته اهي جٽاءُ به ٿورو ڪن ٿا. پوشاڪ جي باري ۾ ٻي غلطي هي ٿا ڪن جو ٿان جي سٽڻ ته، ٿان جو ٽڪو ٻڌن. جن تي هڪ طرف خرچ زياده ٿئي ٿو ته ٻئي طرف اهي بيدولا ڪپڙا ڌوئڻ پائڻ به مصيبت ٿيو پون. جنهن ڪري اهي ميرا به جلد ٿين ۽ ڦاٽن به سگهو. صفائي انسان جو گڻ آهي مگر افسوس جو ٻهراڙيءَ جا ماڻهو انهيءَ جو خيال ڪونه ٿا ڪن، جنهن ڪري اڪثر خراب بيمارين جو شڪار ٿين ٿا. جيڪڏهن هر هڪ سٽڻ مان به سٽون ۽ هڪ ٽڪي مان به ٽڪا ڪن، شانائتو ۽ مناسب ڪپڙو پائين ته جيڪر هڪ وڏي حد تائين انهن جو بچاءُ ٿي پوي. بهتر ٿيندو ته اهي ولايتي نفيس ۽ نازڪ ڪپڙن جي بدران ديسي ڪپڙا پائين. ٿلهي ڪپڙي پائڻ ۾ ڪو عيب ته ڪونهي. اڄ ڪلهه ته وڏا وڏا امير ماڻهو به اهو ڪپڙو استعمال ڪن ٿا.

آبادگارن جون شادي غميءَ جون فضول ۽ واهيات رسمون به موتمار آهن ۽ ڪين قرضي بنائڻ ۽ سدائين سڃي رکڻ ۾ انهن جو وڏو دخل آهي. پرڻي جا ٻيت ۽ مرڻي جا ٽيجها ۽ ختما انهن جي ڇيلهه ڀڃيو ڇڏين ٿا. ڪين پنهنجي ڪاڏي لاءِ به پورو اَنُ ڪونهي، تنهن هوندي به قرض ڪٽي گهڙيءَ جي "واهه واهه" لاءِ ٻين کي ٻيت ڪارائين ٿا ۽ هميشه لاءِ پاڻ کي ٻين جو محتاج ۽ غلام بنائين ٿا. سڀ ڪان وڏي افسوس جهڙي ڳالهه هي آهي ته انهن واهيات رسمن کي مذهبي فرض سمجهي

پورو ڪن ٿا. حقيقت ۾ مذهب اهڙين ڳالهين کان منع ڪري ٿو ۽ فضول خرچي ۽ اسراف کان روڪي ٿو. اجاين خرچن ڪرڻ واري کي شيطان جو ڀاءُ سڏيو ويو آهي. آبادگارن کي گهرجي ته هو شادي غمي جي واهيات رسمن ۾ پنهنجو خانو خراب نه ڪن ۽ مذهب کي به بدنام نه ڪن. ڪي آبادگار ڪُڪڙن ويڙهائڻ، شڪار ڪرڻ ۽ ڪتُن ڊارڻ تي اجايا خرچ ڪري پاڻ کي نفيس ۽ ڪنگال بنائين ٿا. اهو به خيال نٿا ڪن ته ماڻهو ڪين اهڙين حرڪتن ڪري ڪيتري قدر حقارت ۽ نفرت جي نگاهه سان ڏسن ٿا.

ڳوناڻن جي مفلسيءَ جا گهڻائي اسباب آهن. سڀني کي جيڪڏهن تفصيل وار بيان ڪجي ته هڪ وڏو ڪتاب تيار ٿي پوي. هتي اسان فقط اهي ڳالهيون لکيون آهن جي عام طرح تي روزمره ٿين ٿيون ۽ جن انهن جي حالت هيٺي بنائي ڇڏي آهي.. آبادگارن جي هن غفلت ۽ بي پرواهيءَ جو نتيجو هيءُ نڪتو آهي جو اڄ چاليهه في صدي زمين انهن جي هٿ مان نڪري غير آبادگارن جي هٿ ۾ هلي ويئي آهي ۽ جيڪڏهن انهن هٿن کي نه روڪيو ۽ پاڻ نه سنڀاليو ته شايد اهو وقت پري نه آهي جنهن ۾ انهن جي هٿ ۾ زمين جو هڪ ٻارو به نه رهي ۽ پني پيٽ پالڻ جي حالت کي وڃي پهچن.

## سکر بئراج کانپوءِ جي حالت

ڪراچي ضلعي جي آبادگارن جي حالت اڳيئي خراب آهي ويتر سکر بئراج کلڻ کان پوءِ ته نهايت نازڪ ٿي ويندي. پاڻي جيڪو اڳ ئي فصل لاءِ پورو ڪونهي سو هيڪاري گهٽجي ويندو. هاري آباديءَ جي سهوليت نه ڏسي ٻئي پاسي ڀڄي ويندا. جنهن ڪري آبادي گهٽ ٿيندي ۽ شهرن جو واپار گهٽجي ويندو. لازمي طور لوڪلبورڊ کي نقصان پهچندو ۽ پئسي جي گهٽتائيءَ ڪري اهو ڳوناڻن جي سڌاري ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪجهه ڪري نه سگهندو.

## مٿين مرضن جا علاج

مٿين مرضن جو علاج آهي ۽ ضرور آهي. مگر خود ڳوناڻن جي هٿ ۾ آهي. هيءَ هڪ قدرتي قانون آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن هنڌ بيماري پيدا ٿئي ٿي تہ انهيءَ ئي هنڌ ان جي ختم ڪرڻ واري ڪا ٻوٽي بہ پيدا ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن ماڻهن کي علم ۽ عقل آهي تہ اهي اتي جو اتي انهيءَ ٻوٽيءَ کان ڪم وٺي شفا حاصل ڪري سگهن ٿا. اهڙي طرح جيڪڏهن ڳوناڻن ۾ مٿيون بيماريون پيدا ٿي ويون آهن تہ انهن جي دور ڪرڻ جو ذريعو بہ اتي ئي انهن جي هٿ ۾ آهي. ڳوناڻن کي گهرجي تہ سڀ کان اول تعليم طرف ڌيان ڏين ۽ پنهنجي ٻارن کي پڙهائين، علم ۽ فقط علم جي ئي ذريعي هو پنهنجي حالت سڌاري سگهن ٿا. علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪول ۾ ملا مڪتب موجود آهن. جيڪڏهن ڪن هنڌن تي نہ آهن تہ آساني سان کولي سگهجن ٿا. بشرطيڪ ڳوٺ جا ماڻهو اهڙي گهُر ڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ 25 ڇوڪرا موجود ڪري ڏين. ڪراچي ضلعي جي تعليمي حالت خراب آهي، ماڻهن ۾ شوق نہ هئڻ ڪري ڇوڪرن جو تعداد گهٽجي وڃڻ سبب ڪيترا اسڪول بند ٿي ويا. ضلعي جي آدمشماري اٽڪل 3 لک آهي، ڪل اسڪول 115 آهن جن ۾ اٽڪل ساڍا چار هزار ڇوڪرا آهن. تعليم جي جيڪڏهن اها رفتار رهي تہ ضلع جي ماڻهن جي جهالت دور ڪرڻ لاءِ صديون لڳي وينديون. مفلسي ۽ سڃائي دور ڪرڻ جو سڀ کان آسان علاج آهي، قناعت ۽ ڪفايت سان هلڻ. رسم رواج ۽ شادي غميءَ جا خرچ گهٽائڻ، عيش و عشرت کان پاسو ڪرڻ ۽ ديسي هٿراڌو ڪپڙو پهرڻ ۽ قرض کان پاسو ڪرڻ، انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ هر حال ۾ ضروري آهي. جيڪڏهن لاچار قرض ڪڍڻو پوي تہ بہ سڌاري ڪرڻ ۽ اُپت وڌائڻ لاءِ ڪڍجي. اهڙي قسم جو قرض نقصانڪار نہ آهي ۽ گهڻو ڪري دنيا جون سڀ قومون ڪڍن ٿيون. آبادگارن لاءِ هيءَ ڳالهہ بہ نهايت ضروري آهي تہ هو اڄڪلهہ جي واپار جي ڍنگ کان واقف ٿين ۽

انهيءَ ڪري هو آسانيءَ سان وڏيڪ فائدي تي پنهنجي پيداوار نيڪال ڪري سگهن ٿا. ڪيتيءَ جي سڌاري ۽ پيدائش جي واڌاري لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽيون ڪان واجبي نرخ تي اوڌر وٺي سگهجي ٿي. پراڻي قرض لاهڻ لاءِ بہ اوڌر ملي سگهي ٿي ۽ وياج خورن جي موتمار وياج کان بچي سگهجي ٿو. ڪو آپريٽو سوسائٽين جي ذريعي چونڊ ٻج ۽ سڌريل اوزار سستي اگهہ تي سولائيءَ سان ملي سگهن ٿا. آبادگار جيڪڏهن چاهين تہ ڪو آپريٽو طريقي سان ٻڌي اگهہ تي خريد و فروخت ڪري سگهن ٿا. ڪپهہ ٽاٽڻ لاءِ پنهنجون انجڻيون ۽ سارين چڙڻ لاءِ پنهنجا ڪارخانا کولي سگهن ٿا جنهن ڪري هوند وچ وارن جو نفعو ۽ انهن جي دغا بازي نڪري وڃي ۽ سمورو فائدو ڪين ملي. ڪو آپريٽو جي ذريعي آبادگارن کي مالي فائدن کان سواءِ اخلاقي ۽ سياسي فائدا بہ پهچي سگهن ٿا. قناعت، صرفي سان هلڻ، پاڻ تي ڀاڙڻ، هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ، وهنوار ۾ ڪارپت رکڻ ۽ ايمانداريءَ سان هلڻ، اهي تہ ڪو آپريٽو جا لازمي اصول آهن، ڪو آپريشن سست ماڻهوءَ کي محنتي بڻائي ٿي. هٿ ڦاڙ کي ڪفايت سيکاري ٿي. بڇڙين علتن کان بچائي ٿي. لکڻ پڙهڻ ۽ ليکي چوکي رکڻ جو شوق ڏياري ٿي. سياسي ڳالهين ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽي هي سبق سيکاري ٿي تہ پنهنجو ووٽ کهڙي طرح ڪتب آڻجي ۽ سوسائٽيءَ جو ڪاروبار ڪيئن هلائجي. غرض تہ ڪوآپريشن جي ذريعي آبادگار سڀ ڪجهہ ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي حالت آساني سان سڌاري سگهن ٿا. مگر هي سڀ ڪجهہ تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن ڳوٺاڻا خواب غفلت کي ڇڏي پنهنجي سڌاري لاءِ سندرو ٻڌي اٿي کڙا ٿين. جيستائين هو پاڻ تي نہ ڀاڙيندا ۽ پنهنجي پير تي بيهڻ لاءِ ڪوشش نہ ڪندا تيستائين ڪجهہ نہ ٿيندو.

## مٿين مرضن ٽارڻ لاءِ ڪوششون

مٿين مرضن ٽارڻ لاءِ مٿي ماڻهن جا فرض ڄاڻايا ويا آهن ۽ انهن جو ڪم آهي پنهنجي سڌاري بابت فرض ادائي ڪرڻ. هن وقت تائين جماعتن جي پاران جيڪي ڪوششون ٿيون آهن يا ٿي رهيون آهن، اهي

اوهان کان مخفي نہ آهن. مگر اهي سڀ تڏهن ڪارگر ٿينديون جڏهن ڳوناڻا ماڻهو انهيءَ ۾ عملي حصو وٺندا. ان سلسلي ۾ هينين جماعتن پاران ڪوششون ٿيون آهن. لوڪلبورڊ- ڳوناڻن جي سڌار جماعت - ڪو آپريٽو انسٽيٽيوٽ - زميندارن جي ايسوسيئيشن - ڀهراڙيءَ جي عورتن جي سڌاري جي جماعت. - باني اسڪائوٽس جي جماعت ۽ مالدارن جي جماعت.

اسان کان قومي خادم جي حيثيت ۾ جيڪي ٿي سگهيو آهي اهو ڪندا رهيا آهيون ۽ ڪندا رهنداسين. ڇاڪاڻ تہ اسين اهو پنهنجو قومي فرض سمجهون ٿا. جيڪڏهن آبادگار طبقي اسان جي همت افزائي ڪئي ۽ اسان جي مخلصانہ نصيحت تي عمل ڪيو تہ انشاءَ الله تعاليٰ ڪراچي ضلعو ٿوري ئي وقت ۾ سڌري ويندو ۽ ڳوناڻن جي حالت بهتر ٿي ويندي.

ڳوناڻن جي سڌاري لاءِ هينيون ڪوششون ڪيل آهن:

۱. تعليم:

اسان جي هميشہ ڪوشش رهي آهي تہ ضلعي جي هرهڪ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ کي تعليم پهچي. پوءِ توڙي هو جهنگ ۾ هڪ گهر اڏيو ويٺا هجن. جنهن لاءِ اسان سرڪار سان لکپڙهہ ڪري رهيا آهيون. هڪ تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ زوري تعليم جاري ڪئي ويئي آهي ۽ هنڌن تي بہ اميد تہ سڄي ضلعي اندر آهستي آهستي زوري تعليم جاري ڪئي ويندي، جو عام طرح سان ڏٺو ويو آهي تہ ڳوناڻا ماڻهو اڃا تہ اڻ سمجهہ ٿي ويا آهن جو پنهنجي نفعي ۽ نقصان کي نہ سڃاڻي، جتي اسڪول آهن بہ اتي بہ ڇوڪرن کي نٿا موڪلين. باوجود گهڻي سمجهائڻ جي بہ. نتيجو اهو ٿو نڪري تہ لاچار اسڪول انهن ڳوٺن مان بدلايو پئي ۾ وجهڻا پون ٿا.

اسان اها بہ رٿ ڪري رهيا آهيون تہ پڙهڻ کان وڏيءَ ڄمار جي ماڻهن کي ڪيئن واقف ڪجي. معلوم ٿيو آهي تہ ترڪيءَ ۾ هڪ نئون نمونو ۴۰ ڏينهن اندر رات جو جادو بتي يا ليڪچرن جي وسيلي پڙهائڻ

جو طريقو جاري آهي. هن طرح سان ٿوري وقت ۾ ماڻهن کي سمجهائڻ سان لکڻ پڙهڻ اچيو وڃي. جنهن واسطي اسان ترڪيءَ جي وزير کي لکيو آهي ۽ دنيا جي ٻين ملڪن مان به ڪتاب ۽ هدايتون گهرائي ڪا رٿ تيار ڪرڻ وارا آهيون. خدا اميدون پوريون ڪري.

اهڙيءَ طرح انگريزي تعليم جي وڌائڻ لاءِ حال، ست ڪلاس، دڙو - سجاول - ميرپور بٺورو - ملير - جنگشاهي - ڀان ۽ سن ۾ کوليا ويا آهن، جتي ٣ درجا پڙهايا وڃن ٿا. هاڻ ان خيال ۾ آهيون ته اتان جي شاگرد نڪرندا، انهن جي وڌيڪ پڙهائڻ لاءِ ڇا ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته تازو جيڪي ٣٨ اسڪالر شپون منظور ٿيون آهن، سي ضلعي جي وڏندڙ گهرج لاءِ پوريون پئجي نٿيون سگهن. ان ڪري اهو خيال آهي ته سجاول - ٺٽو ۽ ڪوٽڙي ٿنهي هنڌ يا انهن مان ڪنهن هڪ جاءِ تي بورڊنگ هائوس کوليو وڃي، جتي ٻاهر جا شاگرد اچي رهن ۽ ٥ درجن تائين پڙهي سگهن. سجاول لاءِ موجوده پراڻي سول ڪورٽ واسطي سرڪار سان لکپڙهه به شروع ڪيل آهي ۽ اسان کي انهن بورڊنگ هائوس نهرائڻ لاءِ مڪاني پئسن وارن صاحبن جي ڪجهه مدد ضروري ڪپندي.

٢. تندرستي:

ضلعي اندر هيٺئر ١١ (يارهن) لوڪلبورڊ اسپتالون آهن ۽ ڇئن نندين مونسپالٽين، ٺٽو - ڪيٽي بندر - ڪوٽڙي ۽ مانجهندن جي اسپتالن سان ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي دوا درمل لاءِ ڪجهه گرانٽ ڏيڻ سان بندوبست ڪيل آهي. تازو لوڪل بورڊ هرهڪ تعلقي لاءِ عورتن جي علاج ۽ ويم وغيره لاءِ نرسون مقرر ڪيون آهن جي جلد مقرر ڪبيون پر ڏنو ويو ته ٻهراڙيءَ جا ماڻهو اهڙين ڳالهين مان اوترو فائدو نٿا وٺن ۽ جتي نرسون موڪلجن ٿيون اتي به ماڻهو انهن کي ڇڏيو جاهل مقامي داين ڪان ويم جا ڪيس ڪرائين ٿا. نتيجو اهو ٿو نڪري ته هو ساڳين تڪليفن ۾ مبتلا رهن ٿا.

اهڙيءَ طرح ١٢ واڪسينٽر انسپيڪٽر به آهن، جي جتي مينٽري بورڊ آهن اتي صفائي وغيره تي نظر ڪندا رهن ٿا. عنقريب خيال آهي ته

هڪ تندرستيءَ جي جماعت سڄي ضلع ۾ بنائي وڃي ۽ ان جي هيٺان هرهڪ تعلقي جا ماڻهو جماعتون ناهين ته اسان جي ڊاڪٽرن ۽ نرسن وغيره جي مدد سان هو ماڻهن جي تندرستيءَ لاءِ ڪجهه عملي قدم کڻي سگهن.

٣. ڪوآپريشن:

ماڻهن جي مالي حالت سڌارڻ لاءِ اسان اخبار پرڪاش وسيلي وقت به وقت ڪين فضول خرچن، ڪپڙي لٽي جي خرابين وغيره کي ڇڏڻ لاءِ هدايت ڪندا آيا آهيون، پر خبر نه آهي ان جو ڪو اثر ٿيو آهي يا نه- سن ڳوٺ ۽ ان جي آس پاس ننڍن ڳوٺن ۾ ماڻهن طهر جا پيت ڪرڻ بند ڪيا آهن. غميءَ جا چاليها، ٽيجها وغيره سڀ سواءِ ختمي وارن کي ڪارائڻ جي، بند ڪيا آهن. اهڙيءَ طرح شاديءَ جا خرچ ڪهڻائي تمام هڪ مقرر حد اندر رکيا اٿن. ٻيون گهٽيون بد رسمون ڪيي ڇڏيون اٿن ۽ حال ۱۲ مهينا پنهنجي هٿ جي نهيل ڪپڙي پائڻ لاءِ نهراءُ ڪيو اٿن. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن سڀ ماڻهو چوڻ مڃين ته گهٽو ڪجهه ٿي پوي. انهن کي آباديءَ يا ڏنڌن واسطي مالي مدد لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽين کي سڌارڻ ۽ انهن جي خامين دور ڪرڻ لاءِ ٺٽي- سجاول- ميرپور ساڪرو- جاتي ۽ مانجهند ۾ سيل سوسائٽين جاري ڪرڻ جي تجويز ڪري رهيا آهيون. وڏن زميندارن لاءِ زميندار بئنڪ واسطي لکپڙهه سرڪار ڏي منظوريءَ لاءِ ويل آهي، پر اهي تجويزون ان وقت تائين ڪارگر ٿي ڪين سگهنديون جيستائين ماڻهو قناعت نه سکن ۽ سندن فائدي لاءِ جيڪي ڳالهيون اسان وقت بوقت کين ٻڌائيندا وڃون ان تي عمل نه ڪن. اسان کي اميد آهي ته جي ماڻهن چوڻ وٺي سڌارو ڪري ڏيکاريو ته اهو وقت پري نه آهي جڏهن هرهڪ تعلقي ۾ بئنڪ جي برانچ ۽ هرهڪ گهر تائين ڪوآپريٽو تحريڪ کي پهچايو وڃي.

ان سان گڏ اسان مڪاني هنرن جي ترقيءَ لاءِ هڪ تجويز تيار ڪري رهيا آهيون. اميد آهي ته ان جو به جلد بندوبست ڪبو.

اهڙيءَ طرح مڇي مارينڊڙن، مالدارن، ڪاسبن جي سوسائٽين لاءِ به رٿون ڪري رهيا آهيون. هڪ ڪارڪن مقرر ڪيو ويو آهي ته

هرهڪ تعلقي ۾ وڃي ماڻهن کي تقريرون ڪري ۽ جادو بتي رستي سمجهائي ۽ ضلع جي هرهڪ ڳوٺ جي ماڻهن جي حالتن کي جاچي هڪ رپورٽ تيار ڪري ته ان بابت غور ڪري بندوبست ڪيو وڃي. هاڻ جنوريءَ ۾ هڪ ڪانفرنس ڪئي هئي، اتي ڪيترن تجويزن تي غور ٿيو ۽ آئنده به هر سال گڏ ٿي غور ڪيو ويندو.

۴. قناعت:

خراب رسمن ۽ فضول خرچن کان بچڻ لاءِ اسان پرڪاش اخبار رستي ماڻهن کي پئي سمجهايو آهي. هاڻ تازو جمعيت علماءِ جي پاران به ماڻهن کي هڪ اعلان ٿيو آهي ۽ عنقريب اهو به جدا ڇپرائي ورهايو ويندو. اميد ته ماڻهو اسان جي اهڙين سڀني ڳالهين ڏي غور سان نظر ڪندا ۽ عمل ڪندا.

۵. صفائي:

ڀهراڙيءَ ۾ گهڻو ڪري اڻپڙهيل ماڻهو، گهر جي صفائي ۽ سنائي رکڻ، ٻارن کي نپائڻ، حساب ڪتاب رکڻ ۽ گهر کي هڪ راحت جهڙو مڪان بنائي رکڻ کان اڻ واقف آهن. سندن ٻاران ڪوبه سڌاري لاءِ خيال نه ٿو ڏني وڃي ان حالت کي مدنظر رکي ڪراچيءَ جي همدرد معزز زالن جي مدد سان هڪ انجمن ناهيل آهي جا زالن بابت سڌاري جي سڀني خيالن ڏي ڌيان ڏيئي رهي آهي. اهي رٿ ڪري رهيون آهن ته ڪن خاص ڳوٺن ۾ روبرو وڃي زالن کي سمجهاڻيون ۽ هدايتون ڏين ۽ نرسن ۽ زنانن اسڪولن معرفت ڪتابن ۽ پتر ڇپائڻ وسيلي پنهنجا رايا موڪليندي رهن.

شاگرد جيڪي پڙهن ٿا تن ۾ ڪو ڪم ڪرڻ جو روح ۽ سرجوشي ڪانهي هنري خيال ڪونه ٿا رکن. هو صرف پڙهڻ طرف رخ رکڻ سان دنيا جي ٻين مشڪلاتن ۽ ڏنڌن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه ٿا ٿين، ان خاميءَ کي دور ڪرڻ واسطي هاڻ سڪائوٽ هلچل کي زور وٺائڻ لاءِ ايسوسيئيشن نهي رهي آهي ڪيترن ماڻهن کي ٽرينڊ ڪيو

ويو آهي، ماڻهن جو فرض آهي تہ ان طرف خيال رکن ۽ هر هڪ ماستر يا نوجوان ان هلچل ۾ داخل ٿي ملڪ جو ڀلو گهري.

٦- مالدارن، زميندارن ۽ هارين جي بهتري:

انهن جي بهتريءَ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن جن لاءِ غور ڪري رهيا آهيون پر جيستائين اوهان ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ يا پنهنجي ترقيءَ جو جذبو نہ ايو آهي ان وقت تائين گهڻي نتيجي نڪرڻ جي اميد نہ آهي. ٻچاڙيءَ جو مُنهنجي خدا جي درگاهہ ۾ وينتي آهي تہ اهو منهنجي ملڪي ڀائرن کي علم، عقل سک ۽ آزادي جي ذاتن ڪان مالا مال ڪري تہ اوهان ۾ اسان گڏجي سندن راضي ڪرڻ جا طريقا اختيار ڪري پنهنجون حياتيون سڦليون ڪريون. اي ڀائرو حياتي ۾ جيڪي ڪرڻو اٿو سو ڪري وٺو ويل وقت وري هٿ نہ ايندو.

اوهان جو خادم
غلام مرتضيٰ
سيڪريٽري - ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ ڪراچي
ڳوناٽي سڏار جماعت ۽ مختلف جماعتون

●

# هندستان جو نئون آواز

هندوستان جي ملڪي حالتن، گذريل هفتي کان ڪي قدر تبديل ٿيڻ وارو رخ ورتو آهي. انگريز سرڪار جي ٻه ڪئن مان ڪجهه نڪرڻ جا ارڪان پيا ڏسجن. ڌاري سرڪاري ڪنهن به ديس ۾ تڏهن رهي سگهي ٿي، جڏهن سندس پاليسي ماڻهن کي ڦٽائي (ڌار ڌار) ڌريون بنارائي ٿي. انگلينڊ کي اول ڳڻتي پنهنجي سلطنت جي آهي، نه ڪنهن ٻي ڳالهه جي، يعني ته سرڪار کي اول ڳڻتي آهي ته هندوستان سلطنت سان ڳنڍيو رهي، ٻيجي نه وڃي. هاڻ هيلتائين سرڪار کي اها تقويت رهي آهي ته هندوستان جا ماڻهو هندوستان کان جدا ٿي وڃڻ جي طاقت رکي نه ٿا سگهن. هندوستان آزاد فقط جنگ يا انقلاب جي رستي ٿي ٿو سگهي، جنگ لاءِ هندوستان تيار نه آهي، ڪنهن ٻي ڌاري طاقت جي حملي آڏو انگريز جو بارود ڪافي آهي. باقي رهي ڳالهه انقلاب جي هندوستان ايڏو ملڪ آهي جنهن ۾ جيڪڏهن انقلاب مچي يعني ته ماڻهو جوش جولان نا اميدي واري عالم ۾ منجهي پون ۽ جان جي پرواهه نه رکن ته گهٽ ۾ گهٽ انگريز سرڪار کي ٻي حال ڪري ڇڏين. "داس" جي قربانيءَ بعد سرڪار سمجهڻ لڳي آهي ته هندوستان جا ماڻهو هڪ نهايت سخت جذباتي حالت تي پهچڻ وارا آهن. انقلاب جي معنيٰ اها آهي ته سلطنت جي دائميت کي لوڏو آهي. ڇوته هندوستان جهڙي الاهي ملڪ ۾ انقلابي حالتن کي منهن ڏيڻ بلڪل ڏکيو آهي.

اسين انهن مان ڪين آهيون جي گهرن ٿا ته انقلاب ٿئي، ڇوته انهيءَ انقلاب جي معنيٰ گهٽي ۾ گهٽي اها آهي ته هڪ جهنم مان نڪري ٻئي جهنم ۾ پوڻ. سمجهو ته انگريز کي ٿو لوڏو اچي، ته پوءِ جيسين اسين هندواسي انتظامي تياريءَ کان محروم آهيون، تيسين هڪ نه ٻي

ڌاري طاقت هيٺ گذاريندا‎سين ۽ اسين تہ بخوبي انهيءَ راءِ جا آهيون. ”بچم ساقوءَ“ کان انگريز گهٽو بهتر آهي، مولوي پنڊتي راڄ کان گورو راڄ گهٽو چڱو آهي. موليٰ انگريز کي موڪليو ئي هندوستان تي سزا طور آهي تہ جيسين هي پاڳل مذهبي، ڌرمي، پنگتي چريائيءَ ۾ گرفتار آهن، تيسين ۻل هي ڌاري سرڪار جي جاندهہ ۾ پيا پيڙجن. اسان تي ۻل کي سوراڄ جا شائق رنج ٿين. پر اسان ڏنو آهي تہ هت وڏا وڏا سوراڄ جا نعرا هڻندڙ نهايت سخت ظالم آهن. جن کي جيڪڏهن طاقت هجي تہ جيڪر، ڪنهن بہ ودوا کي پرڻجڻ ڪين ڏين، اٺن ورهين جي ٻالڪين کي زوري وهانو ڪرائين يا حيدرآباد ميونسپالٽي جي هڪ ميان صاحب جي قانون پٽاندر اولهہ ڏي ڪنهن انسان کي مُنهن ڪري مُتڻ جي بہ منع ڪرڻ کان ڪين رهن. اسيمبليءَ ۾ وڏن وڏن مدبرن، سنانين، خلافتين، اسلامين وغيره وغيره جي راند ڏسي اسين تہ موربگوئي منجهي ويا آهيون. هاڻ اهي شُڌي ۽ تبليغ وارا هڪ ٻئي جا جاني دشمن گڏجي سنيريا آهن، نئون ستيا گرهہ ڪرڻ يعني ساردا ٻل جي سرڪاري قاعدي کي ٽوڙي هڪ زوراهي 8 يا 9 ورهين جون ٻالڪيون جوانن سان، نہ تہ ٻڍن سان پرڻائڻ جو تحرڪ ڪندا. جنهن هنڌ اهڙيون پاڳل پايون آهن، تنهن هنڌ انقلابي مچ مان، ڪهڙيون حالتون ٿينديون، تنهنجو تصور چٽي ريت ڪري سگهجي ٿو. تنهن ڪري انهيءَ انقلاب مان، هندستان ۽ انگلينڊ ٻنهي جي خاني خرابي آهي، هندوستان ۾ زندگي ڊانوانڊول، انگريز جي شاهيءَ کي آخرين سلام. تڏهن ٻيو ڪهڙو رستو آهي؟ سلامتي فقط هڪ ڳالهہ ۾ آهي تہ سرڪار مذهبين، فرقي ٻيد وارن جي ٻنيرائي تي پاڙڻ کي ڇڏي، سمجهہ وارن ٻنهي ديسن جي ڀلي گهرندڙن کي هٿ هٿ ۾ ڏئي، هيل توڻي سرڪار جي پاليسي نہ رهي آهي، پر هاڻ جڏهن سرڪار کي پرون پوڻ لڳا آهن، تہ مار هندوستان ۾ هڪ نئون انقلابي جن پيدا ٿيڻ وارو آهي جنهن ۾ ٻچو ٻچو ٻارت جو قربان ٿيڻ لاءِ تيار ٿيندو، يعني سلطنت جي زندگيءَ کي بہ لوڏو آهي، تنهن وقت شايد پورهيت سرڪار جي مدبرن جي من ۾ ڪو مڙيوئي خيال آيو آهي. سو انهيءَ ڪري ”بڪ وارو بل“ واپس ورتو

اٿن ۽ ساردا بل پاس ڪرڻ ڏنو اٿن. جيڪڏهن سرڪار اها نيتي ورتي جو سمجهه وارن هندن ۽ مسلمانن سان گڏ ٿي هندوستان ڪي ان جو حق ڏنو تہ ڀَگالهہ رهجي ايندي. انهيءَ شعلي کي ڏسي هينئر ئي تفرقي وارا گوڙ اونايون ڪرڻ لڳا آهن. ڇي هاءِ هاءِ اسان جي مدد ڇڏي هاڻ سرڪار ملڪي مدبرن کي هٿ ڏيڻ جو رخ ورتو آهي! اسين نہ ٿا چئون تہ ڪو سرڪار بہ سولو سمجهندي، مگر اهڃاڻ بہ خراب ڪين آهن.

(هفتيوار ”پرڪاش“ - جلد 1 نمبر: 29 _ 30 سيپٽمبر 929ع)

●

# مالدار

مالدار مائهو هن ملڪ ۾ آبادگارن کان ٻيو درجو رکن ٿا. سنڌن وسيلي کير، مکڻ، گيهه ۽ آباديءَ لاءِ ڍڳا پيدا ٿين ٿا. جيئن هاري ملڪ جي بي توجهيءَ کان زبون ٿي رهيا آهن، تيئن مالدارن جي حالت به قياس جوڳي آهي. مالدارن جا گهڻا قسم آهن: 1- رڍن ٻڪرين وارا ريبدار ۽ ٻڪرار، 2- اُٺن چارڻ وارا جت. 3- مينهن، ڳئن وارا ميهار ۽ ڳنوار وغيره.

1- رڍن ٻڪرين وارا:

سڀ ڪنهن هنڌ رهي سگهن ٿا. اهو مال به روز بروز گهٽندڙ آهي. هن مال جو گوشت، کير ۽ گيهه لاءِ ڪم اچي ٿو. ڌاس ۽ اُن به ان مان پيدا ٿئي ٿي.

2- اُٺن وارا:

انهن جو ڪم صرف اُٺن جو نسل پيدا ڪرڻ آهي جيڪي سواري بار برادريءَ لاءِ ڪم اچن ٿا. اُٺن جو کير اڪثر انهن جي چارڻ وارا ئي پيئندا آهن.

3- مينهن ۽ ڳئن وارا:

انهيءَ مال جو کير، مکڻ، گيهه ڪم اچي ٿو. سنڌن ڍڳن ۽ سانهن تي آباديءَ جو مدار آهي. انهيءَ قسم جو مال اڪثر پاٽيءَ جي ڪنڌيءَ، ٻيلن، گاهه جي ميدانن ۾ رهي ٿو. مالدارن کي سنڌن تڪليفن کان ڇٽڻ ۽ ان ڌنڌي وڌائڻ لاءِ مون کي هيٺيون تجويزون غور ۾ اچي سگهيون آهن، جيڪي سنڌن ڏيان لهڻ.

1- تپي، تعلقي يا ٻيلي وار هو پنهنجون جماعتون ٺاهين، جن جي وسيلي پنهنجن حقن جي حفاظت ڪن. سرڪار سان لکپڙهون ڪري ٻيلن مان ُٻوري، پلڙا جي پنچري معاف ڪرائين. ڳوٺن جي ڀر ۾ ڪي خاص ايراضيون زمين جون سالن لاءِ خالي ڇڏائين. گاهه واسطي پوڪيل پوک جي ڏل معاف ڪرائين يا تمام گهٽ ڪرائين.

ڇهين ڇهين مهيني ميلا ڪري مال جا نماءَ ڪن. انهن ميلن جي وقت گڏجي پنهنجي مال جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ جوڳا اپاءَ وٺن ۽ تجويزون ڳولي ڪڍن.

2- مالن جا فارم ٻيلن ۾ ٺاهين، انهن جي ترقيءَ لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽيون ٺاهي پيسن جي مدد وٺن ۽ انهن فارمن ۾ چونڊ نسل مال جا آڻي، چڱي نسل پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪن. مالن جي پرورش ۽ علاجن لاءِ سڌريل طريقو ڪتب آڻين. هينئر جو ماڻهو 5 ڏورن جي پويان به سيڙجي ٿو، سو فارم جي حالت ۾ ماڻهو به هن کان ٿورا سيڙبا. ٻيا ماڻهو ڪونئر لاهڻ، لاک، ماکي وغيره جهڙن ڪمن ۾ لڳي سگهن ٿا. ان طرح سندن ڇوڪرا به تعليم لاءِ بچي (واندا ٿي) پوندا.

3- سيل (وڪري جي) سوسائٽين رستي پنهنجو کير، مکڻ، گيهه کپارائي گهٽ اگهن جي مصيبتن کان ڇٽن. انهن ڳالهين مان هو ڪيئن فائدو پرائين، ان لاءِ ڪو آپريٽو تحريڪ جي عملدارن ۽ ملڪي خادمن کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڪي هڪ ٻه ماڻهو پنهنجو سمورو ڌيان ان طرف ڏين. ائگريڪلچرل کاتي وارا ان طرف چڱي مدد ۽ ڪوشش ڪري سگهن ٿا.

(هفتيوار "پرڪاش" ـ23 آڪٽوبر 1929ع ـ جلد 1 نمبر 32)

●

# مير بحر (مھاڻا)

ڪراچي ضلعي ۾ ميربحرن جو گهڻو تعداد آهي. مهاڻا هيٺين ٽن قسمن ۾ ورهايل آهن:

1- سمنڊ جي ڪناري سان رهي، ڪاري مڇي مارينڌڙ
2- درياھ ۾ پلا مڇي مارينڌڙ
3- ڍنڍن ۾ مڇي ۽ پکي مارينڌڙ.

## 1- سمنڊ جي ڪناري وارا مھاڻا:

مهاڻن جي ڳوٺ کي مياڻيون ڪري چئبو آهي. سمنڊ وارن جون مکيہ مياڻيو ٽي آهن.

1- ابراهيم حيدري مياڻ
2- ريڙهي مياڻ
3- ٽي ملڪي جي مياڻ.

انهن مياڻين ٽي سال ۾ لکن روپين جي مڇي مري ٿي. جيتوڻيڪ ماڻهن ۾ اتفاق ڀہ آهي، پر سندن خرچ خروچ ۽ رهڻي ڪهڻي اهڙي اڏنگي آهي، جو هو هميشہ قرض ۾ ڪنا پيا آهن. هزارين روپيہ شاهوڪارن کان اڳ ۾ کڻيو وڃن. حساب ڪتاب جو ٿيو خير. پوءِ هو ڪراچيءَ جي اگهہ کان 10-12 روپيہ گهٽ مڇي مڻ جي حساب تي هنن کي وڪڻن، ان کان سواءِ آنڪيون وغيره جدا ڏين.

انهن لاءِ هيٺين سڌارن جي ضرورت آهي:

1- سندن ڪوآپريٽو ڪريڊٽ سوسائٽيون ناهجن. ڪن خرچ لاءِ ماهوار پگهار ٻڌي ڏجي. سندن مڇي سيل سوسائٽين جي معرفت وڪڻائجي.

2- هنن مان فضول خرچن وغيره کي بند ڪرڻ لاءِ ڪي وطن دوست مذهبي طريقي سان وڃي کين سمجهائين، جو مذهب جو انهن ماڻهن وٽ گهڻو اثر آهي.

3- ڪي مڇيءَ جي فن جا ماهر گهرائي، انهن مڇين مان ڪيميائي طريقي کوجنا ڪري فائدو حاصل ڪجي.

2- دريا جي ڪناري وارا مهاڻا:

دريا جا مڇي پلي وارا مقاطعہ لوڪلبورڊ ڏيندي آهي، پر ميربحرن جون انسوسيئيشنون (جماعتون) نہ هئڻ ڪري شاهوڪار واپاري ماڻهو مقاطعہ ڪٽيو مير بحرن کي ڏاڍو ڦرين ٿا. پلي مڇيءَ جو ٽيون حصو ونن، آنڪي ان کان سواءِ، پلا مڇي سودائيندڙ بہ اهي ساڳيا شاهوڪار ٿين، جي پوءِ پنهنجا گهٽ اگهہ بنايو، غريبن کان مڇي پلو ونن ٿا.

انهن جي تڪليفن دفعہ ڪرڻ لاءِ هيٺيان طريقا ضروري آهن:

1- هو پنهنجون ايسوسيئيشنون (جماعتون) ناهي، انهن جي معرفت مقاطعہ حقن تي ڪٽن ۽ پنهنجي فضول خرچن، خراب رسمن کان بچڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ ۽ حقن جي حفاظت لاءِ ڪوشش ڪن.

2- سال جو جيڪو حصو پيڙيون هلائين ٿا، ان لاءِ پنهنجون پيڙيون ونئي شاهوڪارن جي وياجن کان بچن.

3- مالي مدد لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽيون ناهي، مڇي پلو سيل سوسائٽين جي معرفت نيڪال ڪن.

ڍنڍن وارا مهاڻا

جيتوڻيڪ اهي مقاطعا ميربحرن کي حقن تي ملن ٿا، پر انهيءَ جو فائدو صرف ڪي شاهوڪار چڱا مڙس ميربحر ونن ٿا، ساري قبيلي کي فائدو ڪونہ ٿو پوي. هي بہ بداخلاقي ۽ فضول خرچن ڪري قرض ۾ گتا پيا آهن. مڇي پلي جي وڪري لاءِ وري واپارين جا محتاج ٿين ٿا. سندن لاءِ هيٺين ڳالهين جي ضرورت آهي:

1- پنهنجون ايسوسيئيشنون (جماعتون) ناهي، وچ ۾ کڏيل موڙيءَ مان مقاطعا ڪٺي، پوءِ جماعت جي ميمبرن کي مڇي مارڻ معافي ڪري ڇڏين. ان طريقي سان آهستي ٿي جماعت ۾ سڀ شريڪ ٿي ويندا. جنهن جي وسيلي هو سڏاري لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهندا.

2- بداخلاقي ۽ فضول خرچن کان بچڻ لاءِ ڪي وطن دوست ماڻهو وڃي ڪين وعظ نصيحت ڪري سمجهائين.

3- ڪوآپريٽو سيل (وغيره) جون سوسائٽيون ناهي انهن جي وسيلي پڪين ۽ مڇيءَ جي نيڪال لاءِ جوڳو بندوبست رکن.

(هفتيوار "پرڪاش" 23 آڪٽوبر 1929ع - جلد 1 نمبر - 32)

●

# اسان تميز ۽ ويچار وساري ڇڏيو آهي

وياسي وينجهار هيرو لعل ونذين جي،
تنين سدا پويان سيهي لهن نہ سار،
ڪتين ڪٽ لهار هاٿي انهين پيٽئين.

هي دنيا هڪ وڏي رڻ پٽ جي مثل آهي ۽ اسان ان جا رهاڪو مسافرن مثل، ان نهايت اوکي ۽ اڻ کٽ رڻ کي پار لنگهڻ لاءِ جيڪو وقت مليل آهي، سو آهي اسان جي حياتي، اسان جو روح (آتما) جو هڪ سمنڊ جو قطره يا هڪ داڻن جي ڍڳ جو ڪڻو آهي، سو صرف آزمودي ۽ امتحان لاءِ هن رڻ مثل دنيا ۾ موڪليو ٿو وڃي، تہ ان (روح) جو پنهنجي اصل ذات سان گڏ رهي وصال جون موجون ماڻيون آهن، سو جدا ٿي، فراق (وڇوڙو) بہ سهي سگهي ٿو يا نہ؟ ۽ ان ۾ جي مشڪلاتون ۽ دنيا جي ڏنڌن جا مهاڄار ڪيس سامهون ايندا، تنهن امتحان ۾ چڙهندو يا ڪرندو. انسان جو سمجهہ لائق ٿيڻ سان، سک، ڏک، چڱي، مٺي وغيره سان مقابلو ٿئي ٿو، انهيءَ تي ڪيس ويچار ۽ تميز ڪان ڪم وٺڻو پوندو آهي، ڇوتہ انهيءَ کان سواءِ ”جهڙي ڪاري تهڙي ڪمري“ گڏجي پوندا.

اسان جي پنتي پوڻ جو مکيہ ڪارڻ اهو بہ آهي، جو ويچار ۽ تميز کي هٿ مان ڇڏي ڏنو اٿئون. هن رڻ روپي دنيا ۾ انڌن وانگر وڃون بي تميزيءَ سان ڏوڪيندا. نتيجو اهو ٿو نڪري تہ وڃون روزبروز ترقيءَ واري رستي کان پري ٿي، ان دنيا جي جهل واري رڻ جي مشڪلاتن ۾ پاڻ ڦاسائيندا. جيڪڏهن اسان کي هن دنيا جي جهالت واري رڻ مان نڪري، ترقيءَ جي راهہ تي اچڻ جو ارادو آهي تہ اسان کي ان رستي کي ڳولي هٿ ڪرڻ گهرجي، جنهن تان ٻيا ملڪ ۽ قومون

ترقي حاصل ڪري سگھيا ھجن. منھنجو ھرويرو اھو چوڻ نہ آھي تہ پنھنجي ھاٺوڪي پنتي پيل حالت کان ٻاھر نڪرڻ لاءِ، صرف يورپ جي سڌريل قومن جو طريقو قابلِ تقليد آھي، ليڪن دنيا ۾ يورپ وانگر ڪيئي قومون ۽ ملڪ اول ترقيءَ تي ھئا. خود اوھان ھندن ۽ مسلمانن جا وڏا، اوج وارا ھئا. تن جي رستي مان بہ فائدو وٺي سگھو ٿا. پر جيئن رڻ ۾ گھڻي آمد و رفت ڪري ڪيئي رستا ۽ پيچرا ھوندا آھن. جو ماڻھو پلجي پوندو آھي تہ ڪھڙو سچو رستو آھي جو وٺان، ان وانگر ھن دنيا ۾ جتي اسان جھڙيون قومون ۽ ملڪ آھن. جن کي مسڪيني، بي عملي ۽ نا تندرستي، ڪم ھمت ۽ سست ڪري ڇڏيو آھي، اُتي حياتيءَ جو مزو سڀ نڪريو وڃي ۽ ماڻھو رڳو بدن جو گاڏو پيا گھلين، غور ۽ ويچار ڪري چڱي مني کي سڃاڻڻ وسريو وڃي ۽ ماڻھو وتن ڏينھان ڏينھن جھالت جي رڻ ۾ ڀاڙ کي ڦاسائيندا. جيئن رڻ پٽ کي ڪنھن ابوجھہ مسافر جي پلجي مرڻ جو ارمان ڪونہ ٿئي، تيئن دنيا کي ڪن سست جاھل قومن جي زبون ٿيڻ جي پرواھہ ڪانہ آھي. اھو اسان تي ئي ڇڏيل آھي تہ ڀاڙ کي اس ۾ وھاريون يا ڇانو ۾. جڏھن ھيڪر تڪليفن ۽ ڏکن ۾ ماڻھو ڦاسي وڃي ٿو تہ ان مھل ٻاھر نڪرڻ بہ سواءِ سخت ھمت ۽ ڪوشش جي مشڪل آھي. ديوان حافظ چوي ٿو تہ:

در رهٔ منزل ليلیٰ کہ خطر ھاست بسي
شرط اول قدم آن ست کہ مجنون باشي

معنيٰ: پنھنجي معشوق يا پياري شي (ليليٰ) جي سخت ڏکئي رستي ۾ ڪيتريون ئي تڪليفون آھن. اتي قدم تڏھن کڻي سگھندين، جڏھن ھيڪر چريو (مجنون) ٿي ويندين.

شاھہ ڀٽائي دنيا جي ھن حياتيءَ کي پنھنجي بيت ۾ ڪيئن نہ سھڻو رچيو آھي:

ڪٿا منجھہ قرار، ھئا ھيڪاندا سنگ ۾،
سي ڳاھي ڳاھہ فراق جي ڪيا ذارو ذار،
نجاٽان ٻيھار، ڪير ملندو ڪنھن کي.

صرف اهوئي هڪ طريقو اسان جي مئل دلين ۾ همت پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي اهي تہ پنهنجي اصل ڪي جو اعليٰ ۽ عجيب آهي، ياد ڪري، پنهنجي سڌاري لاءِ پاڻ ۾ برهہ جي باهہ پيدا ڪريون، تہ ان جي روشني ۽ طاقت آئي اسان ڪي منزل تي پهچائيندي.

تاج شاهي طلبي گوهر ذاتي بنما
ور خودار جوهر جمشيد و فريدون باشي
(حافظ)

معنيٰ: جيڪڏهن حڪومت ڪرڻ (سک ڏيڻ يا ترقي حاصل ڪرڻ) ٿو گهرين تہ پنهنجو ذاتي جوهر ڏيکار، نہ تہ اهي ڳالهيون هٿ اچڻ مشڪل آهن، پوءِ ڪٿي تون بادشاهن جو اولاد هجين تہ ڇا ٿي پيو.

اي منهنجا وطني ڀائرؤ! اسان تمام پٺتي پئجي ويا آهيون، ٻيا ملڪ ۽ قومون گهڻي ترقي ڪري ويا آهن. خدا جي واسطي هن ننڊ مان سجاڳ ٿيو، سوچو تہ ڪهڙي نہ اجائي طرف وڃي پاڻ ڪي زبون ڪري رهيا آهيو. جن قومن ۽ ملڪن وٽ ڪجهہ نہ هو ۽ هٿين خالي هئا، سي اڄ پنهنجي همت ۽ سرجوشيءَ سان سڀ ڪجهہ حاصل ڪري ويا آهن، پر اوهان تہ جيڪي هيو سو بہ وڃائي وينا آهيو. ڪيڏانهن ويو اوهان جو علم؟ ڪيڏانهن ويو اوهان جو ڌن، دولت ۽ حڪومت؟ ڪيڏانهن وئي اوهان جي تندرستي؟ جو طاقت ۾ وڌن جي ڪنهن پٽي ۾ بہ ڪين آهيو. ڪيڏانهن ويو اوهان جو اتفاق ۽ ٻڌي؟

اڄ نہ اوطاقن ۾ سندي جوڳين جوڙ،
ساري سنياسين ڪي ڪامي ٿيس ڪوڙ،
من جنهين سان موڙ، سي لاهوتي لڏي ويا.
ڇا اجاان حالت ۾ پيدا هوندا؟
اجا تون آوات، واتان پاسي ويسري،
سونهين ٿي سوات، تہ منجهان دل دک لهي.

(هفتيوار "پرڪاش" ـ 30 سيپٽمبر 1929ع جلد 1 نمبر 29)

●

# هاري

ڪراچي ضلع اندر جدا جدا طرح جون پوڪون ڪندڙ هاري (آبادگار) آهن، جيئن باراني، موڪي، چرخي ۽ سيلاني. اگرچہ هرهڪ نموني جي پوک ڪندڙن جي رهڻي ڪرڻي ٿوري جدا جدا نموني جي آهي، پر عام طرح سڀني جون مالي، تعليمي حالتون وغيره ساڳيون آهن ۽ جيتوڻيڪ ملڪ جو مکيہ فرقو اهوئي آهي، جنهن جي وسيلي گذران جو بندوبست ٿئي ٿو تہ بہ سڀ ڪان ڏکي حالت ۾ بہ اهوئي ٿو گذاري. وٽس نہ آهي علم، نہ پيسو، نہ تندرستي، نہ چڱيون جايون، مطلب تہ هو غلامانہ حياتي گذاري رهيا آهن. زميندار، ڪامورا، واپاري، پڙهيل سڀ اگرچہ انهن جي ڪمائيءَ تي هلي رهيا آهن، پر ساڻن روش اهڙي ٿا هلن، جهڙي زرخريد غلامن سان هلبي آهي. سندن گذران لاءِ ايتري اپت ڪانہ آهي جو ٻارنهن مهينا هلي سگهن. سندن ڪاڌو ڇا آهي؟ اَنُ ۽ ڪيرُ. تنهن هوندي بہ هو قرض ۾ ڳتا پيا آهن. سندن بي علميءَ تہ خاص طرح نقصان پهچايو اٿن، جنهن ڪري هو اخلاق، مذهب، حساب ڪتاب، سڌاري ۽ ٻاهرين دنيا جي خبرن کان اڻ واقف رهن ٿا. هي هڪ قسم جا قيدي آهن. سرڪاري قيدين ۽ هنن جي وچ ۾ تفاوت هي آهي تہ هنن ڪي جيل اندر ڪمارائي زوريءَ دنيا کان ڪٽي اندر ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو ٿو وڃي، ۽ سرڪار ڪين ڪنهن ڏوهہ موجب، مقرر وقت لاءِ سزا ڏيڻ واسطي بند ڪيو آهي، پر هارين کي ملڪ لاءِ سخت محنت ڪرڻ جي باجود بہ، سندن ٻين فرقي وارن ملڪي ڀائرن جي بي توجهي، لاغرضائي ۽ خود مطلبيءَ اڻ ڳڻٽي وقت تائين ڪين ان مصيبت ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. سندن اهي ظالم ڀائر شهري واپاري، زميندار، ڪامورا آهن.

هارين جي فائدي لاءِ هيٺيون ڳالهيون خاص طرح غور طلب آهن:

1- هارين جون اسوسيئيشنون (جماعتون) نهن، جي انهن جي علمي، اخلاقي، مالي ۽ صحت لاءِ ۽ رسم رواج وارن سڌارن بابت سدائين رٿون ۽ تجويزون پيون پيش ڪن.

2- سندن ڪوآپريٽو سوسائٽيون ناهجن.

هاري ٻن قسمن جا آهن: الف: سرڙيا هاري ب: هلت وارا هاري

## الف: سرڙين هارين جون سوسائٽيون:

ان سوسائٽيءَ ۾ هرهڪ تازو توانو ڪمائيندڙ هاري سرجو ميمبر ٿئي، 50 يا 100 ميمبرن جي هڪ سوسائٽي ناهجي، پوءِ اهي هاري ڪي لاڳيتا تڪ زمين جا زميندارن يا سرڪار کان آباديءَ لاءِ وٺن، اهي گڏجي ڪمائين ۽ هڪ گڏيل فنڊ مان خرچ ڪن ۽ ڪائن، بئنڪن کان قرض ڪٿي پنهنجي آباديءَ جو خرچ پورو ڪن، انهن وٽ پنهنجو فصل گروي رکن. اهي پيسا ڪين شخصي طرح نہ ڏيڻ ۾ اچن، بلڪ سوسائٽيءَ جي نالي فصل جي آڌار تي ڏيڻ ۾ اچن. اهي سڀ سوسائٽيءَ جا ميمبر گڏيل طرح حقدار هُجن، پيدائش لهڻ تي گڏيل سال جي ذميوارن لاهڻ ۽ آئنده سال لاءِ خرچ بچائي پوءِ جيڪڏهن ڪجهہ بچين تہ ورهائين، ڪاروبار جي حساب ڪتاب رکڻ لاءِ ڪو منشي رکن ۽ اهي سوسائٽيون رجسٽر ڪرائين، جو سرڪاري نظر داريءَ ڪري منشيءَ کي ٺڳڻ جو وجهہ نہ لڳي. سوسائٽيءَ جي وچان خرچ مان ڇوڪرا پڙهائڻ ڇڏين. زالون آنَ پيهڻ، پچائڻ، لاباري وغيره جهڙن ڪمن ۾ مدد ڏيئي سگهن ٿيون. ان بابت ڪتنب جي گهٽ وڌ هئڻ، ڪمائڻ ۽ موڪلن وغيره بابت قاعدا ناهجن.

## ب: هلت وارن جارين جون سوسائٽيون

1- انهن کي پيسن جي مدد زميندار ضامن وٺڻ يا سندن هلت يا وندي گروي رکڻ تي ڏجي.

2- اهي پنهنجي سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ايسوسيشنون (جماعتون)

ناهين ۽ ڇهين مهيني ميلن جي صورت ۾ جلسا ۽ ڪانفرنسون ڪن. اتي پنهنجي حقن جي حفاظت، رسم رواج جي سڌاري، تعليم ۽ اولاد جي لاءِ صلاح مصلحتون ڪندا رهن.

اهي ڳالهيون عمل ۾ آڻن واسطي هاري، ڪوآپريٽو تحرڪ جا عملدار ۽ وطن پرست ماڻهو ڪوشش ڪن.

(هفتيوار "پرڪاش" 16 آڪٽوبر 1929ع)

●

# زميندار

زميندار اگرچہ ملڪ جو عزت ۽ حيثيت وارو فرقو آهي، پر پنهنجي لاغرضائي ۽ سستيءَ ڪري، اڄ ڪلهہ تمام زبون حالت ۾ ٿيندو وڃي. بي علمي، بد اخلاقي، مفلسي، بي عزتي، گهٽ حيثيتي ۽ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون آهن، جن جو اهو فرقو شڪار ٿيل آهي. جيڪڏهن اسان جي ذميوار، باعزت فرقن جي اها حالت آهي تہ ملڪ جي سڌاري جي ڪهڙي اميد رکي سگهبي. علم کان صفا اڻواقف، جو رواجي لکپڙهہ جو ڪم بہ منشين کان ڪرائين، واپارين کان حساب ڪتاب ۾ ٺڳجو وڃن. ٻين پنهنجي زير سايہ وارن جي حقن جي حفاظت تہ هڪڙي طرف، پر پنهنجي حقن جي حفاظت جي طاقت بہ نہ ليي. فضول خرچن ڪري ملڪيتون وڃن زبون ٿينديون. جايون جڳهون، ڪپڙو، لٽو، رهائش وغيره ۾ سڌاري جا محتاج، جيتوڻيڪ سندن حيثيت معمولي هجي تہ بہ عام خالق جي چاپلوسين ۽ برغلائڻ تي سندن دماغ ۾ اڳوڻي وقت واري حڪومت جي هوا وينل آهي. راڄن ۽ هارين غريبن جي حفاظت ڪرڻ فرض ٿا سمجهن، ماڻهو خانگي ڪورٽن جي تڪليفن کان ڏجي وٽن فيصلا ڪرائڻ ٿا اچن، چورين جا فرياد پوليس وٽ نہ نيئي وٽن ٿا آڻين. هي زميندار غريبن جي ڪمن ۾ اهڙي طرح دلچسپي وٺن، پر موجوده قانون جي آفيسري روش انهن ڳالهين جي برخلاف آهي، جو اڪثر پاڻ بہ بي علم، جن ماڻهن سان ڪين ڪاروبار هلائڻو ٿو پوي، سي بہ جاهل. اهو قدرتي اصول آهي تہ ٻئي ڌريون علم ۽ عقل آهر هونديون، پر قاعدي (قانون) جي پيچيدگيءَ ڪري هنن کي آفيسرن جو محتاج ٿي رهڻو ٿو پوي، جو آفيسرن جو معمولي پٽيوالو ۽ ڪوتوار بہ سندن لاءِ حاڪم آهي، يا ٻي حالت ۾ آفيسرن جي ضديت ڪري طرحين طرحين تڪليفن ۽ مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو ٿو پوين.

جيڪي ڪاتا سرڪار ڪين ملڪ جي جوڙجڪ ۽ خدمت لاءِ مقرر ڪري ڏنا آهن، ان لاءِ ته هو سندن مدد سان هلن. تن ڪي نه سجائي، مورڳو هي زميندار پاڻ انهن جي مدد جا محتاج بڻيا پيا آهن. ان حالت ۾ سڌارو ڇا تي سگهندو؟

ان فرقي کي هيٺين ڳالهين جي خاص ضرورت آهي:

1- پنهنجي اولاد کي حيثيت آهر اعليٰ تعليم ڏيارين. گهٽ ۾ گهٽ ائگريڪلچر ۾ گريجوئيٽ ڪن يا ته ولايت سوڌن امتحانن تائين پڙهائين.

2- ڪين ملڪ جي خبر چار ڪيئن پوي ۽ اولاد ڪيئن سڌرين، ان واسطي پڇنديءَ پٽاندر تي سگهين ته پنهنجون جڳهون ڪراچي يا ٺٽي، ڪوٽڙي يا سجاول ۾ ونن يا مسواڙ تي حاصل ڪري سال جو ڪجهه حصو اتي گذارين ته انهن وڏن ڳوٺن جي قدري ترقي ۽ آزاد رهائش وارن ماڻهن سان ملڻ جلڻ ڪري هو به سڌري وڃن. سندن آفيسرن سان تعلق گهاٽا ٿين، جن جو حراس ڪين انهن کان دور ڪري بي شمار غلط فهمين جو شڪار بڻائي ٿو، سو نڪري ويندو ۽ دوستاڻه حيثيت ۾ هڪ ٻئي کي مدد ڪندا رهندا. اهڙي ريت جاهل سنگت کان نڪري سڌريل علم وارن جي صحبت ۾ ايندا.

3- پنهنجون ايسوسيئيشنون (جماعتون) تپو، تعلقو، ڊويزن ۽ ضلعي وار ناهي، انهن جي وسيلي، پنهنجي حقن جي حفاظت ۽ تعليم جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪن.

4- ڪو آپريٽو سوسائٽين وسيلي زمين ۽ آباديءَ کي سڌارين، مالي حالت درست ڪن. هيل سوسائٽين رستي فصل جي پيدائش جي نيڪال ڪرڻ جو بندوبست رکي هينئر وانگر گهٽ اگهه تي پيدائش وڪڻڻ ۽ واپارين جي ٻڌيءَ جي تڪليف کان بچي پون. گڏيل حصن سان پنهنجا ڪارخانا ۽ انجڻيون جاري ڪن ۽ کيتيءَ جا سڌريل طريقا ڪم آڻين.

اڄ ڪلهه جي زميندارن جي حالت پبلڪ خواه سرڪار اڳيان جنهن نازڪ حالت ۾ آهي، تنهن کان بچڻ لاءِ اعليٰ تعليم ۽ شهري حياتيءَ جي واقفيت ڪارگر طريقو آهي.

(هفتيوار "پرڪاش" - 16 آڪٽوبر 1929ع)

●

# ڪراچي ضلعي جو گشت ۽ سرڪار جي مخالفت

10 اپريل 1929ع موٽر ۾ ڪراچي ضلعي جو ڦيرو گشت شروع ڪيو ويو جنهن جو مقصد- ضلعي جي رياستي ڪوهن، مسافر خانن، ڳوٺن ۽ ماڻهن جي حالت ڏسڻ انهن سان تعلقات قائم ڪرڻ ۽ اتان واپس اچڻ بعد انهن جي حالتن کان واقف ٿيڻ بعد تعميري پروگرام تيار ڪرڻ هو.

چيف آفيسر قاضي عبدالرحمان جو اندر ۾ ان وقت تائين ڪافي مخالف ٿي چڪو هو. جو گذشته مارچ واري جنرل بورڊ جي ڪارروائيءَ مان پڌرو هو. هن آفيسرن جي مدد سان هڪ گروهه ميمبرن جو پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو هو. ۽ هو منهنجي هر نيڪ ڪم ۾ رڪاوٽ وجهڻ لاءِ تيار هئا.

مون گشت ۾ هلڻ لاءِ گهڻن کي لکيو پر آخر ۾ صرف مسٽر حاتم علوي گڏجي هليو. ڏهن ٻارهن ڏينهن اڳ تفصيلوار پروگرام ڳوٺن ۾ موڪليو ويو هو، ان لاءِ ته جيئن ماڻهن کي تاريخ ۽ وقت جي خبر پوڻ ڪري ناحق انتظار نه ڪرڻو پوي. ان لاءِ هر هنڌ ڳوٺن ۾ اطلاع موڪليل هو. شام جي جتي منزل ڪرڻي هئي اتي اسڪول ۾ ڊراما ۽ ناٽڪ ڪرائي ڳوٺ سڌار تحريڪ بابت عام ماڻهن ۾ چاهه پيدا ڪرڻو هو. سا ساري ضلعي لاءِ نهي چڪي هئي. جيئن مٿي ڏيکاريو ويو هو ته ان سان ڪانگريس جي تحريڪ کي مدد ملندي. لوڪل بورڊ پريزيڊنٽن ڪڏهن به ائين نه ڪيو آهي. مسٽر گبسن ان وقت ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر هو. جو مسٽر ڊسلوا جي اثر هيٺ هو. مسٽر

ڊسلوا هُن گروهہ سان لاڳاپي ۾ هو. گبسن انهن يورپين آفيسرن مان هو جي خود سر ۽ هندستانين سان نفرت ڪرڻ ۽ هر آزاد خيال ماڻهو کي دٻائي آزادي جو روح فنا ڪرڻ گهريو ٿي. ان کي جڏهن پروگرام ڏيکاري ڇيو ويو تہ صاحب گورنر جي پروگرام وانگر صبوح جو 8 بجہ کان رات 11 بجہ تائين هر ڪلاڪ جو پروگرام چاٿايل آهي ويندي ملاقاتن جا ٽائيم بہ مقرر ڪيل آهن. پروگرام جي هڪ تاريخ مثال لاءِ هيٺ ڏجي ٿي.

"10 تاريخ صبح جو 9 بجہ ڪراچي مان نڪري ابراهيم حيدري اچبو 10 بجہ کان 11 بجہ تائين اتي رهبو. پوءِ اتان نڪري ريڙهي ڳوٺ ۾ اچي 11 کان 12 بجہ تائين رهي. اتي لوڪلبورڊ عمارتون ڏسي ماڻهن سان ملي اسڪول ڏسي 1 بجہ لانڍي اچبو. اتي بہ کوهہ، ڌرمسالہ، بنگلا، فارم ڏسي شام جو 3 بجہ کان نڪري رستي تي عمارتون ڏسندي ساڍي چار بجہ کان 6 بجہ تائين اسڪول ۾ جلسو، ڳوٺاڻن سان ملاقات ۽ ميٽنگ ڪري رات جو اٺ بجي وري لانڍيءَ جي بنگلي ۾ رهڻ ٿيندو."

اهڙي قسم جو پروگرام ساري مهيني لاءِ نهيل هو.

گشت ۾ مون سان گڏ ڊسٽرڪٽ اوورسيئر مسٽر نارائڻ داس اسڪولن جو سپروائيزر، مسٽر عبدالرسول، مڪاني اورسير مسٽر هاسو مل وغيره هئا. مڪاني طرح عام ماڻهن ۽ ماسترن انتظام ٿي ڪيو. رٿ هئي تہ اڌ خرچ مڪاني ماڻهو چندي طور گڏ ڪندا ۽ باقي رقم لوڪلبورڊ طرفان ڏني ويندي ان لاءِ اٽڪل 700 روپين جي منظوري بہ ڏني ويئي هئي.

جڏهن آءٌ روانو ٿيس تہ عملدارن کي اطلاع ڏنو ويو ۽ ڇيو ويو تہ لوڪلبورڊ جي امپريس اڪائونٽ مان 500 روپيہ ڊسٽرڪٽ اوورسيئر کڻي ويو آهي. اهو دستور هو تہ ڪلارڪن، پٽيوالن، وغيره جي خرچ لاءِ جڏهين ڪوبہ وڏو آفيسر گشت ۾ ويندو هو تہ امپريسٽ اڪائونٽ مان خرچ ڪري پوءِ جڏهن ٻاڙي پٽي جا بل پربا هئا تہ ان

مان اهي پيسا ڪٽي امپريسٽ اڪائونٽ پورو ڪبو هو. ليڪن هنن انکي اهو ڦيرو ڏنو تہ خزاني جا پيسا بنا اجازت جي پريزيڊنٽ پاڻ سان ڪٺائي ويو آهي. مسٽر ڊسلوا ڪي وني آفيس ۾ اچي اوچتو امپريسٽ اڪائونٽ ڏيکاريو ويو ۽ عام طرح ظاهر ڪيو ويو تہ ڪيلڪٽر صاحب ڏاڍو ڪاوڙيو آهي شايد ڪيس ڪري سيد ڪي جيل بہ موڪلي. اهڙن ڪمن لاءِ ڪليڪٽر (گبسن) سنڌ ۾ مشهور هو. خير ان ڳالھ ڪي پوءِ لاءِ رکي آءٌ پنهنجي سير جو احوال شروع ٿو ڪيان.

## 10 اپريل 1929ع منزل لانڍي

پهرين ڏينهن تياري ڪرڻ ۽ گشت ۾ هلندڙ دوستن لاءِ ترسڻ ڪري 9 بجي عيوض 2 بجي جو گشت تي روانو ٿي ڪراچي کان ابراهيم حيدري جي ڳوٺ آيس رستي ۾ لوڪلبورڊ جو هڪ پراڻو کوھ ڏنو ويو جو خراب حالتن ۾ هو. پيون ڪچيون کوهيون هيون جيتوڻيڪ پاڻي سمنڊ نزيڪ هئڻ ڪري ٿن چئن فٽن تي نڪتو ٿي پر پاڻي سٺو نہ هو ان مال صرف مال ۽ واٽ ويندڙ ماڻهو لاچاريءَ جي حالت ۾ پاڻي پي سگهيا ٿي. رستي جو تڪر جيسائين ٽيلڊ ميونسپل جو تڪرو هو چڱو هو. ليڪن لوڪلبورڊ جي حد واري رستي ۾ نئن ڪري واري هئي جنهن مان مشڪل سان موٽر لنگهي ٿي سگهي جيتوڻيڪ گشت لاءِ خاص انتظام ڪرايل هو. ڪجھ حصو ڪلر ۽ ٽڪرائتي هئڻ ڪري نيڪ هو مرامت ڪرڻ سان موٽر هلڻ جهڙو ٿي پوڻ جهڙو هو. "ابراهيم حيدري ڪراچي کان ميل پنڌ تي سمنڊ جي ڪناري تي ڳوٺ آهي جنهن ۾ ميربحر رهن ٿا انجي آدمشماري 1436 آهي اتي جا ماڻهو مڇي مارين ٿا جنهن ڪري ان جو واپار گهڻو آهي معلوم ٿيو تہ چڱي موسم ۾ هر روز 40 کان 50 مڻ تائين مڇي مري ٿي جا موٽرن ۾ کڻي ڪراچي وڪري لاءِ آندي وڃي ٿي. ڪاهو واري تي سڪائين ٿا واپار تي چند واپارين جو قبضو آهي جي ڪراچي جي اگهہ کان اٺ ڏھ روپيا گهٽ مير بحرن کي ڏين ٿا. جيتوڻيڪ ڪراچي تائين في مڻ اٺ آنہ خرچ ٿو اچين. انجو سبب اهو آهي تہ هو کين اڳواٽ قرض کڻائين ٿاءِ جڏهن موسم نہ

هوندي آهي تہ هو انهن وٽان رقم ڪٽي ڪائين ٿا. ٻيڙيون رڇ وغيره ٺهرائڻ لاءِ انهن کان ڪين پيسا ملن ٿا. اگر ڪو آپريٽو تحريڪ طرفان اتي سيل سوسائٽي يا بئنڪ جاري ڪئي وڃي تہ هو آزاد ٿي سگهن ٿا. ان لاءِ مسٽر جمشيد ۽ خان بهادر عظيم خان سان صلاح ڪري انتظام ڪرڻو هو. ان ڳوٺ ۾لوڪلبورڊ تلاءُ آهي جو گهٽي وقت کان مرمت گهري ٿو ان طرف پاسيرو هئڻ ڪري توجهہ نہ ڪيو ويو آهي. اتي ٻہ ملا مڪتب آهن. جتي عام پرائمري ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهيون ٿي. ڪراچي جي ڀر ۾ هئڻ ڪري فضول خرچي ماڻهن ۾ گهٽي هئي. هوٽلن ۽ چانهہ جو مرض وڌيل هو اتي مسافر خانہ، سمنڊ جي ڪناري ريڙهي وهڻ لاءِ بئنچن رکڻ جي ضرورت آهي. اڪثر ماڻهو شاهہ عبدالڪريم بلڙي ۽ شاهہ يتائيءَ جي درگاهہ سان واسطو رکندڙ مريد هئا. خيلفن ڪي ڪارا پٽڪا ٻڌل هئا. اتان ماڻهن سان ملي حال احوال ڏئي وني سمنڊ جو ڪلرانو رستو ڏيئي واگهو ڏر تي آياسون جو ابراهيم حيدري کان ڪجهہ ميل پنڌ آهي اتي قدرتي طرح منو پاٽي ٿَڪر مان نڪري رهيو آهي جو سمنڊ جي ڪلهي تي آهي. لوڪلبورڊ جا نالا ۽ اڏون ٻڌل آهن ليڪن مرامت طلب آهن. ان جاءِ تي چڱو نظارو آهي. سمنڊ جي ڪارين ۽ ٻيڙين ۽ مالن وارا ماڻهو اتان پاٽي ڀرڻ اچن ٿا جو ننڍين ٻيڙين ۾ چاڙهي ڪنيو وڃن. اتان نڪري ڪلرانو رستو ڏيئي (جو ٿوري مرمت سان نيڪ ٿي سگهي ٿو) ريڙهي جي ڳوٺ ۾ آياسون. اتي چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪڏهن موتي نڪرندا هئا. سپن جي ڪلن جا هنبار لڳا پيا هئا اتي جي آدمشماري 932 ماڻهو هئي. هي ڳوٺ ابراهيم حيدري کان ڪجهہ ميل پنڌ تي آهي. اتي هڪ ملا خانگي مڪتب پاڙهي رهيو هو جو رجسٽرڊ ٿيل ڪونہ هو. اتي يا تہ انهي مڪتب کي ملا اسڪولن موجب رجسٽرڊ ڪجي يا لوڪلبورڊ اسڪول کولجي. هتي جا ماڻهو ابراهيم حيدري وانگر مڇي ماريندا ۽ شاهہ عبدالڪريم جي سلسلہ سان واسطو رکندڙ آهن. سندن ضرورتون بہ ساڳيون آهن. اتي مسافر خاني جي ضرورت آهي.

اتان نڪري لانڍي آياسون رستو جبلاٽو آهي جيڪڏهن هڪ

دفعو درست ڪري ڇڏجي تہ چند سالن تائين هلي سگهي ٿو. ريلوي ڦاٽڪ کان بنگلي تائين رستو خراب هو. پوءِ بنگلي ۾ سامان لاهي ساهي کڻي وري ملير آياسون. ڊڪ ڏني ويئي. اسڪول جي جلسي ۾ هزارها ماڻهو آيل هئا. ڊائلاگ ۽ ڊراما ڇوڪرن سٺا ڏيکاريا. ڇوڪرن تقريرون ڪيون هيڊ ماستر اسڪول بابت پنهنجي رپورٽ پڙهي ان کان پوءِ ماڻهن کي تعليم حاصل ڪرڻ، تندرستي طرف توجهہ ڏيڻ. مالي حالت سڌارڻ لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽين ذريعي ڪم ڪرڻ، بد رسمون ڇڏڻ، زالن جي ڀلي بابت هدايتون ڪيون ويون، پنهنجي طرفان انهن کي انعام ڏنا ويا. ماڻهن هن نئين پروگرام ۾ دلچسپي ڏيکاري، منجهن اميد پيدا ٿي تہ سائن همدردي رکڻ وارا پيدا ٿيا آهن. انگريزي ڪلاس کولڻ لاءِ عرض ڪيائون. اسڪول ۾ ايگريڪلچرل بياس ڪلاس هو پر ان ۾ دلچسپي ڪانہ ٿي ورتائون ڇو جي اسان انهن ۾ ان کان وڌيڪ چاهتو ٿا. هيڊ ماستر اسڪول جو عبدالرحيم مغيري هو پوءِ رات جو اسان موٽي لانڍيءَ واري بنگلي ۾ اچي رات جو لٿاسون.

ملير جي نئڻ مشڪل سان لنگهياسون. اهو رستو آهي جو ٺٽہ کان حيدرآباد وڃي ٿو ان جي هئڻ جي سخت ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ ٻي حالت ۾ ڪراچي سنڌ کان خشڪي رستي ڪٽيل رهي ٿي. ارادو ڪيو ويو تہ انشاالله اهو سارو رستو پنهنجي پريذيڊنٽي جي دور ۾ ناهي تيار ڪبو.

## 11 اپريل 1929ع گهارو

صبح جو اتي لانڍي بنگلي ۽ مسافر خاني کي ڏٺو ويو. ٻئي مرامت طلب آهن لانڍيءَ جي هوا سٺي ڏسڻ ۾ آئي.

مسافر خاني جي پر ۾ گورنمينٽ ائگريڪلچرل فارم هو پر سرڪار جي پوري توجهہ نہ هئڻ ڪري زبون حالت ۾ هو. اتي جي لوڪلبورڊ واري کوهہ جي درستيءَ جي ضرورت هئي. اتان نڪري وتيجي آياسون رستو جبلائتو هو. هڪ دفعي مرمت ٿيڻ بعد گهڻو وقت هلي سگهندو. وچم ۾ ڪيترن ڪارويز ۽ مورين جي ضرورت اٿس.

ويٺجيءَ ۾ سمنڊ جي ڪاري جي پر ۾ هڪ انبن ۽ ناريلن جي باغ جو ٽڪر آهي. اتي هڪ عمدو ٻڙ ۽ هڪ کوهه آهي جنهن جو پاڻي باوجود سمنڊ جي ڪناري تي هئڻ جي منو ۽ زود هضم آهي.

ميرپور ساڪري کان ڪراچي طرف ويندڙ مسافر اتي ترسن ٿا. اتي هڪ ننڍو مسافر خانو آهي. باغ جي سنڀال هڪ گنگوءَ نالي هندوءَ ڪي سونپيل آهي جو سال ۾ نالي خاطر 5 روپيا ساليانو لوڪلبورڊ کي ڏيندو آهي. ۽ پيدائش پاڻ کڻندو آهي. لوڪلبورڊ طرفان پوري نظرداري نہ هئڻ ڪري اهو هندو آس پاس جي زمين تي قبضو ڪندو ويو آهي جنهن ۾ باغ جو هڪ ٽڪر بہ اچي وڃي ٿو. مسافرخانو ۽ پنهنجو دڪان ڪڍيو اٿس. هن سال بہ تعلقي لوڪلبورڊ ڪيس مقاطعو ڏنو آهي. هن باغ مان ڪي وڻ بہ وڍايا آهن. ان جاءِ جي هوا چڱي آهي پاڻي سٺو جيڪڏهين ٽڪري تي بنگلو ٺهرائجي ۽ باغ کي درست ڪرائجي تہ ڪراچيءَ جي ماڻهن لاءِ هڪ تفريح گاهه بنجي پوي ڪراچيءَ کان ڏيڍ ڪلاڪ جو پنڌ آهي ۽ دابيجي اسٽيشن کان بہ ميل پري آهي.

اتان رستو ڏيئي پراڻو ٺٽل ڀنڀور جو ڳوٺ ڏنو ويو جنهن سان سسئي پنهون جي آکاڻيءَ جو واسطو آهي.

هي ڪاري جي پر ۾ هن وقت ٺٽل دڙو آهي اڳئين وقت ۾ شايد وڏو شهر هو هن وقت ڪجهه پٿرن جا نشان ان جي قديم عظمت جي ياد تازي ڪن ٿا. ان کان پوءِ سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي گهاري تائين آياسون، رستو ڪلرانو هو ڪٿي ٽڪري بہ هيس. ڀنڀور جي پر ۾ هڪ جاءِ ڏسڻ ۾ آئي جنهن نالي مشهور هو تہ اتي ڪبير جو آستانوهو. اتان گهاري جي بنگلي ۾ اچي رهڻ ٿيو. چوطرف ڪمپائونڊ وال واريءَ لٽي ڇڏيو هو. سخت هوا ڪري ڇهه بجي تائين ٻاهر نڪرڻ مشڪل ٿي سگهيو جو سخت واريءَ جو طوفان لڳي رهيو هو. مالهي بنگلي جو بيڪار هو. بنگلي جي مرمت هلي رهي هئي .شام جو ٻاٻڙس جو اسڪول، مسافرخانو ڏنا ويا. مسافرخاني کي ڪمپائونڊ وال ۽ ٿلهي جي ضرورت هئي. ڊڪ ڏني ويئي ان لاءِ جاءِ جي ضرورت. پر آس پاس جاگير هئڻ ڪري جاءِ ملي نٿي سگهي. ٻاٻڙن جو ڳوٺ ڏنو ويو

سينٽري ڪاميٽي ڪانہ آهي گهٽين ۾ پاڻ ۾ گندگي جا ڍير هئا ڳوٺ جا رهاڪو ڪيترا شاهوڪار بہ هئا پر انهن توجهہ نہ پي ڏنو آهي ڪين ڳوٺ جي سڌاري لاءِ هدايت ڪئي ويئي ۽ يقين ڏياريو ويو تہ جي اوهان ان طرف تحرڪ ونندا تہ اوهان جي لوڪلبورڊ طرفان مدد ڪئي ويندي پوءِ اتان گجي واري رستي کان موٽي گهاري آياسون. وڃڻ ساڪري واري رستہ کان ٿيو هو. رستي ۾ واريءَ جا دڙا آهن. (اهو اُهو تڪر آهي جو هن وقت ڪراچي حيدرآباد رستي ۾ آيل آهي) شام جو گهاري اسڪول ۾ سڏايل جلسي ۾ شهر ۽ آس پاس جا سوها ماڻهو حاضر هئا. ڇوڪرن چڱا ڊائلاگ ۽ ڪيل ڏيکاريا ههڙن ڳوٺائي اسڪولن ۾ اهڙي قسم جا ڪيل پهريون دفعو ڏسي ماڻهن ۾ چاهہ پيدا ٿيو. ان کان پوءِ ڳوٺ سڌار تحريڪ جي مقصدن کان حاضرين کي واقف ڪيو ويو. ڇوڪرن کي ڪيسي مان چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ انعام ڏنم. ڳوٺ جي رهاڪن ۾ بي اتفاقي هئي ڪين اتفاق ڪرڻ ۽ سينٽري جي ڪم ۾ توجهہ ونڻ لاءِ خاص هدايت ڪئي ويئي اتي ميرپور ساڪري جو مختيارڪار مسٽر ڪشنچند مليو ڪيس لوڪلبورڊ ۽ عوام جي ڪمن ۾ دلچسپي هئي ڪيتريون رٿون مون کي ڏنائين هي صوفي منش ماڻهو ۽ عوام جو همدرد هو. رات جو پنچات ۽ ٻين شهر جي مکيہ ماڻهن سان ملاقات ڪري تبادلہ خيالات بعد ماني کائي سمهڻ ٿيو.

12 اپريل 1929ع منزل ميرپورساڪرو

صبح جو گهاري کان نڪري ميرپور ساڪري اچڻ ٿيو رستو چڱي حالت ۾ هو. آمدرفت تمام گهٽي آهي رستو سڄو ميٽلڊ ڪرڻ جي ضرورت آهي. نہ تہ بارش جي ڏينهن ۾ مسافري ڪرڻ مشڪل ٿي پوندي. جو سارو رستو ڪلر آهي. اتي ڊڪ ڏنو ويو. تعلقي لوڪلبورڊ جي آفيس نهڻ جي ضرورت هئي. پوءِ اسپتال ۾ اچي ان جو تپاس ڪيو ويو. اسپتال جي ڪمپائونڊ وال زبون حالت ۾ هئي ان کي ناهڻ ۽ ساري عمارت جي مرامت جي ضرورت هئي پوءِ شهر بازار ۽ مارڪيٽ ڏنو ويو. اتان ٿي اسڪول ڏسندو شهر جي ٻاهران کوهہ ۽ تلاءُ ڏنا ويا.

کوهہ وڏيڪ نهڻ جي ضرورت هئي شهر وارن کي پاڻيءَ جي تڪليف هئي مختيارڪار شهر جي صفائي ۾ دلچسپي ورتي ٿي. اسڪول کي راندين جي ميدان جي ضرورت هئي. پوءِ مسافر خاني ۾ پريزيڊنٽ اوورسيئر جي رهڻ جون لانڊيون ڏنيون ويون. باغ جي سڌاري جي ضرورت هئي. پوءِ ڪجهہ وقت ترسي ڪوٽڙي الهرڪيہ شاهہ ڏي سانوڻپور وارو رستو وٺي وڃڻ ٿيو. گهوڙا ٻاريءَ جا رستا نهايت خراب حالت ۾ هئا. انهن کي پوري حالت ۾ آڻڻ لاءِ گهڻن پيسن جي ضرورت هئي اڳي خرچ ڪيل پيسا سڀ اجايا ويا هئا. انجنيئرن ۽ ڪليڪٽرن صرف مکيہ رستا ڏسي خوشامند تي غلط سرٽيفڪيٽ ڏنا هئا. اهو رستو ٻن تعلقن جي هيڊ ڪوارٽرن کي ڳنڍڻ وارو هو ليڪن ان طرف ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنل هو. موٽندي مهرن جي ڳوٺ وارو رستو ڏيئي واپس اچڻ ٿيو. ان کي رستو تہ نہ بلڪ پيچرو بہ سڏڻ گناهہ آهي. جتي اڌ ڪلاڪ جو پنڌ هو اتي اڍائي ڪلاڪ لڳي ويا جڏهن اوورسيئر کي چيو ويو تہ ههڙي رستي سان ڇو آنديءَ تہ چيائين تہ ان لاءِ تہ صحيح حالات کان واقف ٿيو. ان وچ ۾اسڪول ۾ اچڻ کي دير ٿي ويئي، پر ماڻهو انتظار ۾ ويٺا هئا. جلسي ۾ ڊائلاگ، ڪيل ڪيائون، تقريرون ٿيون. ڪين ڳوٺ سڌار تحرڪ جي مقاصدن کان واقف ڪيو ويو. ڳوٺ جا ماڻهو رات جو مليا انهن سان تبادلہ خيالات ڪيا ويا. ڇوڪرن کي انعام ڏنا ويا. هيڊ ماستر واڌو مل ٽيڪچند هو.

13 اپريل 1929ع منزل ميرپورساڪرو

صبح جو اتي تيار ٿي وڃان گهاري وارو رستو ڏيئي پوءِ ٻاٻڙن کان غلام الله طرف وياسون. ساڪري کان سڌو غلام الله بہ رستو هو ليڪن اهو موٽر جي سواريءَ جهڙو ڪونہ هو. هي رستو بہ خراب هو رستي ۾ ڪيترا ريموو ڪيل ڪڙيا هئا جن تي ڦڙيون تمام خراب ٻڌل هيون. غلام الله جو ڳوٺ ننڍو هو اتي ماڻهن اسڪول لاءِ گهر ڪئي ڊڪ اتي هئي جاءِ سني هيس پر پيدائش ڪانہ هيس. منشي جو ڳگهار بہ چڱي هو. هڪ پراڻي جاءِ پوليس ٿاڻي جي هئي جا خالي پيئي

هئي اها جي مسافرخاني لاءِ ونجي ۽ مرامت ڪرائجيس ته ماڻهن لاءِ سک تي پوندو.

پوءِ واپس ميرپور ساڪري اچي سيد نور محمد شاهه جي ڳوٺ ٻهارن واري رستي کان وياسون رستو ڪونه هو پر زمين ڪلراڻي هئڻ ڪري وجي ٻهتاسون جي ٿوري محنت ڪرائبي ته رستو ٺهي پوندو. اتي سيد محمد شاهه ڏنديءَ واري سان ملڻ ٿيو هو هاڻوڪي سيد جمن شاهه جو والد، وڏو سخي ۽ محبتي بزرگ انسان هو. اتان ٻر ۾ نوري جي مياڻ هئي جتي گهٽي مڇي مئي ٿي جيڪڏهين رستو ٺاهجي ته اتان ڪراچيءَ مڇي موڪلي سگهبي ان جي واپار وڌڻ جو امڪان هو. هن وقت مڇيءَ جي نيڪال جو پورو انتظام ڪونه هو. اتان ٻهارن ۾ ديس بگهاڙ واه تان موريءَ جي ضرورت هئي موتر پاڻي مان لنگهائڻي پيئي. ٻهارن جي اسڪول جي عمارت چڱي هئي. جلسي ۾ سوها ماڻهو آيا هيڊ ماستر ٻهارن جو واڌو مل تيرٿداس هو ڇوڪرن صحت عام تي چڱو کيل ڏيکاريو. پوءِ ماڻهن کي ڳوٺ سڌار تحريڪ جي مقاصد کان واقف ڪري ان دلچسپي وٺڻ لاءِ چيو ويو. انعام ورهائي واپس ميرپور ساڪري آيس. اتي خواجن جي اسڪول ۾ ويس ڇوڪرن مذهب اسماعيله جي بابت ڊائلاگ ۾ چڱي سمجهاڻي ڏني. اسڪول جي پڙهائي سٺي هئي پوءِ ڪين ڳوٺ سڌار تحريڪ جي مقصدن کان واقف ڪري انعام ورهائي رات جو ڳوٺ جي ماڻهن سان ملاقات ڪري آرام ڪيم هن تعلقي جي سموري گشت ۾ رئيس خير محمد خان بگهياڙ پريزيڊنٽ تعلقو لوڪلبورڊ ۽ شيرمحمد خان هديه وائس پريزيڊنٽ ساڻ هئا.

## 14 اپريل 1929 منزل سانولپور

صبح جو ميرپور ساڪري مان نڪري ٻهارن وارو رستو ڏيئي بگهاڙ ٽپي. اتان ساڪري جي حد ٽپي گهوڙا ٻاري تعلقي جي حد ۾ آياسون. رستو ڏسندي آءٌ هن راءِ جو ٿيو آهيان ته ساليانى رواجي مرمت مان ڪجهه فائدو ٿيڻ جو نه آهي پيسا بچائي پروگرام مطابق سڀ رستا

واري سان ڪٿي هيڪر انهن کي نيڪ ڪري پوءِ رواجي مرمت ڪجي نہ تہ رواجي مرمت وارا پيسا رائگان وڃن ٿا. حد تي سب اوورسيئر بيٺو هو. اتان ڳاڙهي وارو رستو وٺي روانا ٿياسون جو گهوڙا ٻاري حد ۾ ڪلرانو هو. ان ڪري موٽر کي تڪليف ڪانہ ٿي البت ڪي ٽڪر هيناهان هٽڻ ڪري ٻوڏ هيٺ آيا ٿي انهن جو انتظام ڪرڻو هو. ۽ مٽي ڪرڻو هون. رستي تي اڳين سالن ۾ چڱو خرچ ٿي ڪيو ويو آهي پر ڪڏهين هڪڙيون موريون نهرايون ويون تہ ٻي دفعي انهن کي رد ڪري ٻيون موريون ٻي جاءِ تان نهرايون ٿي ويون. رستي جي جيڪڏهين ڦيرگهير ڪئي ويئي آهي تہ سرڪار کان منظوري نہ ورتي ويئي آهي نڪو ڪو اطلاع ڏنو ويو آهي. رستي بدلائڻ وقت اڳي ڪيل خرچ جي پرواهہ نہ ڪئي ويئي آهي. هي رستو ساليانہ مرمتن مان درست ٿيڻ مشڪل آهي پروگرام مطابق نئين سر هڪ دفعو ٺاهي پوءِ مرمت ڪئي وڃيس. پوءِ ڳاڙهي ۾ آياسون اتي ڊڪ ڏني ويئي پيدائش ٿوري آهي منشيءَ جو پگهار چٽي آهي. اها ڊڪ گيج ريڊر جي حوالي ڪرڻ گهرجي. مسافر خانو ڏنو ويو سنو نهيل هو پر سرون ڪلرانيون هيس سي ڪڍائي نيون وجهائڻ گهرجن. گهوڙن لاءِ لانڊي، ڪاڪوس ۽ ڪمپائونڊ وال جي ضرورت اٿس.

اتان جمور ملوڪ شاهہ تائين وياسون رستو پر واري زمين کان هيٺ ٿي ويو آهي اونهاري يا بارش جي ڏينهن آمدرفت ٿي نہ سگهندي پر ۾ ٻيو رستو ڪڍائڻ گهرجي. ان کي بہ پروگرام مطابق نهرائجي. هينئر رستو دريا جي ڪناري ڦيرو ڪري وڃي ٿو. ان کي ڦيرائي وڃان ڪڍبو تہ آمدرفت ۾ سهوليت ٿيندي.

جمور ملوڪ شاهہ، اتي ماٿهن جو چوڻ آهي تہ يا بند ٻڌجي يا موري ٻڌجي جنهن تي 30 يا 40 هزار روپيا خرچ ٿيندو سرڪار کي اهم ڪم ڪٿڻ لاءِ لکجي. اتان موٽي وري ڳاڙهي ڪوٽڙي الهرکيہ شاه ۾ اچڻ ٿيو جو گهوڙا ٻاري تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر 10 يا 12 گهرن وارو ڳوٺ هو. وچ ۾ رستو تمام هيٺ ٿي ويو آهي. آمد رفت گهٽي آهي، رستو اونهاري ۾ واهہ وانگر وهي ٿو، ان ۾ واڳو اچي وهن ٿا. تنهن ڪري

آمدرفت بند ٿيو وڃي. ماڻهو 15-16 ميلن جو ڦيرو ڪيو پوءِ ڪوٽڙي پهچن ٿا. نئون رستو الهندي پاسي رستي جي پر ۾ کڏائي به فوٽ مٿي ڪجي، جو به پروگرام ذريعي ئي نهي سگهندو. ساليانہ مرمت مان ان جي درستي مشڪل آهي. ڪوٽڙي الهرڪيہ شاه ۾ اسڪول ڏٺو ويو. آس پاس وارن ڳوٺن جا شاگرد اچن ٿا. عمارت جي لانڊي نئين نهيل هئي، تعلقي آفيس جي ضرورت هئي. هينئر مسافر خاني ۾ تعلقي آفيس هئڻ ڪري عام ماڻهن کي تڪليف ٿي ٿئي. اتي هڪ لوڪلبورڊ باغ هو جو لوڪلبورڊ جي هٿ ڪٽڻ ڪري ڪنهن هندوءَ کي ملي ويو آهي. تعلقہ هيڊ ڪوارٽر لاءِ باغ ۽ پارڪن جي ضرورت آهي. ڪمن وقت ماڻهو اتي وڻن جي ڇانو ۾ آساس ونن ٿا ۽ پنهنجا وهٽ به ٻڌن ٿا. ميرپور ساڪري ۾ باغ اهو ڪم ڏئي ٿو. پاڻي جي تڪليف آهي. اسپتال هڪ مسواڙ جي جاءِ ۾ آهي، جا تمام تنگ آهي. اسپتال جي جاءِ نهرائڻ جي سخت ضرورت آهي. هن تعلقي ۾ هي ئي اسپتال آهي، جيتوڻيڪ ڳوٺ تمام ننڍو آهي، پر تعلقي هيڊ ڪوارٽر هئڻ ڪري، آس پاس جا ماڻهو اتي دوا لاءِ اچن ٿا. مختيارڪار مليو. رات جو سانولپور بنگلي تي رهڻ ٿيو جو ڪوٽڙي الهرڪيہ شاهہ کان ميل ڪن پنڌ تي واهہ جي ڪپ تي آهي.

پر ۾ سيد موليڏنہ شاه باقيل پوٽہ مٺيارِيءَ جي زمين هئي. ڳاڙهي کان ڪوٽڙي الهرڪيہ شاه ايندي رستي ۾ رئيس حاجي عمر خان منڌير جي ڳوٺ مان ٿيندا آياسون. هو مهمانواز عوام ۾ مقبول ۽ سادي رهڻي ڪرڻيءَ وارو ماڻهو آهي، ان جي پر ۾ هڪ پير سرهندي تارڪ الدنيا جي زندگي گذاري رهيو هو، جنهن جي خدمت هي ڪندو هو.

## 15 اپريل 1929ع منزل سانولپور

12 بجي ڏاري ڪوٽڙي الهرڪيہ شاه ۾ اچي تعلقي آفيس ۽ اسپتال جو معائنو ڪيو ويو. انهن جي گهرجن بابت نوٽ ورتا ويا. شام جو اتان چڙهي انجنيري بند جي پر وارو رستو ڏيئي علي بخش ڳاهي جي ڳوٺ رئيس امام بخش خان ڳاهي وٽ اچڻ ٿيو. ڏٺو ويو تہ انجنيريءَ

وارا بند کي وڏائڻ ۽ لوڙهن کي ويڪرو ڪرڻ سان اسان جي رستي کي سوڙهو ڪري رهيا آهن. اونهاري جي موسم ۾ هن رستي جي گهٽي حصي تي پاڻي اچي ٿو. ان رستي کي ويڪرو ڪري 12 فوٽ ڪرڻ ضروري آهي ۽ ڪجهه مٽي به ڪرڻ گهرجي، وچ ۾ ڪسيون لنگهن ٿيون، انهن مٿان مورين بڌائڻ جي ضرورت آهي.

علي بخش ٻگاهي جي ڳوٺ ۾ ماڻهن کي پڙهڻ جو چاهه هو. رئيس امام بخش خان اسڪول لاءِ مفت جاءِ به ڏيڻي ٿي ڪئي، اتي اسڪول پوڻ جي ضرورت هئي، اتان درويش جي ڳوٺ ۾ آياسون، واٽ ۾ رستو هيناهون هو، اونهاري ۾ آمد و رفت ۾ تڪليف ٿيندي هوندي. رستي کي مٽي ڪرائڻ ۽ پڪيون مورين بڌائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ٿي ويئي. دويشن جي اسڪول جي عمارت نئين ٺهيل هئي. اتي جلسي ۾ سوها ماڻهو آيا، ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا. غزل ڳايا، پوءِ ماڻهن کي ڳوٺ سڌار تحريڪ جي مقصدن مان واقف ڪيو ويو. انعام ورهائي، اسڪول جي عمارت کولڻ جو مهورت ڪيو ويو. درويش جي ڳوٺ وارن انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق ڏيکاريو. رئيس امام بخش خان ۽ سندس پاءُ رئيس الهڏنه خان تعليم ۾ دلچسپي وٺندا هئا. اتي ٻيلو ٻر ۾ هو، ماڻهو مال جي چراهي لاءِ ٻيلي جي تڪليفن بابت شڪايتون ڪيون. مال جي بچاءُ ۽ واڌاري طرف ڪنهن به هن وقت تائين توجهه ڪونه ڏنو آهي. اسان جي ملڪ جي ايڪانامي جو مدار کيتي ۽ مال تي آهي، جنهن مان کاڌي لاءِ کير، ڏڌ، مکڻ، گيهه گوشت هڪ طرف کم اچن ٿا ته ٻي طرف هرن کاهڻ، گاڏين هلائڻ لاءِ ڍڳا پيدا ٿين ٿا. جيڪڏهن مالدارن جي سڌاري ۽ حفاظت لاءِ ڪو انتظام نه ڪيو ويو ته شايد ماڻهو بيزار ٿي اهو ڌنڌو ڇڏي ڏين. ان وقت، ان حد جو مسٽر بروڪس ڊويزنل فارسٽ آفيسر هو ان جي ڌيان تي جڏهن اهي حقيقتون آنديون ويون ته ان ڏڪار کي مدنظر رکي 31 جولاءِ تائين هڪ سال لاءِ پنچريءَ جي معافي ڏني، پر عارضي علاجن مان دائمي مرض جو فائدو ٿيڻ مشڪل آهي. ماڻهن کي ذهن نشين ڪيو ويو. ته هو مالدارن جون جماعتون ناهي پنهنجا دک درد سڌو يا لوڪلبورڊ جي

معرفت آفيسرن تائين پهچائين.

رات جو موٽي اچي سانولپور جي بنگلي ۾ رهڻ ٿيو.

## 16 اپريل 1929ع منزل مڪلي ٺٽو

سانولپور مان هڪ بجي نڪري علي بخش ڳاهي جي ڳوٺ کان گليل وارو رستو ڏيئي پير پٺي اچڻ ٿيو. رستو هيٺ ۽ ڪچين قرين سان هو، ان کي مٽي ڪرائڻ ۽ مورين پڪين ٻڌائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي. ورنہ اونهاري ۾ هي رستو آمد و رفت جي لائق نہ رهندو. پير پٺي ۾ لوڪلبورڊ جو مسافر خانو ڏٺو ويو، فرنيچر خراب ٿي ويل آهي، لوڪلبورڊ باغ ئي عام آسائش جي جاءِ آهي. اتي جو مالهي بيڪار هو، باغ جا ڏڪا اپرا ٿي ويا هئا، باغ کي سڌارڻ لاءِ توجهہ جي ضرورت هئي، درگاهہ پير پٺي جي زيارت ڪئي ويئي. اتي تمام وڏو قبرستان آهي، هڪ پراڻي گرجا ۽ عيدگاه بہ ٽڪريءَ تي ڏسڻ ۾ آئي ٿي. شيخ جلال الدين ان وقت درگاه جو سجاده نشين هو، ان جو فرزند شيخ محمد عثمان نوجوان ۽ اڳي دفعي لوڪلبورڊ جو ميمبر هو. جيئن تہ درگاه پير پٺي تي هندو مسلمان اينديا هئا، ان ڪري شيخن جو راءِ بهادر شيوارام ۽ هرچند راءِ وارن سان گهاٽو رستو هو. اتي سيد اشرف شاه رهي ٿو جو سياسي معاملن ۾ دلچسپي وٺندڙ ۽ آزاد خيال مولوي آهي. اهو اصل ۾ جيڪب آباد ضلع جو وينل هو، پر هاڻ لڏي هتي اچي وينو آهي. پير پٺي مان نڪري ور جي ڳوٺ ۾ آياسون، رستي وچ ۾ وارياسو ۽ ڪن جڳهن تي هيٺاهون هو، جتي مٽي وجهائڻ ۽ مٽي ڪرڻ جي ضرورت هئي. ڳوٺ ۾ مارڪيٽ جي ضرورت هئي، ڳوٺ ۾ مسافرخاني کي بدلائي لوڪلبورڊ بنگلو ڪيو ويو آهي. انڪري مسافر خاني نهرائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي. بنگلي کي ڪمپائونڊ وال جي ضرورت آهي. هن ڳوٺ ۾ خواجہ قوم جا گهڻا ماڻهو رهن ٿا. اتي شيخ امام بخش شاه هڪ عمر رسيده بزرگ مليو، ان کان جڏهن پڇيم تہ شاه، سنڌ ۾ سيدن کي سڏيندا آهن اوهان تي شاه جو لقب ڪيئن ۽ ڪڏهن پيو تہ هن ٻڌو ساه ڪٽي چيو تہ هي اصل

سيد هئا پر مائٽن جي مخالفت ۽ غير وفائيءَ ڪري هاڻ شيخ سڏيا وڃن ٿا. هي شيخ محمد عثمان وارن جا عزيز هئا.

خواجن جا اسڪول چڱو ڪم ڪري رهيا هئا. ڳوٺ کي پاڻيءَ جي تڪليف هئي، کوه جي ضرورت هين. پوءِ ڳوٺ گهمي اسڪول ۾ وڃڻ ٿيو. اتي جلسو هو سوها مائٽهو آيل هئا. ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا ۽ غزل ڳايا. پوءِ ڪين تقرير رستي ڳوٺ سڌار تحريڪ جي مقصدن کان واقف ڪيو ويو. سينٽري بورڊ چڱو ڪم ڪري رهيو هو. شهر ۾ اونيون فراسيون وڪامڻ تي آيون جي پر وارن ڳوٺن ۾ نهيون ٿي. انهيءَ هنر کي همٿائي ان جي نيڪال جو انتظام ڪجي ته هي مڪاني هنر زور وٺي سگهي ٿو. ڊڪ ڏنو ويو پيدائش گهٽ آهي پر غلام الله جي ڍڪ بند ٿيڻ کان پوءِ شايد وڌي ته شڪ نه آهي. اتان موٽي پير پٺي آياسون ۽ پير پٺي کان ڪوٽڙي الهرکيه وارو وڏو رستو (جنهن تي هزارها روپيه خرچ ڪيا ويا هئا، ان تي انڪوائري ڪميٽي ويٺي هئي جنهن ڪري گهڻو وقت لوڪلبورڊ ۾ پريزيڊنٽ ۽ سندس مخالف ڌر جي وچ ۾ اختلاف رهيو هو) ڏنو ويو. مٿان رستو هلڻ جي لائق نه هو. هيٺان عارضي رستي تان لنگهياسون. هي رستو ڪونه هو پر بند هو. هن جون ڪي موريون زمين کان 15 ڪن فوٽ مٿي هيون.

اتي گڏريل چند سالن ۾ اٽڪل اڌ لک ڪن خرچ ٿيو هوندو. رستو ور وڪڙ هو، جنهن ڪري خرچ گهڻو ٿيو آهي ۽ نزاڪت به ڪانه هيس. بهرحال رستي جون باقي رهيل ضرورتون جيڪڏهن جلد پوريون نه ڪرائبيون ته اڳوڻو سمورو خرچ رائگان ويندو. درستي کان پوءِ موٽر لاءِ رستو لائق ٿي پوندو. اتان بگهاڙ وارو پراڻو رستو ڏيئي نٽي اچڻ ٿيو، اونهاري ۾ نئون رستو بگهاڙ جي موريءَ وارو ٿوري ڦيري سان ڏيئي اچڻو پوي ٿو. نٽي کان پير پٺي تائين به رستيءَ تي گهڻو خرچ ۽ محنت ٿيل آهي، باقي خامين کي درست نه ڪرائبو ته اڳوڻو خرچ رائگان ويندو. اهڙا مڪيه رستا جڏهن نهي وڃن ته انهن تي بيلدارن جي ضرورت ٿيندي.

نٽي ۾ اچڻ بعد اسڪول ۾ رٿيل جلسي ۾ وڃڻ ٿيو. اتي ڊائلاگ ڪيل ۽ غزل ڳايا ويا، ان ڪانپوءِ مائٽهن کي ڳوٺ سڌار تحريڪ جي

مقصدن ڪان واقف ڪيو ويو. رات جو مڪليءَ واري انسپيڪشن بنگلي تي اچي رهڻ ٿيو. مهمانوازيءَ جا فرائض سيٺ محمد رجب شفيعائي بجا آندا.

17 اپريل 1929ع منزل مڪلي

صبح جو نڪري ٺٽي جي مڪليءَ جو جهونو يادگار قبرستان ڏٺو ويو. فوٽو ڪڍيا ويا. شروع سيد مير عالي جي مقبره کان ڪيوسون. پوءِ تماچيءَ جي مقبري تي آياسون. اتان مبارڪ خان جو مقبرو ڏسي پوءِ ميرزا محمد باقي ترخان جو مقبرو ڏٺو ويو. پوءِ نواب شرفا خان جو مقبرو ڏٺوسون. ميرزا جاني بيگ، مرزا عيسيٰ ترخان وغيره جا مقبرا ڏسي فوٽو ڪڍيا ويا. اهي جايون سنڌ جي گذشته عظمت جي ياد تازه ڪرائي رهيون هُيون. آرڪيالاجي وارن جي حفاظت هيٺ هيون پر انهن خاص دلچسپي ڪانه ٿي ورتي. رستن ڪڍائڻ، مرامت ڪرائڻ ۽ وڏيڪ تاريخي کوجنا جي ضرورت هئي. سڄي مڪليءَ جي يادگارن ڏسڻ لاءِ موٽر جي رستي جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته مقام گهٽي پڪيڙ ۾ هئڻ ڪري ايترو سارو پنڌ ڪرڻ ڏکيو پيو لڳي، ان جي پر ۾ هڪ جاءِ هجي جتي انگريزي سنڌي ۾ ڇپايل گائيڊ جو ڪتاب نقشا ۽ فوٽا رکيل هجن، جي سياح گهمڻ کان اڳ خريد ڪري پوءِ گهمي معلومات حاصل ڪري سگهن. هڪ پگهاردار گائيڊ به اتي وينل هئڻ گهرجي جو سندن رهبري ڪري. وچ ۾ پاڻيءَ جو انتظام هجي، پراڻي کوه جي مرمت جي ضرورت آهي، جو مڪليءَ تي پاڻي لاءِ ڪوبه انتظام ڪونه آهي. پراڻي کوه جو پاڻي سنو آهي، ان کي مرامت ۽ صفائيءَ جي ضرورت آهي. ڪيترين عمارتون هينئر زبون حالت کي پهتل آهن، انهن جي مرمت لاءِ حڪومت جو توجهه ڇڪائڻ لازمي آهي. زبون ٿيل جاين جي لسٽ تيار ڪئي ويئي.

شام جو گجي طرف وڃڻ ٿيو، رستو مرامت هيٺ هو. (هاڻ اهو رستو ڪراچي حيدرآباد رستي ۾ شامل ٿي ويو آهي) واري گهٽي هئي، موٽر کي لنگهڻ ۾ تڪليف پئي ٿي. جيتوڻيڪ خاص انتظام ڪرايل

هو. گجي ۾ اسڪول هو، هڪ ننڍو ڳوٺ هو، موتي شام جو مڪليءَ ۾ آياسون. جامع مسجد ڏٺي ويئي، شهر ۾ ڪيترن دوستن سان ملڻ ٿيو.

## زندگيءَ جو نئون رخ

ڪراچيءَ مان (گشت تي) نڪرڻ بعد قاضي عبدالرحمٰن ۽ سندس گروه منهنجي دوري جي ناڪام ڪرڻ لاءِ سازش شروع ڪئي جا ان حد کي پهتي ته ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر مسٽر گبسن جو هڪ خط مون کي ٺٽي منزل تي اچي پهتو ته اوهان جو گشت لوڪلبورڊ جي مقصدن کان ٻاهر ۽ سرڪاري انتظام جي خلاف آهي. ازانسواءِ اوهان (عملي جي) خرچ لاءِ جو امپريسٽ اڪائونٽ مان پئسا ڪڍائي ويا آهيو، ان جي به اسان منع ٿا ڪريون، اوهان يڪدم گشت بند ڪري اسان سان اچي ڪراچيءَ ملو.

اتي سيد شاهنواز شاه طرفان اها ڳالهه مشهور ڪرائي ويئي ته ڪليڪٽر صاحب، شاه صاحب تي تمام ڪاوڙيو آهي، شايد ڪيس ڪنهن ڪيس ۾ ڦاسائي نقصان رسائي. دوستن کي اها خبر ٻڌي تشويش پيدا ٿي. اهو منصوبه ساز ماڻهن جو پراڻو حربو آهي ته مخالفن کي ڊپ وارا غلط افواه ڦهلائي هيسائي مرعوب ڪجي. آءٌ ننڍو هوس راءِ بهادر وارا اڳ ئي مخالف هئا. چيف آفيسر ۽ سندس گروه جي مخالفت، آفيسرن جو رنج، ڪليڪٽر جو حڪم، ڪليڪٽر کي لوڪلبورڊ ائڪٽ هيٺ لوڪلبورڊن جي ڪنٽرول جا اختيار هئا. ازانسواءِ مسٽر گبسن جي انتقام مزاجي، آزاد خيال ماڻهن کان نفرت زبان زد عام هُيون. اهو وقت غور ڪرڻ جي لائق هو ته آيا جنهن مشن سان گشت شروع ڪيو هوم ۽ ڳوٺ سڌارڻ جا جيڪي مقصد مون آڏو رکيا هئا، سي سڀ ڇڏي هن سازش جي نقصانن کان پاڻ بچائڻ لاءِ مخالفن اڳيان مٿو نمايان يا توڪل ڪري انهن مشڪلاتن کي پٺن پويان اڇلائي پنهنجو گشت جاري رکان. اتي مون سان گڏ ٻيو ڪوبه ڪونه هو سواءِ مسٽر حاتم علويءَ جي، مڪامي زميندار ميمبرن کان صلاح وٺڻ نه وٺڻ جي برابر هئي جو هو آفيسرن جي مخالفت لاءِ هريائي ڪونه هئا. خلافت تحريڪ

۾ حصو ونڻ کان پوءِ ان جي ترڪن هٿان ختم ٿيڻ جو حال ڏسي مون ارادو ڪيو هو تہ ملڪ جي تعميري ڪم ۾ آفيسرن جي مدد ۽ همدرديءَ سان ڪم ونان. مسٽر برائون، ڊپٽي ڪمشنر گر ڳائون جي ڳوناٺي هلچل جا مثال اڳيان هيم، مون سمجهيو هو تہ هن محنت ۽ ڪوشش جي عيوض مون کي مدد ملندي، پر اٽلندو ناراضگي پيدا ٿيڻ جو تہ خواب خيال بہ ڪونہ هو. هاڻ فيصلو ڪرڻو هو، جو ڪيم. امپريست اڪائونٽ جا پئسا موٽائي هيڊ آفيس ۾ موڪليم، ڪليڪٽر کي لکيم تہ پئسا حڪم موجب موٽائي ٿو موڪليان، ليڪن گشت اڌ ۾ ڇڏي واپس موٽڻ لاءِ تيار نہ آهيان، واپس اچڻ تي اوهان سان ملندس.

مسٽر حاتم علوي شهر جو باشندو هو، ڳوناٺي زندگيءَ تي هريل ڪونہ هو، اتي تفريح ڪانہ هئي. صبح شام رستا، ڍڪ، ڪوه، اسڪول، قتل ۽ زبون حالت ۾ ڳوٺ ڏسي تنگ ٿي پيو. واپس ورڻ جي اجازت ورتائين ۽ گاڏيءَ ۾ واپس ڪراچيءَ ويو. مولوي عبدالڪريم چشتيءَ کي شڪارپور لکيو هوم جو اچي اتي ٺٽي ۾ پهتو ۽ هڪ آزاد خيال ساٿي ساڻ رهيو.

هن وقت تائين ٺٽي ڊويزن جي چئني تعلقن، ڪراچي، ميرپور ساڪرو، گهوڙا باري ۽ ٺٽي جي گهٽي حصي جو دورو ڪري چڪو هوس، لوڪلبورڊ جي ڪمن نسبت ڪجهہ احوال گذريل سرگذشت ۾ ٻڌائي آيو آهيان. ڳوناٺن جي رهائش- ماني تندرستي ۽ مڪاني هنرن بابت ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

| تعلقو | لوڪل بورڊ اسڪول | ملااسڪول | آدمشماري | اسڪول ڪانسواءِ |
|---|---|---|---|---|
| ڪراچي | 7 | 22 | 40000 | 68 |
| ميرپور ساڪرو | 6 | 20 | 35000 | 43 |
| گهوڙا باڙي/ ڪيٽي بندر | 11 | 11 | 35000 | 144 |
| ٺٽو بمع ميونسپالٽي | 13 | 17 | 80000 | 90 |

| تعلقہ | سينٽري ڪاميٽي | ڪوآپريٽوسوسائٽيون | ٽوٽل ڳوٺ |
|---|---|---|---|
| 1. ڪراچي | 3 | | 97 |
| 2. ميرپورساڪرو | 4 | | 70 |
| 3. گهوڙا ٻاري | 1 | | 166 |
| 4. ٺٽہ | 4 | | 120 |

ڳوٺن جي حالت تمام خراب هئي، ڪکن جا جهوپڙا ٺهيل هئا. انهن جي اڳيان ٻاڙ، ڪلر ۽ گندگيءَ جا ڍير هئا، ڪپڙا ميرا، منهن لٿل، ڪاڏو ماڻهن جو رُکي ماني يا لسي ڏڌ يا کير هو. مڪاني هنر فراسيون، ٽوبرا، ٽڏا وغيره هئا. گيهہ، مڇيءَ جو واپار گهٽو ٿي سگهي ٿو. زميندارن جي ڪجهہ حالت بهتر آهي، ليڪن فضول خرچيءَ تباهہ ڪري ڇڏيو اٿن. رهڻي ڪهڻي سواءِ چند جي، باقي ٻين جي ڪا سٺي ڪان اٿن.

هارين، مالدارن، ميربحرن جي جماعت ٺاهڻ جي ضرورت آهي.

ضلع جي ايڪانامڪ سروي جي ضرورت آهي، ان لاءِ انتظام ڪرڻ جو ارادو ڪيم. جو 17 اپريل 1929ع شاهنواز شاهہ خان لکي مسٽر عبدالرسول سپروائيزر اسڪول کي گهرائي ورتو. ان وقت تائين هو مڪمل طرح قاضيءَ جي گروهہ جي چنبي ۾ اچي ويو هو.

18 اپريل 1929ع منزل سجاول

صبح جو تيار ٿي ٺٽي ڪان جهرڪن واري رستي ڪان ڪلري واهہ ٽپي محمد سومري جي ڳوٺ ۽ وڏيري محمد عثمان سومري جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو، جو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو ڪارآمد ميمبر هو. سندس ڳوٺ ننڍو هو، هن جي رهڻي ڪرڻي ساديءَ، آس پاس ۾ لاڳاپو هوس. پوءِ اتان واپس ٿي موٽي ٺٽي آياسون. جتان جنگشاهي اسٽيشن تي آياسون، ڳوٺ ڏٺوسون، مسافر خانو سٺو نہ هو، جهوني نموني تي ٺهيل هو. اتي مسافرن لاءِ نئين نموني جي مسافر خاني، ننڍي بنگلي، موٽرن جي بيهڻ لاءِ پارڪ ۽ ننڍي باغيچي جي ضرورت هئي. اتان موٽي ٺٽي آيس. جانورن جي اسپتال جون خاميون نوٽ ڪيون ويون.

پوءِ ٺٽي سجاول جهاز تي اچي ماڇين جي تڙ کان لهي سجاول وياسون، رستو بيلدارن جي وسيلي چڱي حالت ۾ پئي رکيو ويو. پر امدرفت گهٽي ۽ پوري پيسي نہ هئڻ ڪري اجان سڌاري جي ضرورت هيس. اهو رستو سرڪار کي کڻڻ کپي، ان لاءِ ڪوشش ڪبي. جهاز تازو مرمت تي آيو آهي، ان جي فالاتن تي ماڻهن جي وهڻ لاءِ چٽيءَ جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ انتظام ڪرڻ کپي. جهاز جي بيهڻ وارن ٻنهي طرفن تي ماڻهن جي وهڻ لاءِ لانڍين جي ضرورت هئي. موٽرن جي بيهڻ لاءِ شيڊ بہ نهرائڻ گهرجي. اتي حاجي عبدالرحيم شاه جي بنگلي تي مهمان ٿي رهياسون. ڏينهن ٽاري پوءِ مراداڻن کان سجاول ميرپور بٺوري وارو رستو ڏٺي ٻيلي وڃڻ ٿيو. ٻيلي اسڪول ۾ جلسي جو انتظام هو، ڇوڪرن ڊائلاگ ۽ غزل ڳايا. هيڊ ماستر اڏارام هو. هزار کن ماڻهو آيل هئا. تقريرون مون ۽ مولوي عبدالڪريم چشتيءَ ڪيون. ڳوٺ سڌار جماعت جي مقصدن کان ماڻهن کي واقف ڪيو ويو، انعام ورهايا ويا. ڳوٺ ۾ مسافر خاني، کوه ۽ اسڪول کي بند جي ضرورت هئي. اتان موٽي سڌو رستو سجاول وارو ڏيئي موٽي سجاول آياسون. شاه صاحب حاجي عبدالرحيم ۽ ٻين ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون. ڳوناٺي تحريڪ جي مقصدن طرف دلچسپي ڏيارڻ لاءِ ترغيب ڏني ويئي. ڪيس ڪراچيءَ ۾ ٿيڻ وارين حالتن کان واقف ڪيو ويو.

19 اپريل 1929ع - سجاول

صبح جو ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر حسين بخش شيخ شڪارپور واري سان مليو، ٺٽي سجاول جي ٽائيمن بابت گفتگو ڪئي ويئي. ٽائيمن جي ڦير گهير جي هُن ضرورت ٿي محسوس ڪئي. پوءِ سجاول جاتي جو رستو ڏيئي ميرزو لغاري ۾ ويس، اتي سيد نواز علي شاه، (سيد حاجي عبدالرحيم شاه جي ٻي والده مان ڀاءُ) کي مليس. اتي بہ لوڪلبورڊ جا کوه آهن، هڪ جي تازو مرمت ٿيل هئي، ٻيو واه جي ٻي طرف هو جنهن تي ماڻهن جي گهٽي آمدرفت هئي. ان جي مرمت ۽ نار چاڙهڻ جي ضرورت هئي. اسڪول جي ضرورت هئي، واه مٿان ڪچي موري هئي، ان جي پڪي ڪرڻ جي ضرورت هئي. شهر ۾ صفائي ڪانہ هئي. پوءِ جاتي

جو رستي ڏيئي اڳتي هلي، خراب حالت ڏسي خامين جا نوٽ وٺي موٽي سجاول آياسون. سجاول ۾ حاجي عبدالرحيم شاه جي نهرايل جامع مسجد، ان جي پر ۾ دڪان آهن جن جي پيدائش مان مسجد جي خدمت، صفائي ۽ مرمت وغيره تي خرچ ٿئي ٿو، مسجد نهايت شاندار نهيل آهي. مدرسي ۾ عربي، فارسي، قرآن شريف ۽ سنڌي پڙهائي وڃي ٿي، ان لاءِ عمارت، شاه صاحب جي وڏي ڀاءُ سيد محمد هاشم شاه جو بنگلو ڏنل آهي. بورڊنگ هائوس لاءِ جدا جايون نهيل آهن. ڪاڏي ڀيتي جو انتظام سنو هو. مدرسي لاءِ شاه صاحب هڪ زرعي زمين وقف ڪئي هئي، ٻي دڪانن جي پيدائش ۽ لوڪلبورڊ گرانٽ مان خرچ ٿيندڙ هو. ان جو انتظام ٽرسٽين جي حوالي هو، پر حال نظر داري سيد مهر علي شاه جي حوالي هئي، جنهن سختيءَ سان نظر داري ڪئي ٿي. البت ان سختيءَ سبب معلم ۽ شاگرد ذرا ناراض ڏسڻ ۾ ٿي آيا، پر ان کان سواءِ ملاطبقي مان سستي ۽ ڪاهليءَ جو نڪرڻ مشڪل هو. سيد مهر علي شاه حاجي عبدالرحيم شاه جي نٽي مان بخاري سيدن مان ڪيل شاديءَ واري خاندان مان سيد حاجي علي بخش شاه جي همشيره جو ڀاڻيج هو. هو اول ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ هو، ان کي نوڪري ڇڏائي شاه صاحب پگهار تي ڪم سنڀالڻ لاءِ پاڻ وٽ ڪارڪن ڪري رکيو هو.

مون شاه صاحب کي صلاح ڏني ته، ان مدرسيءَ کي ڪراچي ضلعي جي مذهبي تعليم جو مرڪز ڪري، اتي جي تعليم يافتن کي هڪ انجمن جي سهاري، هرهڪ ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ پيش امام ڪري موڪلجي، جتي هو نماز پڙهائين. مذهب جي صحيح تبليغ ڪن، اهي ٻن ڏکرين جا هجن هڪ وڏيڪ پڙهيل وڏن شهرن لاءِ ۽ ٻيا معمولي پڙهيل ننڍن ڳوٺن لاءِ. سندس چوڻ موجب مون کي اها رٿ ٽرسٽين جي ميٽنگ ۾ پيش ڪرڻ گهرجي، جنهن جو مون کي حڪيم شمس الدين صاحب جي جاءِ تي هڪ ٽرسٽي مقرر ڪيو ويو هو. پر ڪثرت ڪاروبار سبب ميٽنگ ۾ حاضر ٿي نٿي سگهيس.

جيڪڏهن اها تجويز عمل ۾ اچي ته لوڪلبورڊ کي ٻه گرانٽ

وڌائڻ پوندي. مدرسو هن وقت صرف ملن پيدا ڪرڻ جو مرڪز آهي جيڪي اتان نڪرڻ بعد بي ڪار ٿيو پون. پوءِ جانورن جي اسپتال ڏٺي ويئي. مرمت پئي ٿي، خاميون نوٽ ڪيون ويون. پوءِ سجاول اسڪول جي جلسي ۾ ويس ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا، پوءِ تقرير ڪري ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقاصد کان واقف ڪيو ويو. شاه بندر ڊويزن جو سجاول مرڪز هئڻ ڪري ماڻهن انگريزي اسڪول لاءِ گهر ڪئي.

20 اپريل 1929ع - منزل چوهڙ جمالي

صبح جو تيار ٿي سجاول جي اسڪول جو معائنو ڪيو ويو. هيڊ ماستر شفيع محمد، محمد سومار هو، جو شهر جو وينل هو. خاميون يا ضرورتون بابت نوٽ وٺارايا ويا، پوءِ مسافر خانو ڏٺو ويو. تعلقہ آفيس، ڊڪ، ڊڪ منشي جي جاءِ ۽ مارڪيٽ ڏٺا ويا. پوءِ اسپتال ڏٺي ويئي، ان ۾ هڪ وڏيڪ روم ۽ گهٽي مرمت جي ضرورت هئي. پوءِ جانورن جي اسپتال ۾ مسٽر هينڊرسن جي اکين جي علاج جو ڪم ڏٺو ويو. سندس ڪم عمده هو، ليڪن شهر جي طرفان ماڻهن جي ڪاڌي رهائش وغيره جو ڪوبہ انتظام ڪونہ هو. لوڪلبورڊ طرفان باميد منظوري هڪ سو روپيہ منظور ڪيو ويو ۽ حاجي عبدالرحيم شاه بہ مدد ڏيڻ جو واعدو ڪيو، اتي انهيءَ ڳالهہ جي انتظام جو بندوبست رڪارائي پوءِ چوهڙ جمالي روانا ٿياسون. واٽ تي ٽندو عالم ۾ بي رستي کان وڃڻ ٿيو، اتي ڊڪ ۽ اسڪول ڏٺا ويا. مسافر خاني جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي. رستي جي درستيءَ جي ضرورت هئي. اهو رستو جاتيءَ واري رستي کان هن ڳوٺ ڏي اچي ٿو. سجاول تعلقي جا رستا پيدائش ۽ گرانٽ جي مدنظر تي خردبرد کان بچڻ سبب ٻين جي نسبت چڱا رکيل آهن. تعلقي جو پريزيڊنٽ حاجي عبدالرحيم شاه آهي. ڪيترن رستن تي واريا سا ٽڪر آهن، انهن تي ڪلر جي ضرورت آهي. ڪلر وارن رستن تي وڏيڪ بيلدار رکڻ ضروري هئا. پراڻيون موريون ڊهرائي نيون ٻڌائڻ گهرجن. انهيءَ تعلقي ۾ موٽرن جي آمد و رفت گهٽي هئي، پوءِ وچ ۾ جاتي تعلقي جو ٽڪر اچي ٿو، سو ڏسندو بهاري پور بنگلي (جو بند

جي مٿان ٻي ڊبليو ڊي بنگلو آهي) تي اچي رهڻ ٿيو. شام جو لاڏين طرف ويندي واه جي ڪناري تي خانصاحب خير محمد خان چانڊيہ ميمبر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو. رستي کان يا واه کان ڳوٺ تائين رستو نہ هئڻ ڪري ماڻهن کي تڪليف ٿي ٿي جو خانصاحب وٽ اسپيشل ماجسٽريٽ جا اختيار هئڻ ڪري ڪيس ايندا هئا ۽ ان کان سواءِ فيصلن لاءِ بہ گهڻا ماڻهو ايندڙ هئا.

خانصاحب وٽان ويهي ملاقات ڪري لاڏين ۾ آياسون. لوڪلبورڊ باغ ڏٺو ويو، جو چڱي حالت ۾ رکيل هو. تعلقي هيڊ ڪوارٽر هئڻ ڪري ماڻهو ٻهراڙين مان آيا ٿي، تن جي آسائش لاءِ سک هو. منجهس بينچن رکائڻ جي ضرورت آهي. ڳوٺ ڏٺو ويو جو ننڍو هو. رڳو آفيسون هيون. مسافر خانہ لوڪلبورڊ جو مختيارڪار سالن کان والاريو وٺو آهي، ان ڪري عام ماڻهن کي تڪليف ٿي ٿئي. مختيارڪار لاءِ ڪوارٽر سرڪار ڪونہ ٿي نهرائي، يا تہ لوڪلبورڊ کي روينيو وارن کان ان جاءِ جي رقم ملڻ گهرجي، تہ انهن مان ٻيو مسافر خانو نهرائجي. تعلقي جو پريزيڊنٽ راءِ صاحب سيٺارام اجيت سنگهہ آهي، اتان دير سان موٽي بنگلي تي اچي رهڻ ٿيو.

## 21 اپريل 1929ع منزل چوهڙ جمالي

صبح جو چوهڙ جماليءَ مان نڪري شاه بندر وارو رستو وٺي گونگاٽي وياسون، اتان رستو سيد سوڏل شاه جي ڳوٺ وڃي ٿو، جو شاه صاحب مٽياري خاندان مان مٽيارين جو وڏل آهي. هتي زمين اٿس اهو رستو هيٺاهون ٿي پيو هو. ان جي ٻر مان ٻيو رستو ڪڍائڻ گهرجي، جو ٻڏڻ کان بچي پوي. گونگاٽيءَ جو اسڪول ڏٺو ويو جو هڪ جهوني جاءِ ۾ هو، ان لاءِ هڪ هوادار لانڍي نهرائڻ جي ضرورت هئي. ڪوه ڏسي موٽي شاه بندر رستي تي آياسون، واٽ تان جٺند زنگيجي جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو. اتي وڃڻ لاءِ رستو هو، ليڪن بند تان وڃڻ لاءِ ڪجهہ انجنيئري وارن کي گرانٽ ڏيئي ان ڳوٺ تائين آمد و رفت جو انتظام ڪرڻ گهرجي. جٺند زنجيگيجو جي اسڪول جي لانڍي

خراب حالت ۾ هئي. هينئر اسڪول هڪ سيٺ جي جاءِ ۾ عارضي طرح سان هلندڙ هو. ڊڪ ۽ ڪوه ڏسي موتي شاه بندر وارو رستو ڏيئي شاه بندر آياسون. اسڪول ۽ ڳوٺ ڏٺو ويو. سينٽري ڪاميٽي هئي، پر ڳوٺ مان واپار بند ٿيڻ ڪري ڳوٺ ڦٽندو وڃي. ڊڪ ڏٺو ويو الاؤنس تي هو. مسافر خانو زبون حالت ۾ تي ويو هو. تلاءُ ڏٺو ويو، ان جي سڌاري جي ضرورت هئي. لوڪلبورڊ وارا مقاطعا ٻاهرين ٺيڪيدارن کي ڏيڻ بجاءِ اتي جي مڪاني ماڻهن کي ڏيڻ گهرجن جو هڪ تہ روزگار بہ ٿيندن، ٻيو تہ پنهنجو ڪم سمجهي دلچسپيءَ سان ڪندا. چوهڙ جماليءَ کان شاه بندر تائين پڪي رستي جي ضرورت آهي. ممڪن آهي ڪنهن وقت هي بندر واپار جو مرڪز تي پوي، شاه بندر ۽ جاتي جو اناج ڪراچي ۾ ڪچ موڪلڻ لاءِ هي بهترين جڳهہ آهي. بندر کي درست ڪرڻ لاءِ پور ترسٽ وارن سان لکپڙهہ ڪرڻ ضروري آهي.

شاه بندر کان هڪ رستو چيچ جهان خان کان ٿيندو لاڏين اچي ٿو. اهو هن وقت خراب حالت ۾ هئڻ ڪري آمد و رفت جهڙو ڪونہ هو. ان کي سڌارڻ ڪري واپار کي هٿي ايندي ۽ ماڻهو ڦيري جي تڪليف کان ڇٽي پوندا. اسڪول خانگي مسواڙ جي جاءِ ۾ آهي، جي اڪثر هوادار ۽ اسڪول جي ڪم لاءِ لائق نہ هونديون آهن. ان ڪري لانڊي نهرائڻ ضروري آهي. پوءِ اتان موتي قائم جلباڻيءَ جي ڳوٺ کان ٿيندو لاڏين ۾ اچڻ ٿيو. پوءِ چيچ جهان خان آياسون. اتي اسڪول ڏسي موتي لاڏين کان خانصاحب خير محمد خان جي ڳوٺ مان ٻيو دفعو تي چوهڙ جمالي جي اسڪول واري جلسي ۾ آياسون. انتظام سٺو رکيل هو. هزار کن ماڻهو آيل هئا. ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا ۽ راڳ ڳايا. پوءِ ڳوٺ سڌارڪ تحريڪ جي مقصدن کان عام ماڻهن کي تقرير جي ذريعي واقف ڪيو ويو. راءِ صاحب مينارام وٽ سندس اوطاق تي وڃڻ ٿيو، جا چوهڙ جماليءَ جي ٻر ۾ واه جي ٻي طرف هئي، انگريزي ڪلاس لاءِ ماڻهن گهر ڪئي، پوءِ بنگلي تي اچي آرام ڪيو ويو.

22 اپريل 1929ع منزل جاتي

صبح جو بنگلي مان نڪري شاه بندر وارو رستو ڏيئي ابن شاه جي ٽڪرن وٽ آياسون. چوطرف ميدان آهي، وچ ۾ مناري وانگر هڪ ٽڪري آهي، جا عجيب پئي معلوم ٿئي.

مڪامي ڏند ڪٿا آهي ته مغلين درويش گهوڙي تي چڙهي اڏامندو ٿي ويو ان جي گهوڙي لڏ لاٿي اهو ٽڪر ٿي پيو. ٽڪريءَ جي مٿان ابن شاه نالي درويش جو مقبرو آهي، اتي وڃڻ لاءِ پڪي چاڙهي ٻڌل آهي. نظارو نهايت عمدو هو. ان جا فوٽو ڪڍيا ويا. اتي مسافر خاني لاءِ لانڍي نهرائڻ ۽ کوه کوٽائڻ جي ضرورت هئي. جو زائرين کي تڪليف هئي. پوءِ اهو رستو وٺي شاه عقيق ۾ آياسون. درگاه جي زيارت ڪئي ويئي، اتي ساليانه پهرين تاريخ چيٽ مهيني جي ميلو لڳندو آهي. 5-6 هزار ماڻهو ايندا آهن، اتي جو خليفو حاجي محمد سنو ماڻهو آهي، اتي اسڪول ڏنو ويو جو مسواڙ جي جاءِ ۾ هو. کوه جو پاڻي بدبوءِ ڪري ويو هو، ان جو پاڻي ڪڍڻ لاءِ آباديءَ واسطي زميندارن کي ڏجي ته بهتر ٿيندو، ورنه ڳوٺ نندي هئڻ ۾ اونهاري ۾ واهن جي پاڻي اچڻ ڪري کوه مان پاڻي نٿو نڪري ۽ خراب ٿيو وڃي. سياري ۾ ماڻهن کي تڪليف پئي ٿي. اتي ميلي جي ڏينهن ۾ ماڻهن جي سهوليت يا عام زائرن واسطي هڪ مسافر خاني جي ضرورت آهي. اتان لاڏين ۾ اچي اسپتال ڏني ويئي، ڊاڪٽر ڪجهه وقت چوهڙ جماليءَ ۾ رهيو ٿي جو تعلقي جو وڏو ڳوٺ آهي ۽ ڪجهه تعلقي جي هيڊڪوارٽر هئڻ ڪري لاڏين ۾ رهي ٿو. ڪمپائونڊر لاءِ اسپتال ۾ روم نه آهي، ڳوٺ ننڍو هئڻ ڪري اسپتال جي عملي جي رهڻ لاءِ جڳهه جي تڪليف هئي، ڪوارٽر نهرائڻ جي ضرورت هئي. اتان رستو ڏيئي جاتي ۾ آياسون، ڪمن جو خاميون ۽ ماڻهن جون ضرورتون نوٽ ڪيون ويون. جاتي جي حد وارا رستا بي توجهيءَ ڪري خراب حالت ۾ هئا.

جاتي شهر جي ٻر ۾ رستي تي بينچون ۽ وڻ آهن. اتي ماڻهو

آسائش ڪن ٿا. انجنيئري بنگلي ۾ رهڻ ٿيو. شام جو خليفي محمد بچل وائيس پريزيڊنٽ تعلقي لوڪلبورڊ ڪي وٺي ساموندي بندر وڃڻ ٿيو. رستو مرمت طلب هو. ان جي ڳوٺ جي آدمشماري 300 ماڻهو هئي، اسڪول ڏنو ويو، اتي جي سينٽري ڪاميٽيءَ جو چيئرمين هڪ ڪسٽمس آفيسر يهودي هو. مسافر خانو ڏنو ويو. پوءِ ڳوٺ ڏنو ويو، سارين جا گدام لڳا پيا هئا. هتان انن رستي مال سمنڊ تي ويندو آهي. ڪڇ طرف جو واپار هن بندر تان ٿيندو آهي. سمنڊ هاڻ هتان پري ٿي ويو آهي. اڳي پر ۾ هو. ان جو سبب گونگري واه ڪي ڳنڍو ڏيڻ چيو وڃي ٿو، جنهن ڪري پيڻ جو پاڻي به خراب ٿي ويو آهي ۽ سمنڊ به رخ بدلائي پري ٿيو آهي. سمنڊ تائين رستي ٺاهڻ جي سخت ضرورت آهي، هن وقت تائين لوڪلبورڊ ان طرف توجهه نه ڏنو آهي. ان رستي ڪڍائڻ ۾ واپارين ڪان به مدد حاصل ڪري سگهجي ٿي، جو پوءِ سمنڊ تائين لارين ۽ موٽرن وڃڻ ڪري باربرداريءَ ۾ ڪفايت ۽ سهولت ٿيندين. ٿورو پري ڪڏي بندر جي پر ۾ اونهي نار وهندڙ آهي، ان کي ٿورو خرچ ڪري سمنڊ واري نار سان ڳنڍڻ ڪري ٻيڙين جي آمد و رفت جي سهوليت ٿي پوندي. ٻڌڻ ۾ آيو ته ڪسٽم آفيسرن حڪومت کي اهڙيون رٿون به موڪليون هيون پر مٿي عملدارن ان کي وڏي خرچ واري اسڪيم بنائي سرڪار کي موڪلي جن گهڻي خرچ ڪري ان کي رد ڪري ڇڏيو. اتي ناڪئن جي راءِ هئي ته 5 هزار روپين جي خرچ سان اهو ڪم پورو ٿي سگهي ٿو. لوڪل بورڊ طرفان به عوام جي عيوضي جماعت آهي، ان ڪم لاءِ سرڪار جو توجهه ڇڪائڻ گهرجي.

کوه کي اونهاري ۾ ٻاهريون پاڻي وجهي منو ڪرائجي. پر شهر جي ترت تڪليف دور ڪرائڻ لاءِ ڪچي کوهي کوٽائي تعلقي لوڪلبورڊ کي انتظام ڪرڻ گهرجي. چوڻ ۾ آيو ٿي ته ڪڏي بندر هڪ سو ورهيه کن اڳ نهايت وسندڙ ۽ واپار جو مرڪز هو. 1819ع ڌاري ڌرتيءَ جي زلزلي ۾ اهو زبون ٿي ويون. ان جاءِ تي ڪي کنڊر واري هينان ملندا. هاڻ اتي ڪجهه ڪونه آهي. اتان موٽي جاتي آياسون. ڇڇ گولي کان

جاتيءَ تائين رستو نيڪ حالت ۾ ڪونہ هو. ملڪ فريد خان، پنهنجي خرچ سان موري ٻڌائي ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي. اهو رستو ٿوري خرچ سان درست ڪرائڻ گهرجي، پوءِ درگاه مغلبين جي زيارت لاءِ وڃڻ ٿيو. ان جو ميلو 27 ڦڳڻ جي ٿيندڙ آهي. قبي ۾ اندر وڃڻ جي اجازت ڪانہ آهي، چون ٿا تہ تربت ڪانہ آهي، هيٺ زمين ۾ ڏيو ٻرندو آهي، هڪ ڪٽ رکي آهي وغيره. صبح سادي ستين وري ٻنهيرن جو هڪ بجي، شام جو 6 بجي، دروازو کلي ٿو. خليفا اندر وڃن ٿا. خليفي وٽ بزرگ جي تاريخ هئي. هن وقت درگاه جو سجاده نشين خليفو حاجي غلام محمد ولد خليفو ماڪرپيہ آهي، سندن فرزند جو نالو بہ ماڪرپيہ آهي جو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو ميمبر آهي. خليفو غلام محمد تعلقي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ آهي.

شهر جاتي ۾ واپار گهٽو آهي. جاتي وارن ملڪن، خليفي درگاه مغلبين ۽ سيٺ ريوامل ڳوٺ جا مکيہ ماڻهو هئا. پر شهر جي صفائي پوري ڪانہ هئي. شهر جي آدمشماري 1772 هئي.

22 مئي 1929ع تي 800 روپيہ امپرسيٽ اڪاؤنٽ جا ڪليڪٽر جي چوڻ تي موٽايا ويا.

## 23 اپريل 1929ع منزل جاتي

صبح جي وقت خليفي حاجي غلام محمد ۽ خليفي محمد بچل پريزيڊنٽ ۽ وائيس پريزيڊنٽ کي ساڻ ڪٺي پهرين درگاه مغلبين جي زيارت ڪري عمارتون ڏسي اتي ٿيندڙ رسمن کان واقف ٿي لکپت وارو رستو ڏسڻ لاءِ وڃڻ ٿيو. اٽڪل 36 ميلن تائين وياسون. سارو ملڪ ڪلر ۽ رڻ هو. سواءِ ڪجهہ آباد ٽڪري جي. اهو رستو ڪڇ کي سنڌ سان ڳنڍي ٿو، ان کي ٺاهڻ ڪري سنڌ جي اناج وغيره شين جو واپار سامونڊي رستي عيوض، سڌو لارين ذريعي ڪڇ تائين ٿي سگهي ٿو. اتان سوها ماڻهو هر روز ڪڇ ڏي ايندا ۽ ويندا آهن. چوپايي مال جي گهڻي آمد و رفت آهي. پر ان طرف نہ لوڪلبورڊ توجهہ ڏنو آهي نہ سرڪار ڌيان ڏنو آهي. ڪجهہ وقت کان ملڪ راڄ، ملڪ فريد خان

لوڪلبورڊ ميمبر جي ڳوٺ تائين رستو ناهيل آهي، ٻنهي پاسي ناليون کڏي مٿي رستي تي وڏي ويئي آهي. پر ڪليل ميدان مان رستو ڪڍڻ وقت ان جي سڌائيءَ ڏي ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو ويو آهي يا تہ اوورسيئر ھي ڪم ڏسڻ نٿا اچن يا عقل کان عاري آهن. اهڙين جاين تي دوربين ۾ جهنڊن سان رستو ڪڍجي. ٻي حالت ۾ خرچ بہ گهڻو ٿئي ٿو ۽ سونهن بہ ڪانہ ٿي ٿئي. مفاصلو بہ وڏي ٿو. هن رستي تي انجاهي جي مسافر خاني تائين ٻنهي طرف ناليون ڪڍائڻ گهرجن. مسافر خاني کي مرمت ڪري نيڪ حالت ۾ آڻجي، ان جي چوڌ طرف ٻوڏ کان بچڻ لاءِ هڪ ٿلهو ناهڻ ضروري آهي. سرويرن کي اهڙن ڏورانهن ڪمن تي خاص نظر ڪرڻ کپي، نہ تہ ڪم سنو نہ ٿيندو. ان کان "آنهواري مڪان تائين رستو حال آهر ڪجهہ مٿي ڪرڻ گهرجي." آنهواري مڪان" تي لوڪلبورڊ جو مسافر خانو بہ آهي. سيٺ پهلاجراءِ جو ڌرمسالہ بہ آهي جو بہ لوڪلبورڊ جي حوالي آهي. انهن عمارتن کي درست ڪرڻ سان ڪڇ جي رڻ وارن مسافرن لاءِ سک ٿي پوندو. اتي چوڪيدار ۽ پاڻي جي موجود ڪرڻ لاءِ انن تي مشڪون آڻي، ٽانڪيءَ ۾ رکڻ گهرجن. ان رڻ ۾ پاڻيءَ کان سواءِ جانور ۽ ماڻهو مريو وڃن ٿا. مختيارڪار کان معلوم ٿيو تہ ان ڪم ۾ سيٺ پهلاجراء جي گهر جا ماڻهو ڪجهہ خرچ ڏيڻ لاءِ تيار آهن، بشرطيڪ لوڪلبورڊ اهو ڪم هٿ ۾ ڪٿي. اتان اڳتي "اُجاري" مڪان تي وياسون، جتي لوڪلبورڊ جو ٿلهو نهي رهيو آهي. سمنڊ جي وير ڪري اتي ٿورو پاڻي اچي ٿو، موٽر اڳتي هلي نہ سگهيو ۽ گپي ٻيو. جو ڪم ڪندڙن مزدورن ڪڍايو. ٻوء پنڌ ڪري ميل کن پنڌ تي ٿلهي کي ڏٺوسون. ان ٿلهي تي بہ مسافر خانو ٺهرائڻ جي ضرورت آهي، ان کان پري ڪڇ جي حد تائين بہ ٿي فوٽ رستو مٿي ڪرائڻو پوندو، سرڪار ۽ ڪڇ جي راجا جو ان طرف توجهہ ڇڪائڻ لازمي آهي. ان وچ ۾ فوٽ ڏيڍ پاڻي بيهي ٿو، اونهاري ۾ مسافرن کي پاڻي ٽانگهڻو پوي ٿو. سياري ۾ موٽر هن وقت لڪيٽ وڃن ٿا. اسان ڪڇ تائين وڃون ها پر 15 تاريخ چنڊ جي هئڻ ڪري وير گهٽي آيل هئڻ ڪري اڳتي وڃڻ کان روڪجي پياسون. واپس رستي تان ملڪ راج مان ٿيندو ملڪ فريد خان کي ملي جاتي 5 بجي

شام آياسون. 6 بجي اسڪول جاتي ۾ جلسو هو. ڇوڪرن راڳ ڳايا، ڊائلاگ ڪيا. اتي ماستر ڏيئومل هيرومل چڱي تقرير ڪئي. اهڙا ماستر ضلع ۾ ٿورا آهن، سندن همت افزائي ڪرڻ گهرجي.

پوءِ مون ڪين ڳوٺ سڌار تحريڪ جي مقصدن ڪان واقف ڪيو.

## 24 اپريل 1929ع منزل جاتي

صبح جو مولوي عبدالڪريم صاحب چشتي ٻہ مسافريون ڪري تنگ ٿي پيو. ازانسواءِ هو سياسي ۽ مذهبي جلسن جي تقريرن تي هريل هو، ڪيس ڳوٺ سڌارڪ تحريڪ جي مقاصد بيان ڪرڻ واري تقرير ۾ پابنديءَ ڪتو ڪري وڌو. سو موڪل وٺي واپس ڳوٺ ڏي روانو ٿيو. آئون اڪيلو گشت لاءِ رهيس.

پوءِ تيار ٿي جاتي ڪان بدين وارو رستو ڏسڻ لاءِ روانو ٿيس. گروڙيءَ تائين ويس، ان رستي تي ٻنهي پاسي چريون ڪڍي ڪجھ ٽڪر ۽ رستو ناهيل آهي. بارش پوڻ ڪري چريون ڪجھ لٽجي ويون هُيون، سبب اوورسيئر ماپ ڪرڻ ڪان ڊجي پيو مقاطعدار دانهون ڪري رهيو هو. اهي نوٽ ڪيون ويون. ان رستي تي مٽي ٻاهر ڪڍي ڦٽي ڪئي ويئي هئي جا گشت جو احوال ٻڌي وهاري ويئي هئي. ان ڪري نئين وهاريل مٽيءَ سبب اسان کي هڪ ڪلاڪ جو سفر 4 ڪلاڪن ۾ تڪليف سان ڪرڻو پيو. رستي تي ڪلر وجهائڻ ضروري آهي، هي رستو مکيہ آهي، ان طرف توجھ ڏيڻ ضروري آهي. درحقيقت اهڙا رستا پي ڊبليو ڊي کي ڪٽڻ گهرجن. وات ۾ هڪ کوه ڏنو ويو، ان جي مرمت ٿيڻ گهرجي. گروڙيءَ ۾ مسافر خاني کي تلهو ۽ ڪمپاؤنڊ وال هئڻ گهرجي. کوه آباديءَ لاءِ ڏجي تہ پاٽي نڪرڻ ڪري صاف رهي. شام جو موتي بنگلي تي آياسون.

## 25 اپريل 1929ع منزل ميرپور بٺورو

صبح جو جاتي ۾ اسڪول جو معائنو ڪيو ويو. پوءِ ڊڪ ڏسي اسپتال ۾ آياسون. جاءِ تمام جهوني ۽ بيڪار آهي. گرانٽ لاءِ لکپڙھ

ڪري نئين عمارت نهرائڻ گهرجي. ان ڪان پوءِ هي جاءِ مسافر خاني ۽ تعلقي آفيس لاءِ ڪم آڻجي. هتي هڪ خانگي نرس رهي ٿي، ان کي لوڪلبورڊ گرانٽ ڏئي ٿو. جيڪڏهن اها نرس ڊاڪٽر سان گڏ اسپتال ۾ ڪم ڪري ته بهتر ٿيندو. هينئر روينيو عملدارن جي ماتحت ڪم ڪري ٿي.

پوءِ ميرپور بٺوري طرف روانا ٿياسون، رستو مرمت طلب هو. وچ ۾ ملن جي ڳوٺ جي اسڪول جو معائنو ڪيو ويو، اتي جا ماڻهو شاه عبدالڪريم بلڙي جي درگاه سان وابسته هئا. اتي سندس خليفا هئا. پاڻيءَ جي تڪليف هئي، ماڻهن کوه لاءِ گهر ڪئي. وچ ۾ هڪ ٻه ڳوٺ ڏسندا شاهپور ۾ آياسون. اسڪول ڏٺو ويو جو ڪکن جي لانديءَ ۾ هو.

اڳوٽي پوليس ٿاڻي واري جاءِ لکپڙهه ڪري اسڪول لاءِ وٺڻ گهرجي. شاهپور جي پر ۾ سومرن جي تخت گاه واري هڪ پراڻي شهر جا ميلن ۾ پکڙيل ڪنڊر ڏٺا ويا آهن، جيتوڻيڪ ان کي چڱيءَ طرح ڏسڻ لاءِ ڏينهن کپن. اتي سيد دورو شاه مکيه زميندار هو. اتان موٽي وري ميرپور بٺوري ۾ آياسون. ملڪ فريد خان مهرباني ڪري اڄوڪي سفر ۾ ساڻ هو، ان پسگردائي جي ضرورتن ڪان واقف ڪيو، جن بابت نوٽ ورتا ويا. پوءِ درياه خان سوهي ڪان سيد شاه محمد شاه وٺان ٿيندا، ميرپور بٺوري ۾ انجنيري بنگلي ۾ اچي لٿاسون. ميرپور بٺوري جي حد ۾ رستو ٺيڪ هو. اتي تعلقي لوڪلبورڊ جا سمورا ميمبر حاضر هئا. انهن سان ملڻ ٿيو. شام جو جهوڪ وڃڻ ٿيو، اتي مسافر خانو، کوه، اسڪول ڏسي درگاه شاه عنايت صوفي جي زيارت ڪئي ويئي. بعد ۾ پير صاحب ميان عبدالستار صاحب سجاده نشين جي ملاقات ڪري واپس موٽي ميرپور بٺورو ۾ آياسون. شام جو اسڪول ۾ جلسو هو. ڇوڪرن کيل ۽ ڊائلاگ چڱا ڏيکاريا، راڳ ڳايا، هزار کن ماڻهو آيل هئا. پوءِ تقرير ۾ کين ڳوٺ سڌار تحريڪ جي مقصدن ڪان واقف ڪيو ويو. اتان موٽي بنگلي تي آيس، سيٺ الهبچائي خواجه صاحب، امام بخش خواجه، سيٺ محمد جعفر خواجه، سيٺ محمد سومار ميمڻ ۽

سيد محمد بچل شاه سان ملاقاتون ٿيون. حال احوال ورتا ويا تبادلہ خيال ٿيا. ميرپور بٺورو تعلقي جو هيڊڪوارٽر آهي، آدمشماري 1501 هيس، اتي 12 کان 15 تاريخ پوهہ تائين مهر شاه جو ميلو لڳندو آهي.

26 اپريل 1929ع منزل ميرپور بٺورو

صبح جو ميرپور بٺوري مان نڪري ٻني وارو رستو ڏيئي ابڙان جي ڳوٺ، آدمشماري 125 ماڻهو هيس.. اتي جو اسڪول هڪ وڏيري جي اوطاق ۾ هو، پر واري ڪڏ ۾ پاڻي هو، نظارو سٺو هو، ليڪن اسڪول لاءِ جاءِ ننڍي ۽ ڇوڪرا گهٽا هئا. نئين لانڍي نهرائڻ جي ضرورت ڏني ويئي. فوٽو ورتا ويا، رستي جي پر ۾ هڪ پراڻي جڳهہ وٽن سان ڇانيل ڏٺي ويئي جا چوڻ ۾ آيو ٿي تہ مسجد هئي. ان جي کوٽائيءَ مان شايد وڏيڪ پتو پئجي وڃي. پوءِ اتان راهوٽ آدشماري 485 اچڻ ٿيو، اسڪول ڏٺم، جنهن جي عمارت نئين هئي. اتي سيد ستار ڏنو شاه سان ملاقات ڪئي ويئي. متياري خاندان جي گهٽن خاندانن کي ڳنڍڻ لاءِ لڙي بنيل هو. سندس هڪ نياڻي پير غلام دستگير ٻال ٻوچڙن واري وٽ هئي، ٻين سيد محمد سليم شاه سعيد بوزداري وٽ، ٽين حاجي عبدالرحيم شاهہ تڪڙ واري وٽ، چوٿين پير غلام حيدر شاه بلڙيءَ واري وٽ هئي.

اتان نڪري ٻني جي ڳوٺ ۾ آيس. آبادي 739، وات ۾ رستو مرمت طلب هو، اسڪول ۽ ڍڪ ڏٺا ويا. اسڪول ۾ ڇوڪرن راڳ ڳايا، شهر جي چڱي مڙس جو هڪ ڇوڪرو نهايت چالاڪ ۽ هوشيار ڏٺو ويو. کيس اسڪالر شپ ڏيئي انگريزي پڙهائڻ جو وعدو ڪيو ويو. اتان نڪري باغ ڏمن کان ٿيندو لائقپور وياسون. آدمشماري 482 هيس. اسڪول ڏٺوو ويو، عمارت جهوني هئي. سيٺ تارا (چنداڻي) جو مکيہ ماڻهو هو، پر ۾ سيد محمد علي شاه متارين واري جو ڳوٺ هو، ان سان ملاقات ڪئي ويئي. اتان موٽي ساڳيو رستو ڏيئي ٻنڌ کان ڦري بچل ڳگہ جي ڳوٺ آياسون. اسڪول ڏٺو ويو، وڏيرو اسڪول جي لاءِ لانڍي پيسن تي ڏيڻ گهري ٿو، جا سٺي آهي ونڻ گهرجي. پيسا بہ

گهٽ چوي ٿو. اتان دڙي جي ڳوٺ آياسون. اهو ميرپور بٺوري کان پوءِ تعلقي جو ٻيو نمبر شهر آهي. ماڻهو سجاڳ ۽ دست رس وارا هئا. آدمشماري 1351 ماڻهو هيس. اسڪول ۾ جلسي جو انتظام هو. هزار کن ماڻهو آيل هئا.

ڇوڪرن ڊائلاگ ۽ کيل ڪيا. غزل ڳايا. پوءِ ڪين ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان واقف ڪيو ويو. ماڻهن انگريزي ڪلاس لاءِ زوردار گهر ڪئي. شهر جا معزز ماڻهو ارباب حاجي خميسو ميمڻ دڙو، حاجي محمد صالح، ارباب محمد سليمان ۽ وڏيرو الهڏنو. سيد احمد شاه حڪيم هئا. انهن سان ملاقات ۽ تبادلہ خيالات ڪيا ويا.

اسڪول وڏو ۽ وڌندڙ آهي، پر عمارت ڪريل هئي. ڪجهہ شاگرد مسافر خانہ ۾ ويٺا هئا. اسڪول کي نئين عمارت جي ضرورت آهي. ماڻهن زناني اسڪول لاءِ گهر ڪئي. ٻاهرائين ۾ زناني اسڪول جي گهر ماڻهن جي سجاڳيءَ جي باعث هئي. پوءِ رات جو رستو ڏئي ميرپوربٺوري آياسون.

## 27 اپريل 1929ع منزل ميرپور بٺورو

صبوح جو نڪري ٻيو دفعو جهوڪ وياسون. اتي اسڪول ۾ جلسو هو ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا ۽ غزل ڳايا. اسڪول سٺو سينگاريائون. آخوند محمد حسين جهوڪ وارو ڪراچيءَ جو جهونو ماستر ان وقت حاضر هو. اسڪول ۾ منائي ۽ انعام ورهايا ويا. پوءِ شاه عنايت صوفي جي درگاه تي وڃي زيارت ڪئي ويئي. فوٽا ورتا ويا. اتي هڪ هندو درويش ويٺل هو. ان وٽ شاه عنايت جي حياتيءَ جو بيان ۽ سندس ٻن طالبن جا ديوان موجود هئا. هڪ ديوان مير، سيد جان علي (جان الله) شاه روهڙيءَ واري جو، ٻيو ديوان مراد هو. انهيءَ جو هٿ ڪري ڇپائڻ جي ضرورت آهي. اتي 17 صفر هر سال ميلو لڳندو آهي. هزارها ماڻهو اچن ٿا. اتي وڏي مسافر خاني نهڻ جي ضرورت آهي. اسڪول لاءِ نئين جڳهہ واسطي اڳ ۾ منظوري ڏنل آهي. اتان بلڙيءَ ۾ شاه عبدالڪريم جي زيارت ڪئي ويئي ۽ پير غلام حيدر شاه بلڙيءَ

واري سجاده نشين درگاه سان ملي واپس مير پور بٺورو آياسون. بلڙي ۽ جهوڪ جي رستي جي پير ۾ پراڻي ميرانپور شهر جا کنڊر ڏسڻ ۾ آيا.

ميرپور بٺوري ۾ ڪجهه ترسي پوءِ شهر جا انگريزي اسڪول، مارڪيٽ، شهر جا مڪاني هنر، جنڊي ۽ چر جي ڪم جا دڪان ڏٺا ويا. مارڪيٽ کي شيڊ جي ضرورت هئي، سنڌي اسڪول کي هڪ وڌيڪ ڪلاس، ڪاڪوس ۽ ماسترن جي ڪوارٽرن جي مرامت جي ضرورت هئي. پوءِ ڏڙي وارو رستو ڏيئي حاجي عبدالله ڪانڌڙي جي ڳوٺ آيس. جتي اسڪول ڏٺو، جو وڏيري حاجي عبدالله مفت ڏنو هو. پوءِ والي شاه ۾ آياسون، اتي اسڪول ڏسي ماڻهن سان ملي موٽي ڏڙي اچي دعوت ڪائي، بٺوري ۾ اچي رات رهياسون.

## 28 اپريل 1929ع منزل ڪراچي

18 ڏينهن صبح شام، آرام کان سواءِ گشت شروع ڪيو ويو هو. ٺٽاوٺ هڪ طرف ۽ ٻي طرف ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ سازشن جو پتو ڪڍڻ خاطر، باقي ڪوٽڙي ڊويزن جو گشت مهمل ڪري ڪراچي اچڻ لاءِ سجاول مان جهاز تي چڙهي جنگشاهي آيس، جتان گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪراچي پهتس. موٽر پوءِ ڪراچي موڪليو ويو. انهن ڏينهن ۾ رستو نهيل ڪونه هو، ڪراچي پهچڻ ۾ تڪليف ۽ ٽائيم جي ضرورت هئي.

## 17 مئي 1929ع منزل لڪي

باوجود مخالفت جي هيٺين سببن ڪري وري ضلعي جي رهيل حصي جو گشت شروع ڪيم.

1- گشت بند ڪرڻ مان مقصد اهو نڪري ها ته ڪليڪٽر جي ڊپ کان ڊڄي پنهنجي فرض ادائي ۾ ڪوتاهي ڪئي هيم.

2- ضلع جي هر حصي کي گهمي حالتن مان واقف ٿيڻ، عام ماڻهن سان تعلق پيدا ڪرڻ ۽ ذهن نشين ڪرڻ ته سندن عيوضي سندن پرگهور لهڻ لاءِ تيار آهن.

3- ڳوٺ سڌار هلچل جو پيغام ضلع جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ.

ليڪن هاڻ شروع ڪيل هن پروگرام وقت جيتوڻيڪ تقرير ۾ محطاط الفاظ ڪتب ٿي آندم پر آزادي ۽ تلخي زياده هئي.

صبح جو لڪيءَ وڃڻ ٿيو ڀڳي ٽوڙي تائين رستو، موريون گهمي ڏٺا ويا پوءِ لڪيءَ کان آمري ۽ آباد جا اسڪول ڏٺم. ماڻهن کي مليس آمريءَ جو ڊڪ ڏٺم ٻپهرو آمريءَ ۾ ڪري شام جو لڪيءَ موٽي ويس. ڌارا تيرٿ جا چشما، مسافر خانہ، ڏسي سام جو اسڪول لڪيءَ ۾ جلسي ۾ وڃڻ ٿيو اتي ڊائلاگ ۽ راڳ ڇوڪرن ڳايا پوءِ تقرير ذريعي ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقاصدن کان واقف ڪيم.

18- مئي 1929ع منزل سن

صبح جو لڪيءَ مان نڪري ٿٽيءَ ۾ ڪوه ڏسي ڳوٺ جي ماڻهن سان ملي پوءِ آمريءَ آيس. اتي مسافر خانہ، بنگلو، ڊڪ، اسڪول ڏسي ڳوٺ جي ماڻهن سان تبادلہ خيالات ڪري. ڇڇرن جي ڳوٺ ۾ آيس، اتي سينٽريءَ جو ڪم، اسڪول، موريون ڏسي ماڻهن سان ملي تبادلہ خيال ڪري، ڳوٺ سڌار هلچل جو مقصد ٻڌائي گائڇن جو اسڪول ڏسي، سن ۾ آيس. شام جو اسڪول ۾ جلسو ٿيو ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا ۽ غزل ڳايا پوءِ ڪين ڳوٺ سڌار هلچل جو مقصد سمجهايو ويو.

19، 20، 21 سن ۾ رهيس 20 تاريخ عيد ذوالحج هئي.

22 مئي 1929 منزل مانجهند

صبح جو سن کان نڪري چانڊيہ، نورپور، ماڇي، ڪماڻ، لاڪا، ڪاڇي ڳوٺ ڏٺا ويا. جتي رستا، موريون، اسڪول، ڌرشالہ، ڪوه ۽ ڊڪ ڏٺا ويا. ٻپهرو ڪاڇين ۾ رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ جي ڳوٺ ڪيو ويو. شام جو ان کي ساڻ ڪٽي مانجهندن ۾ اچڻ ٿيو، هڪ بورڊ آفيس، اسپتال ڏسي شام جو اسڪول جي جلسي ۾ وڃڻ ٿيو اتي ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا ۽ غزل ڳايا پوءِ مجلس کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان واقف ڪيو ويو. رات جو مانجهندن جي بنگلي ۾ رهڻ ٿيو.

23 مئي 1929ع منزل ڪوٽڙي

صبح جو مانجهندن مان نڪري رستي ۾ موريون ڏسندو. خاصائي، گوپانگ ڳوٺن مان ٿيندو، ماڻهن سان ملندو حال احوال وٺندو، خانوٺ جي ڳوٺ آيس اسڪول بند هو. پوءِ پيڙ ۾ آياسون پيهرو سيد ميان مقبول شاهه وٽ ڪيوسون. اتي اسڪول، ڊڪ، اسپتال، کوه، مارڪيٽ ڏسي ماڻهن سان ملي. پوءِ ٻڍاپور جو اسڪول ڏسي ۽ کوه تپاسي ماڻهن سان ملي انڙپور آياسون. اتي اسڪول، ڊڪ، مارڪيٽ ۽ مسافر خانو ڏسي ماڻهن سان ملي وري مانجهو اچڻ ٿيو اتي اسڪول ۽ شهر ڏسي ماڻهن کي ملي. پيٽاڙو، راجڙ، رائيلو ڳوٺن ۾ اسڪول يا ٻيون لوڪل بورڊ جايون ڏسي. ماڻهن کي ملي ڳوٺ سڌار هلچل کان واقف ڪري ڪوٽڙيءَ اچي ڊاڪ بنگلي ۾ رهڻ ٿيو.

27- مئي 1929ع منزل ڪوٽڙي

ڪوٽڙيءَ ۾ شام جو ميونسپل اسڪول ۾ جلسو هو جتي خدا جي سارا‍هه، مرحبا ۽ سپرنڊنٽ اسڪول مسٽر روپچند جي رپورٽ کان پوءِ ڇوڪرن ڊائلاگ ۽ کيل ڪيا. راڳ ڳايا، پوءِ انعام وراهيم، مون ڳوٺ سڌار هلچل جا مقصد ماڻهن کي ٻڌايا ان کان پوءِ مسٽر حافظ، ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر هوندراج پارواڻي ۽ مسٽر عبدّاللطيف سيلاٽ تقريرون ڪيون پوءِ قومي ترانو ڳايو ويو. رات اتي رهي پياسون. اسڪول، تعلقي آفيس، اسپتال ڏٺا ويا. ماڻهن سان تبادلہ خيالات ڪيا ويا.

28- مئي 1929ع منزل ٿاڻو بولاخان

صبح جو ڪوٽڙيءَ مان نڪري ٿاڻي بولاخان آياسون رئيس فقير بخش خان ڪاڇي ساڻ هو. نئون نهرايل رستو ڏٺو ويو. لڪ تي ڪم ڏٺو ويو. ٿاڻي بولا خان ۾ ڊڪ، اسپتال، اسڪول، کوهه ڏٺو. شام جو اسڪول ۾ جلسو هو ڇوڪرن ڊائلاگ ۽ غزل ڳايا. انعام ورهايا ويا

ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان واقف ڪيو ويو ڊسٽرڪٽ بنگلي ۾ رهڻ ٿيو. زنانو اسڪول ڏٺو ويو جو چڱو هليو ٿي. ڳوٺ جي ماڻهن سان ملاقات ٿي پير باقر شاهه صاحب ۽ سندس فرزند ۽ ملڪ سردار خان صاحب سان ملڻ ٿيو، آبهوا سٺي هئي. ڪوهن ۾ هندو زالن اڪا وڏا ٿي جنهن ڪري انهن جو پاڻي خراب ٿي ٿيو.

29- مئي 1929ع منزل جهرڪ

صبح جو ٿاٽي بولا خان کان نڪري مختلف رستا ۽ لوڪل بورڊ جون جايون گهمندا شام جو جهرڪن ۾ پهتاسون ڊسٽرڪٽ بنگلي ۾ رهڻ ٿيو. اسپتال، ڊڪ، مسافر خانو ڏٺا ويا. شام جو اسڪول ۾ جلسو ٿيو. ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا. راڳ ڳايا انعام ورهايا ويا. پوءِ آيل ماڻهن کي ڳوٺ سڌار تحريڪ جي مقصدن کان واقف ڪيو ويو. ڳوٺ جي ماڻهن سان تبادلہ خيال ٿيا. انهن کان حال احوال ورتا ويا رات جو جهرڪن ۾ رهياسون.

30 مئي 1929ع ڪراچي

صبح جو جهرڪن مان نڪري سونڊا اسڪول، ڊڪ، مسافر خانو ڏسي ڳوٺ جي ماڻهن سان مليِ. حال احوال ڪري، پوءِ هيلاين ۾ اسڪول ڏسي ماڻهن سان ملي جنگشاهيءَ اچي اتان موٽي گاڏيءَ ۾ سن اچڻ ٿيو. نٽي ۾ جهاز تي بارجز ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شامل ٿيس.

## سال 1929ع تي سرسري نظر

سال شروع ٿيڻ شرط ڪراچي ضلعي جي ڳوناٺي ترقيءَ ۽ سڌاري جي تحريڪ مختلف طرحن سان شروع ڪيم.

1- هڪ طرف ريڊ ڪراس سوسائٽيءَ وارن سان لهه وچڙ ۾ آيس تہ

2- ٻي طرف مس پگٽ سان مڪاني داين جي ٽرينڊ ڪرڻ بابت

مشوره ڪيم.

3- زالن جي ترقيءَ ۽ سڌاري لاءِ ڪراچيءَ ۾ رورل وومين ويلفيئر ايسوسيئيشن برپا ڪيم جنهن جي سيڪريٽري ”مس رڪي آڏواڻي“ ۽ ”مسز ميهتا“ پريزيڊنٽ هئي.

4- رورل رفارم ايسوسيئيشن برپا ڪيم جنهن جو صدر مسٽر جمشيد مهتا ۽ سيڪريٽري آءٌ ٿيس. ان جا رول وغيره ٺاهيا ويا.

5- ڪراچي ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ برپا ڪئي ويئي. ضلعي ۾ سهڪاري هلچل کي زور وٺائڻ لاءِ مسٽر جمشيد پزيزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري آءٌ هوس.

6- مالدارن جون تڪليفون دور ڪرائڻ ۽ سندن مال جي بچاءَ ۽ ترقي لاءِ جماعتون ٺاهيون ويون.

7- سمنڊ ۽ درياهه وارن ميربحرن جي حقن جي حفاظت ۽ واڌاري وغيره لاءِ انهن جون جماعتون ٺاهيون ويون.

8- اڪين جي ڊاڪٽر مسٽر هينڊرسن کي ڪراچي ضلعي ۾ گشت ڪرڻ لاءِ همٿايو ويو

ازانسواءِ هيٺين مختلف جڳهن تي سوشل سروس نقطہ نگاه کان ڪم ڪرڻ شروع ڪيم:

1- ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ۽ ان جون ڪيئي ڪاميٽيون. اسٽنڊنگ ڪاميٽي، رولس ڪاميٽي، بلڊنگ ڪاميٽي، سجاول، فيري بابت ڪاميٽي، انجنيري ڪاتي جي منظم ڪرڻ جي ڪاميٽي وغيره.

2- ميمبر ڪراچي ميونسپالٽي جنهن جون هفتي ۾ ٽي ميٽنگون ٿينديون هيون. ان جي گارڊن ۽ ميوزم ڪاميٽي جو ميمبر ٿي ڪم ڪيم.

3- فري ميشنري ۾ داخل ٿي ٽيئي ڊگريون حاصل ڪري جونير وارڊن تي ڪم ڪرڻ، لاج ٽيمرسن ۽ بينوولنس ۾.

4- سنڌ سينٽرل بئنڪ ۾ خانبهادر عظيم خان جي صلاح پٽاندڙ آءٌ

۾ مسٽر حاتم ڊاريڪٽر ٿياسون ۾ ڪوشش ڪئي ويئي تہ هن وقت تائين جو بئنڪ کي ڊپازيٽرن ۽ واپارين جي فائدي خاطر ڪم پئي آندو ويو، جو انهن جي زيادتي هئي. ڊائريڪٽرن ۾ گهٽائي هئي سو آبادگارن جي طرف جا نمائنده ڪري انهن جي اثر هيٺ انهن جي فائدي خاطر ڪم آڻڻ گهرجي. ڊائريڪٽر ٿيڻ بعد ان جي ڪيترن ئي ننڍين ڪامين ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

ملير ڪوآپريٽو سوسائٽي جنهن ۾ 20 لکن کان مٿي رقم بئنڪ جي سيڙيل هئي ان ۾ پوري نظرداري ڪرڻ لاءِ بئنڪ طرفان ڪم ڪرڻ شروع ڪيم. نوان ڊائريڪٽر مقرر ڪرڻ جي سلسلي ۾، مسٽر دستور کي مئنيجر ڪري آڻڻ جي ابتدا ڪئي وئي.

5- سيڪريٽري رورل فارم ايسوسيئيشن جي ڪم لاءِ ساري ضلعي جو دورو ڪيم. ماڻهن سان تعلقات هڪ طرف قائم ڪيا ويا تہ جماعت جي مقصدن کان ٻئي طرف عوام کي واقف ڪيو ويو. ضلعي جي ڳوٺاڻن تڪيلفن کان واقف ٿيس. لوڪل بورڊ کي حقيقي طور عوام جي جماعت بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪيم.

6- زميندارن جي ايسوسيئيشن سان سيڪريٽري جي حالت ۾ تعلقات قائم رکندو آيس.

7- هارين طرف توجهہ ڏيڻ شروع ڪيم جو ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن ۾ اهو داخل ڪيو ويو.

8- ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ کي پنهنجي ذهني ۽ دوستانہ تعلقات جو مرڪز بنائي ان جا ليڪچر ٻڌڻ، ان ۾ ڪم ڪندڙن ڳوٺاڻن طرف توجهہ ڏيڻ لاءِ ترغيب ڏيارڻ جا ڪم ڪندو رهيس. مسٽر جمشيد، مسٽر حاتم علوي، مسٽر چينمل پرسرام، منگهارام ٿهلراماڻي، ريجهو مل آڏواڻي، جهمٽ آڏواڻي اتي جي ڪارڪنن مان مکيہ سنگتي هئا.

ڪرشنا مورتي جا ليڪچر ٻڌي ان کان متاثر ٿيس.

9- ڪوآپريٽو انسٽيٽوٽ سنڌ ۽ بمبئي سان لاڳاپا وڌائڻ جي ڪيم.

10- انجمن ترقي اردو جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبر جي حيثيت ۾ ان جي ترقي لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

11- نوجوان مسلمانن سان واقفيت وڌائڻ لاءِ ”ينگ مينز مسلم ايسوسيئيشن“ جي ميٽنگن ۾ بهرو وٺڻ لڳس.

12- سنڌ مدرسه بورڊ ۾ ميمبر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيم.

13- مدرسه هاشميه سجاول ۾ ٽرسٽي جي صورت ۾ ڪي اهم تجويزون پيش ڪرڻ جي ڪيم.

14- ايڊريو بلائينڊ ايسوسيئيشن ۾ ميمبر طور ميٽنگن ۾ وڃي انڌن جي ڀلائيءَ لاءِ دلچسپي ورتم.

ٻي طرف قاضي عبدالرحمان ۽ شاهنواز شاهه جي گروهه ۽ انهن جي طرفدار مسٽر ڊسلوا پرسنل اسسٽنٽ ڪليڪٽر ڪراچي ۽ مسٽر گبسن ڪليڪٽر ڪراچي سان اختلاف ٿيڻ ڪري منهنجي هر قسم جي ڪاروبار ۾ رنڊڪون پوڻ لڳيون. گشت ڪي سرڪار جي برخلاف تحريڪ شمار ڪرائي، بند ڪرائڻ جي ڪوشش تي، ان تي ڪيل ڀاڙو پتو، جلسن تي ڪيل خرچ، ويندي سن جي زناني اسڪول جي مسواڙ ۽ پٽيوالن جو خرچ مون کان شخصي طرح ڀرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان ڪري انجنيئر رکڻ لاءِ تيزيءَ سان ڪم ورتو ويو. جنهن ڪي ٻي ڏر هٽائيندي ٿي آئي جڏهن سنڌ جي ڪمشنر گرانٽ بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ته ڪواليفائيڊ انجنيئر رکڻ ڪانسواءِ، گرانٽ بند ڪبي ته پوءِ لاچار ٿي هن گروهه طرفان ان جي مخالفت بند ٿي. پر ڪوشش ٿي ته ڪو هٿ ٺوڪيو ماڻهو ان جاءِ تي رکجي، پر مون ان لاءِ ڪوشش ڪئي ته باهمت ۽ آزاد ماڻهو ان جاءِ تي رکجي ان لاءِ مسٽر گزدر کي خيال ۾ رکيو ويو. مسٽر گزدر جي فائدي ۾ هيٺيون ڳالهيون هيون:

1- سنڌ جو مسلمان، تجربيڪار ۽ باهمت هو.

2- ٻي ڌر جو هٿ نوڪيو تي رهڻ جو منجهس گهڻ امڪان هو.

3- بابا مير محمد بلوچ، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد وغيره منجهس دلچسپي وٺندا هئا.

مسٽر گزدر جي مقرريءَ کي ٻي ڌر دل ۾ پسند نہ ڪيو ۽ منظوريءَ جي ڪاغذن مٿي موڪلڻ ۾ دير ڪيائون ۽ چيف آفيسر ميٽنگ جا منٽس پريزيڊنٽ جي ڏيڪارڻ ۽ منظور ڪرائڻ ڪانسواءِ پنهنجي رخ لکي ڪليڪٽر کي ڏيئي آيو. جنهن هڪ سخت خط لکيو جنهن ۾ هن مون تي عتاب آندو تہ مسٽر گذدر جهڙي ڊسمس ٿيل ماڻهوءَ کي ميمبرن کي صحيح حقيقت ٻڌائڻ ڪانسواءِ برغلائي مقرر ڪرايو اٿم ۽ ان ۾ چاٽايل هو تہ وري اهو نهراءَ بورڊ اڳيان پيش ڪريان. ان وچ ۾ ڪن ڊپٽي ڪليڪٽرن کي چيائين جن تجويز موڪلي تہ هڪ خاص بورڊ جي ميٽنگ سڏائي ان ۾ مسٽر گزدر کي ڊسمس ڪيو وڃي. ڊپٽي ڪليڪٽرن کي حڪم مليو تہ گشت ڪري پنهنجي حد جي ميمبرن کي سمجهائين تہ مسٽر گزدر جي مقرري بيقاعدي آهي جيڪي ان جي فائدي ۾ ووٽ ڏيندا تہ گزر جو پگهار انهن کان سرڪار ڀرائيندي وغيره. پر جيڪي ميمبر ڊپٽي ڪليڪٽرن جي چوڻ تي باز نہ ٿي آيا تن کي سندس پرسنل اسسٽنٽ يا ڪليڪٽر خود گهرائي چيو ٿي. ان وقت هيٺان ٽي ڊپٽي ڪليڪٽر هئا. 1- مسٽر نور نبي خان ڊپٽي ڪليڪٽر شاهبندر 2- مرزا منوچر بيگ ڊپٽي ڪليڪٽر ٺٽو 3- مسٽر حافظ ڊپٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙي.

مسٽر حافظ جي حد ۾ ٽي ميمبر هئاسون هڪ مسٽر طيب علي علوي ٻيو سيد مقبول شاھہ ٽيون آءٌ، جي ٽيئي آفيشنل اثر کان مٿي هئاسون. ازانسواءِ هن سرڪاري عملدار هوندي بالا عملدارن جي حڪم جي پيروي تہ ڪئي ٿي ليڪن شرافت هٿ کان نہ ڇڏي. باقي ٻيا ڊپٽي ڪليڪٽر شرافت جون ليڪون لنگهي پنهنجي انگريز آقا جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ حد ٽپي در در ويا ۽ ميمبرن کي لالچون، دڙڪا وغيره ڏيئي مخالف ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون.

# ڪراچي ضلع جي ڳوٺاڻن طرف ڏيان ڪرڻ لاءِ علم ۽ ملڪيت وارن ماڻهن جي خدمت ۾ اپيل

خفتہ بر سنجاب شاهي نازنين راچ غم،
گرز خارو خار سازد بستر دبالين غريب.
(حافظ)

معنيٰ ”اهي ماڻهو جي سيج پلنگن تي سمهندڙ آهن تن کي ڪنڊن ۽ ڪانئن ۾ ستل مسڪينن جو ڪهڙو غم ٿيندو؟“

اي ملڪيت ۽ علم وارا مرد ۽ عورتو! ڀهراڙي جا مسڪين ۽ علم وارا، اوهان جا ڀائر ڀينرون هن ترقيءَ جي زماني ۾، هن اڌوري حالت ۾ مدد ۽ همدردي واسطي اوهانجي طرف واجهائي رهيا آهن. انهن جي ئي ڪمائيءَ تي اوهان هيتري قدر ترقي ڪئي آهي. هو قرباني ڪري سخت جهولن ۽ گرمين ۾ ڪوڏريون ۽ ڪهاڙيون هٿي ملڪ جي جياپي لاءِ آبادي ڪري رهيا آهن. هنن نانگن بلائن جو خيال نہ رکي رات ڏينهن اهو ڏنڌو ان لاءِ اختيار ڪيو آهي تہ پنهنجي ملڪي ڀائرن لاءِ اَنُ پيدا ڪن. ٻي طرف مالدار ٻيلن ۽ جبلن ۾ ملڪ لاءِ ڪير ۽ گيهہ پيدا ڪرڻ واسطي طرح طرح جي تڪليفن کي سامهون ٿئي ملڪ جي هن ضرورت کي پورو ڪري رهيا آهن. نہ انن اج ۽ بک جو خيال، نہ ٻيلن ۾ خوفناڪ مرن مانگرن جو ڊپ.

ٿئين طرف ڏسو ڳوٺاٺا ڪاسبي جي شهرن جا مزا چڏيو بک اج ۾ پنهنجي ڳوٺائي رهاڪن جي گهرجن پورين ڪرڻ لاءِ ويٺل آهن. اهڙي طرح ميربحر جي سخت سردين ۽ طوفانن جي پرواهہ نہ ڪري مڇي ڦيا مارين. دستور تہ ائين هئڻ گهرجي تہ جيترو سخت پورهيو

اوترو مزدوري بہ گهٽي هجي پر هتي جا ماڻهو، سي اوهان جهڙن ڀائرن جي بي پرواهي ڪان روزبروز زبون ۽ پست حال ٿيندا وڃن. دنيا جو ڪوبہ عيب نہ آهي جو منجهن نہ هجي. پاڻ ڪي ۽ انهن ڪي ڀيٽيو ۽ ڏسو تہ ڪيترو نہ تفاوت آهي. اوهان شهر جا ماڻهو ايتري ترقي ڪري ويا آهيو جو خود حڪومت ڪان بہ سچ چوڻ ۾ نہ ٿا ڊڄو ۽ ڪنهن ڪي مجال نہ آهي جو بي واجبي اوهان جو نالو وٺي. سوراج ـ سوراج پڪاري رهيا آهيو. پر ٻي طرف بہ ڪڏهن ڌيان ڪيو اٿو تہ اوهان جا ڳوناڻا ڀائر ڪنسٽيبل ۽ ڪوتار ڪان ڊڄي رهيا آهن، اهي بہ سندن لاءِ حاڪم آهن. اهو خيال ڪيو اٿو تہ ڳوناڻن جي مدد ڪانسواءِ ملڪ جو سڌرڻ مشڪل آهي. ڇاڪاڻ تہ هو 85 فيصد آهن. ڇا اوهان ڪڏهن ٻاهر وڃي انهن جي حالت اکين سان ڏٺي آهي تہ هو ڪهڙي حالت ۾ آهن. ڪيترن ڪي گهر ڪونہ آهي؟ ڪي اهڙين جهوپڙين ۾ حياتي گذاري رهيا آهن جن ۾ جانور بہ گذاري نہ سگهن. ڪيئي ويلا بکون ڪاٽي رهيا آهن. ٻيلن ۽ جبلن جي گاهن جو ٻج انهن جو کاڌو آهي، جانورن جو ريون اٽي جي آسوده حال ماڻهن جو ڪاڌو آهي. سندن بدن جا ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل آهن، جن مان سمورو بدن بہ نٿو ڍڪجي، پر تنهن هوندي بہ قرض ۾ ٻُڏا پيا آهن، شاهوڪارن جا غلام آهن. بي علميءَ ڪري هو اڻ سڌريل قومن وانگر جنن ڀوتن ۽ نانگن بلائن ڪان ڊڄي ڪيئي بريون رسمون ادا ڪري رهيا آهن. بيمارن ڪي علاج ڪونہ ٿو پهچي. ستايل جي همدردي ڪونہ ٿو ڪري.ا وهان جي انساني همدردي ۽ وطن جو پيار ڪيڏانهن ويو آهي جو انهن طرف ڪوبہ ڌيان نہ ٿا ڦيرايو. سڀ ڪجهہ رڳو شهرن جي سڌارن لاءِ ڪري رهيا آهيو. اوهان ڪي آئون انسان ذات جي محبت ۽ پيار جي لاءِ سڏ ٿو ڪريان تہ خدا جي واسطي پنهنجي ڳوناڻن ڀائرن طرف بہ نظر ڦيرايو ۽ انهن جي ڀلي ۽ واڌاري لاءِ مالي، جاني اخلاقي مدد لاءِ تيار ٿيو ۽ اسان سان ٻاهرازيءَ جي جوڙ جڪ ۾ شريڪ ٿي بيهو ۽ 5 روپيہ في جا ڏيئي ان هلچل ۾ ميمبر داخل ٿي پنهنجي ذميواريءَ جو فرض ادا ڪريو.

اوهان جو خادم
غلام مرتضيٰ شاهہ

(هفتيوار پرڪاش 29 جنوري 1930ع)

# ڪراچي ضلعي جي ڳوٺاڻن سان ٻه ٽي ڳالهيون

ڀائرؤ!. آءٌ اوهان کي پنهنجي اصلوڪي همت ۽ غيرت جو يادگيرو ڏياري عرض ڪندس ته اجا تائين ڪيترو وقت اوهان هن ذليل حياتيءَ جي حالت. بي علمي، مفلسي، بي عزتي ۽ خراب رسمن رواجن جي مرضن ۾ گرفتار ٿيا پيا هوندا. ڪو وقت هو جو اوهان وٽ سک هو، جنهن ڪري هڪڙو ماڻهو ڪمائيندو هو ته ڏهه ماڻهو کائيندا هئا، سي اڄ قرضن ۾ گرفتار آهن. علم ايترو هو جو هرهڪ ڳوٺ ۾ مذهبي ۽ ڌرمي تعليم جو بندوبست هو، جنهن ڪري ماڻهن جا اخلاق ۽ عادتون سڌريل هيون. اڄ اهو وقت جو جيلخانو ڏسو ته ڀهراڙيءَ جي ماڻهن سان ڀريل آهي، مال جي چوريءَ جو ڏيان ڪريو ته غريب ماڻهو ڪو مال ڏاري ساءُ نه ٿو ڪري، جيڪڏهن ميلن تي هلبو ته انهن ۾ جيڪو سندن اخلاق جو ڏيوالو ڏسڻ ۾ ايندو، سو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. بد رسمن ڪري جا حالت ٿي پئي آهي، تنهن جو ڪاٿو ڪونهي. ماڻهو مري ته قرض ڪٽي پٽ ڪجن، نه ڪجي ته گلا جو خيال. هڪ ماڻهوءَ جي موت جو ڏک ڀيو وري مسڪين جي مٿان (جن کي کائڻ لاءِ به پورو ڪونهي) هيءَ چٽي ۽ مصيبت. شادي ڪجي ته پٽ ڪجي، ان لاءِ اڌارو به ونجي. قرض به ڪٽجي، پر ذات تي ٽڪو نه لائجي. آخر اهو ٽڪو ڪيستائين؟ قرض ڪٽي شادي ته ڪئي ويئي پر سڄي عمر انهيءَ ۾ لوڙڻو پوي، شادي نه ٿي پر تعدي ٿي. هينئر ذات پات جو ملڪ ۾ اهڙو ته اڄي مرض پيو آهي جو سڪيو گهر غريب سان، وڏو ننڍي سان مائٽي ڪرڻ عيب ٿو سمجهي. ماڻهو وڏو ٿيو ته

سمجهو تہ پوءِ هن جو نہ ثاني نہ شريڪ. تنهن کان سواءِ مٿي جي وار جيتريون ذاتيون ۽ پاڙا تي پيا آهن، پوءِ جيڪڏهن سنگاوتي ڪرڻي هوندي تہ معتبري، ضد. واهہ نہ هئڻ جي عذر تي يا ٻار وهاري ڇڏيندا يا ضد پورو ڪري گوڏي جيڏي ڇوڪري کي 20-25 ورهن جي زال پرڻائيندا. پوءِ انهيءَ مان جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، تن جي هرهڪ کي خبر آهي. گهرن جي اها حالت آهي جو انهن ۾ وهڻ سان ڪراهت پيئي اچي. سمهڻ اتي، ماني پچائڻ اتي، ٻارن جي گندگي اتي، ڇلمن ۽ حقن جون ٽوپيون صفا ڪرڻ اتي، مطلب تہ انساني رهائش کان ڳالهہ ٻاهر آهي. اولاد ڏسندؤ تہ وڏي وڏي وڏا ٿيندا تہ پيا رلندا پنندا. ليڪن نہ عقل نہ ساڃاهہ. ڀلا اهو ڪٿان ٿو اچين جيستائين علم نہ پڙهن. علم ڪيئن پڙهي سگهن جيستائين ڪہ انهن جون مائرون پڙهيل نہ هُجن. اهي سنڌ جا ماڻهو ڪٿي ٿا پڙهائين! اوڏي مهل ٽِڪي لڳڻ جون ڳالهيون بہ اچي ياد پوندن. زالن جي پڙهائڻ مان ڪئين عيب ثواب ڪڍي ويندا، جڻ تہ هينئر (نہ پڙهائڻ واري حالت ۾) اُهي عيب آهن ئي ڪين! ان جو نتيجو بيشڪ اهو ٿو نڪري جو گهر گند ٻار اليڪرا. مڙس ٻاهران ڪمائي اچي تہ هڪ تڪليف ۽ زالون پنهنجي. عقل تي ٻي تڪليف ٻاري ڇڏينس. اولاد گهڻو ڪري زالن جي ٻي سمجهيءَ سان نپائڻ ڪري مريو وڃي. وهنجن ڌهين پندرهين ڏينهن. ڇيٽا وجهڻ (ٿڦڻ) جهڙو ڪنو ڏنڊو ڪندي فخر سمجهن. جنهن کي صفائيءَ وارو ماڻهو هٿ لائڻ بہ پسند نہ ڪري ۽ انهن ڇيٽن وارن هٿن سان ٻارن جون سِنگهون ڪڍن، انهن جي بدبوءِ ڪپڙن ۾ اچي تہ پرواهہ نہ آهي، هاڻي اهي حالتون ڪيستائين هلنديون؟

وڏن شهرن ۽ ولايت جي حالت ڏسيو ۽ ٻڌيو. منهنجي دل ۾ اوهان جي لاءِ درد جا دونهان دکيو پون. رهڻ لاءِ ڪين عاليشان بنگلا، سمهڻ لاءِ نرم ۽ صاف بسترا. هلڻ لاءِ سنبون گهٽيون ۽ رستا. پڙهڻ لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج. پائڻ لاءِ زري ۽ پٽ جا ڪپڙا. کائڻ لاءِ طرحين طرحين جا کاڌا. گهمڻ لاءِ باغ ۽ باغيچا. آخر اهي بہ انسان آهن! توهان ۽ انهن جي وچ ۾ تفاوت ڪهڙو؟ جهڙا ماڻهو اهي تهڙا توهين. تفاوت

رڳو اهو آهي جو هنن پنهنجو قدر سڃاتو آهي ۽ اوهان پاڻ کي وساري ڇڏيو آهي. جنهن جو نتيجو اهو ٿيو تہ هو اُن اوج تي ۽ اوهان هن حالت ۾. خدا جي واسطي! جيڪڏهن اوهان ماڻهو سڏائڻ جي خواهش رکو ٿا؟ عزت ۽ شان سان حياتي گذارڻ چاهيو ٿا؟ اوهان کي دنيا جي قومن وچ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪرڻ کان بچڻ لاءِ ڪا غيرت آهي؟ تہ مان جيڪي بہ ٿي ڳالهيون اوهان کي ٻڌايان ٿو، مهرباني ڪري اڄ ڏينهن کان پڪو خيال ۽ انجام ڪري، انهن تي عمل ڪريو:

1- شادي جي وقت پئسو رکيل هوندو تہ ٻن ديڳين کان مٿي خرچ نہ ڪندا ۽ جي نہ هوندو تہ اصل پٽ نہ ڪندا.

2- شاديءَ جي وقت ۾ ملاکڙو نہ هٿائيندا ۽ راڳيندڙ ڪنجريون نہ گهرائيندا.

3- شاديءَ جي وقت چار زنانا، چار مردانا ڪپڙن کان سواءِ ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي بہ ڪپڙو نہ ڏيندا.

4- پوئو يا ٻهت جو شاديءَ جي پٽ خرچ جي لاءِ هرڪائيندڙ شئي آهي سو ڏيڻ وٺڻ اصل بند ڪجي.

5- مرڻ وقت ٽتين ڏينهن جيڪا ماني ڪرٽي هوندي آهي، جنهن ۾ عام لاڳاپي وارن ماڻهن کي گهرائي ڪارائبو آهي، سا صفا بند ڪجي.

6- ڪانڌپو، چاليهو، ٻارهو سڀ بند ڪجن، زواجي طرح ڇٽن يا پنجن ڇٽن کي ڪارائي ختمو ڏياري ڇڏجي.

7- عرس، قرض ڪٽي ٿو ڪجي سو بہ نہ ڪجي. اهڙي طرح ٻارهين پير جي ڪري، يارن دوستن کي پٽ ڪارائڻ ۾ ڪو ثواب ڪونهي، ليڪن ثواب جا ٻيا طريقا آهن. هي اتڪل جو ثواب آهي، ڪارائجي پيارجي پنهنجي يارن دوستن کي ۽ ٿجي طالبو ثواب جو.

8- طهر جو پٽ خرچ اصل نہ ڪجي.

9- سنها ڪپڙا ململ يا شبنم، (نہ ڪجن) تن جي عيوض ديسي ٿلها ڪپڙا پائجن. چاڪاڻ تہ جهليندا بہ گهڻو، خرچ بہ ٿورو ۽ ديس جو بہ فائدو.

10- چوتختي سنڻ کان متي نہ پائڻ. هرو ڀرو اڻ سڌريل ۽ فضول خرچن جي دفعي ۾ پاڻ کي داخل نہ ڪرائڻ گهرجي.

11- وڏا پڳڙ نہ پائن، ٽوپيون يا ننڍا پٽڪا ٻڌن.

12- ڳهن مان عاج، جي ٻانهين، ، هس، ڪڙيون، ڪنگڻ چانديءَ جي ٻانهين، پنڙا، دهري وغيره پائڻ جي رواج کي ڪڏهن ڇڏڻ گهرجي.

13- ننڍين ڇوڪرين کي جو ڪنن ۾ ڏهہ يا ٻارهن ڪن ٽوپي ڪن ٿي چني تا ڇڏجن، تن جو رواج بند ڪري فقط هڪ ننڍو درر وجهجي.

14- ماڻهو بيمار ٿئي تہ ٻاون، ٻانيٽن، ملن، فقيرن، جوڳين کان چنڊا ڦيٽا ڪرائڻ يا تعويذ لڪائڻ جي بدران يڪدم ويجهي حڪيم يا اسپتال مان وڃي علاج ونجي.

15- شاديءَ جي موقعي تي، جو مڱڻهار ۽ حجام وغيره کي گهور تي ڏجي، سان بہ آنا في (ماڻهو) کان متي نہ ڏجي.

16- ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اسڪول يا مڪتب ۾ پڙهائڻ لاءِ موڪلجن.

17- ماني پچائڻ، سمهڻ وهڻ جو هنڌ (ڏار) ۽ مال لاءِ جاءِ جدا هجن.

18- ٻارن کي هفتي ۾ هڪ يا بہ دفعا ضرور وهنجارڻ گهرجي.

19- ڇيٽا وجهڻ زالن کان ڇڏائجن ۽ ڇيٽن جي بدران ڪانيون ٻارجن. ڇيٽا پلي ٻنين ۾ ڀاڻ جي ڪم اچن.

20- ڳوٺ ۾ جيڪو مُلان نڪاح پڙهندڙ هجي انهيءَ کان نڪاح جو رجسٽر رکائجي. جنهن ۾ نالو شادي ڪندڙ جو ۽ اُن جي سهري جو نالو، تاريخ، مهينو سال، ٻن شاهدن جا نالا. جيڪڏهن پڙهيل هجن تہ صحيح، نہ تہ نشان هڻڻ گهرجن ۽ مُلان جي صحيح. ان ريت ڪم ڪرڻ سان ڪيترا ئي فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا.

21- جيڪي ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جا ميمبر آهن، تن کان سواءِ ٻين کي حوصلو ڏياري هرهڪ ڳوٺ ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽي جاري ڪري، ان جي عمدن اصولن مان فائدو حاصل ڪرڻ.

22- تمـاڪ پيئڻ جي عادت جا ملڪ جي ننڍي وڏي ڪي ويڙهي ويئي آهي، جنهن تي ڪراچي ضلعي ۾ اٽڪل 50 هزار روپيا ساليانو ٻاهرازيءَ جي ماڻهن جو خرچ آهي، ان جي بند ڪرڻ يا گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

23- سڱن تي پئسا وٺڻ جي خَراب رواج کي بند ڪرڻ.

24- ٿڪن هٽائڻ کان ٻار نـ لڪائڻ ۽ ڪوشش ڪري ٿُڪا لڳارائڻ.

25- سرءُ جي موسم ۾ مليريا جي تپ کان حفاظت ۾ رهڻ لاءِ ڪوئينن جون ٽڪيون هفتي ۾ هڪ دفعو کائڻ.

اوهان جو خادم
غلام مرتضيٰ

(هفتيوار "پرڪاش" - 9 جنوري 1930ع)

# زميندار بئنڪ جي ضرورت

(ڪراچي ضلعي جي وڏن زميندارن ڏانهن زميندار بئنڪ لاءِ موڪليل خط)

جناب من! اوهان کي جناب خبر هوندي ته زميندار فرقو فصلن جي لاڳيتو سني نه ٿيڻ، پاڻي جي اڻاٺ ۽ ٻين ڪيترن وقتي مشڪلاتن ۾ ڦاسي هر روز پست پوندو ٿو وڃي. ڪيترا زميندار آهن، زمينون گروي پيا رکن ۽ ڪيترا وڪڻي رهيا آهن ڪيترا قرضن ۾ گرفتار آهن ملڪ جي ڪنهن به خاميءَ کان هو بچيل نه آهن. پر ائين نه آهي ته هو اهڙي حالت ۾ آهن جو ڪين مدد ڏيڻ وارو ڪونه آهي ۽ سندن لاءِ ڪا به سهوليت موجود نه آهي. سندن حقن جي حفاظت لاءِ زميندار ايسوسيئيشن آهي ۽ ملڪيتن جي بچاءَ واسطي ڪوآپريٽو تحريڪ موجود آهي پر افسوس جي ڳالهه آهي ته اُن هوندي به هو پنهنجي سڌاري طرف ڪوبه ڌيان نٿا ڏين. نتيجو ڇا ٿو ٿئي. هنن جا حق روز بروز وڃن تلف ٿيندا ۽ فضول خرچن ڪين ڪنائي اڇي ترين پر ڪيو آهي. احساس نه هئڻ ڪري مرده ٿيو پيا پيڙجن. خدا جو شان آهي ته ولايت جا زميندار لارڊ سڏجن ۽ هتي جا پنهنجي افعالن ڪري ڪنسٽيبلن ۽ ڪوٽارن جا محتاج! سچ آهي ته جن فرقن ۽ قومن ۾ ڪا غيرت ۽ همت نه هوندي آهي تن جو حال اهو ٿيندو ته هو پاڻ ۾ وڙهي پيسا اجاين ٻڙن ڪمن ۾ خرچي بي سمجهي کان ملڪيتون وڃائي زبون ٿي ويندا آهن. هي سندن سجاڳ ٿيڻ جو وقت آهي نه ته دنيا ۾ روس جو مثال سندن اڳيان موجود آهي. ملڪيت ۽ زمين وٽن خدا جي هڪ امانت آهي جيڪڏهن ان کي سولو سجائي طرح نه هلائيندا يا ان کي چڱي طرح خرچ نه ڪندا ته خدا سائين اها امانت هنن کان ڪسي وري حقدارن کي ڏيندو. تنهن ڪري زميندار ڀائرو، موجوده حالتن کي خيال به وهاريو جو زميندارن جي آبادي پيسي کان سواءِ آباد ٿي نه ٿي سگهي ۽ پيسو زميندارن وٽ ڪونه آهي ان ڪري آباديءَ واسطي ۽ هارين کي ڏيڻ لاءِ

هنن کي ضرور وياج خورن جا در ڏسڻا تا پون جي سندن نازڪ حالتون معلوم ڪري ڪيئي ناز نخرن بعد گروي، شرطي وڪرن ۽ گهٽ اگهه ۾ پيدائش اڳوات لکائي ونڻ سان ڪين پيسا ڏيندا آهن. انهن ڳالهين کي دفعہ ڪرڻ لاءِ ننڍين زميندارن واسطي "ڪوآپريٽو سوسائٽيون" جاري آهن، جي باوجود ماڻهن جي دلچسپي نہ ونڻ ڪري پنهنجن ڪيترن خامين جي (جن جي سڌارڻ لاءِ سيڪا ڪوشش ڪري رهيا آهيون) گهڻي حد تائين مدد پيون پهچائين. پر اهي پنج سَوَ يا هزار کان مٿي قرض ڏيئي نہ ٿيون سگهن، جنهن ڪري وڏن زميندارن کي وري بہ شاهوڪارن وٽ وڃڻو ٿو پوي. ان ڳالهہ کي حل ڪرڻ واسطي تازو زميندار ڪانفرنس ضلع ڪراچيءَ ۾ ٺهراءَ ٿيو تہ ڪراچي ضلع اندر زمينداري بئنڪ جو ترت جاري ڪرڻ نهايت ضروري آهي ان بابت مان خان بهادر عظيم خان ڊپٽي رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائٽين سان ڳالهہ ڪئي آهي جو صاحب بئنڪ جي ناهڻ ۽ رجسٽر ڪرائڻ لاءِ هر طرح جي مدد ڏيڻ واسطي تيار آهي. بئنڪ حال 25000 هزار، پنجويهہ هزارن جي موڙيءَ سان کولي سگهبي جنهن ۾ پنجن سَوَ روپين جو حصو ٿيندو. پنجن ۽ ڏهن هزارن تائين قرض هر هڪ ميمبر کي ڏيئي سگهندي. حال اول ۾ هڪ درخواست سرڪار کي رجسٽرڊ ٿيڻ واسطي ڪبي ۽ منظوري اچڻ بعد ڪاروبار هلائبو. سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ هر هڪ ضلعي واسطي جدا بئنڪ بہ آهي پر رڳو ڪراچي ضلعو آهي جنهن کي ڪا جدا بئنڪ نہ آهي. اوهان صاحبن کي زمينداري فرقي جو همدرد سمجهي عرض ٿو ڪجي تہ مهرباني ڪري هن بئنڪ ۾ شامل ٿيو ڪم از ڪم بہ حصا يعني هڪ هزار روپين جا حصا يا جيترا ٿي سگهن خريد ڪري هن بئنڪ جا ميمبر ٿيو، ان ڪرڻ سان اوهان وٽان جواب اچڻ تي آءُ خانبهادر کي لکندس جو پنهنجي ڪاتي جي معرفت انهن صاحبن کان، جن بئنڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هائوڪار ڪئي هوندي درخواست تي صحيحون وٺي بئنڪ جي رجسٽرڊ ٿيڻ لاءِ بندوبست ڪندو. اميد تہ خوش خورم هوندا. جواب لاءِ منتظر

غلام مرتضيٰ
جنرل سيڪريٽري زميندار ۽
جاگيردار ايسوسيئيشن ضلعو ڪراچي

(هفتيوار پرڪاش 12 فيبروري 1930ع) ●

# ڪراچي ضلعي جي ٻهراڙيءَ جا ڪي رسم رواج

رسم رواجن جو خرابيون ملڪ ڪي ويڙهي ويون آهن، جي اڪثر ڪري ٻار ڄمڻ، شادي، موت وغيره جهڙن موقعن تي ادا ڪرڻ ۾ اچن ٿيون. اهي رسم و رواج ملڪ ۾ بنا مقصد، اصول ۽ فائدي جي جاري آهن ۽ ٻهراڙيءَ جا ماڻهو صرف انهن ڪي ابن ڏاڏن کان هلندڙ سمجهي يا ڀرم ۽ وهم پرستيءَ جا غلام ٿي، پيا ٿا ادا ڪن. در حقيقت اهي رسم رواج ماڻهن جي سڌاري ۽ واڌاري ۾ هڪ رنڊڪ ٿيو بيٺا آهن. هن وقت جڏهن ٻهراڙيءَ جي ماڻهن ڪي هن پست حالت مان ڪڍي ترقيءَ تي آڻڻ ۾ ملڪ جي مدبرن جون ڪوششون سرگرم آهن، تنهن وقت هي ڳالهه ضروري آهي تہ ماڻهن ڪي رسم رواجن جي قيد کان آزاد ڪري، مالي ۽ اخلاقي لحاظ سان جيڪي رواج فائديمند هجن، سي رهائي ٻين کان منع ڪجين. پر انهيءَ طرح راءِ قائم ڪرڻ کان اڳي ضروري آهي تہ جيترو ٿي سگهي، اوترو ملڪ اندر موجود مروج رسم رواجن جي تفصيلوار اپٽار ڪجي تہ عوام ان کان واقف ٿئي. پوءِ سڌاري لاءِ رٿون پيش ڪبيون. ان واسطي مون ڪي جيڪي رسم رواج معلوم ٿي سگهيا آهن سي ناظرين جي ملاحظہ لاءِ پيش ڪريان ٿو، ممڪن آهي تہ ضلعي جي جدا جدا حصن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي رواج چالو هجن جن جي مون ڪي خبر نہ هجي تہ ان لاءِ وري جنهن صاحب ڪي وڌيڪ معلوم ٿي سگهن، سي موڪلي ڏئي تہ ٻلي عام ماڻهن ڪي ملڪ جي هرطرف جي موجوده حالت مان پوري واقفيت حاصل ٿي وڃي.

### ٻار ڄمڻ جي وقت جا رسم رواج

ٻار ڄمڻ کان ڇٹيءَ تائين (جا ڇهين ڏينهن شام جو ٿيندي آهي) گهر ۾ ٻهاري نہ ڏيندا آهن جيڪڏهن ڪچري سان آهستہ گهر صفا ڪبو تہ منع نہ آهي.

پٽ ڄمڻ وقت ڏاڏي، ناني، ماءُ ۽ ويجهيون عزيزياڻيون حاضر وينل دائيءَ کي هڪ هڪ پنڙو ڪن جو لاهي ڏينديون آهن جو پوءِ پيسا ڏيئي موٽائي وينديون آهن. جي ڪنهن جو ٻار نہ ٻچندو هجي تہ ٻار کي پني سونو ڇلو نهرائي، ڪن ۾ ٽوپي ڇڏيندا آهن جيڪو ٻار وڏي ٿيڻ تي، پير کي ڏيندا آهن.

پٽ ڄمڻ وقت ايندڙ مبارڪبادي ڏيندڙ ماڻهن ۾ ڪنڊ وراهبي آهي، جي ان جو اولاد اڳي نہ ٻچندڙ هوندو تہ ٻصر وراهين ۽ ايندڙ زالن کي تيل مٽي ۾ مکين. ٻارڄمڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن ڳڙهاڻيون مانيون عزيزن ۽ دوستن ۾ موڪلبيون آهن. جي ڪنهن ٻار مٿان ٻيو ٻار نہ ٻچي تہ ان حيات ٻار کي ٻئي ٻار ڄمڻ وقت ڪٽي ناهي پرڻ ۾ وجهي ان جي گنديءَ تي چاڙهي، رسو ڳچيءَ ۾ وجهي، ڪيس اها ڪتي ڪارائيندا آهن. پوءِ زال جي ائور مان سئي هٽي ٻار جو ڪن ٽوبين ۽ زال جي ائور ديهہ جي دنگ تي نيئي پورين ۽ ٻار کي دريءَ مان لنگهائي لوڻ تي ڪپائين.

ڇٹيءَ جي رات جو ڦلا ڳڙا پتاشہ ٻار جي منجيءَ جي چؤطرف رکي، ٻيا ماءُ جي پلاند ۾ وجهندا آهن. اڳيان ڪپڙا بدلائي، ڳاڙها ڪپڙا ماءُ کي پارائي وهاريندا آهن. پٽ جو اولاد هوندو تہ ڪارا سڳڙا، جي ڌيءَ هوندي تہ ڪڙيون، ڪنگڻ وجهندا آهن. ٻار جي سيرانديءَ (منجيءَ جي) مس قلم، ڪير ۽ پٽ رکڻ جو رواج آهي. ٻار کي سڳڙا ٻڌي پوءِ ماءُ کي چوندا تہ ٻار کي ٻاهر ڪڍي تارا ڏيکار ۽ تون ٻہ ڏس. پوءِ ماءُ ٻار کي هنج ۾ ڪري وهندي آهي ۽ آيل عزيز خويش گهور ڪري دائيءَ کي ڏيندا آهن. ڇٹيءَ جي رات منو پٽ ڪري واقفيت ۾ ورائبو آهي. ٽن پٽن مٿان ڌيءَ ڄمي تہ خراب سوڻ سمجهي ان کي

ٻيرن هٿن جي آڱرن ۾ ڇلا وجهندا آهن. ٻار جا مٿيان ڏند ٻهرين ڇمن تہ ڪُٽ جي وٽيءَ جو ترو ٻنجي ديهہ جي دنگ تي پوري ويندا آهن. جي ڪنهن زال کي ٻار نہ بچندو هوندو تہ ان جو ٻاءُ ٻيڙيءَ جو لوهہ آچر ڏينهن نيراني ڪٽي وجي. لهار کان پير ۾ وجهڻ جي ڪڙي نهرائيندو آهي پر لهار بہ نيرانو هوندو آهي. جڏهن هو ڪڙي وجي ٻيڻ کي ڏيندو تہ ان کي ڳڙهاٽيون مانيون کارائيندي آهي. جو ٻار ٻند ڪرڻ ۾ دير ڪري تہ سندس مامو ٻار جو ٻئي ٽنگون ڳڙهاٽي مانيءَ تي رکي سٽ سان ٻڌي ٻيهاري. هي اکر ٽي دفعا چئي، "ڏاوڻ وڍئين - ڏاوڻ وڍئين"سٽ کي وڍي وٺي ڊڪ پائيندو آهي.

## کهنبا

جيڪا زال ٻهريون دفعو پيٽ سان ٿيندي آهي تہ ستين مهيني يا نوين مهيني هڪ سنؤڻ ڪندا آهن جنهن کي کهنبا چون ٿا. ان وقت چا ڪندا آهن جو عزيز خويش زالون اچي گڏ ٿينديون آهن پوءِ زال کي ڪپڙا بدلائي کهنبي رنگ جا ڪپڙا پارائيندا آهن گج پنيءَ جو پاراٽو پوي ٿو. پوءِ دائي ڏونگهيون، ڪارڪون، پتاشا، مصري، ڦوٽا، ڪشمش ۽ لونگ ڪٽي زال جي جهوليءَ ۾ وجهندي آهي جنهن کي موڙو چوندا آهن ان کان پوءِ گهور ٿيندي آهي جا دائي کٽندي آهي.

جهنڊ لهرائڻ جي رسم چاليهين ڏينهن يا 9 مهيني ادا ڪبي آهي. ڪٿي ناهي ڪنهن پير تي وڃي حجام کان ٻار جو مٿو ڪوڙائيندا آهن.

## رسم ختنہ (طهر)

جيترا ڏينهن زالن کي گيت (ڳيچ) ڳائڻا هوندا آهن اوترا ڏينهن اڳ ڳائڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي پوءِ هڪ بہ ڏينهن اڳي ڇوڪري کي رات جو ميندي لائيندا آهن. ختنہ جي ڏينهن جيڪي شاهوڪار هوندا آهن تہ شهر ۾ گشت ڪرائي پوءِ اچي هڪ ڪونڊيءَ تي ٻار کي وهاريندا آهن. سٿڻ لاهي، ڳاڙهي گوڏ ٻڌائيندا آهن ۽ سندس پير ۾ هڪ ڳاڙهو ڌاڳو ٻڌندا آهن جنهن ۾ هڪ ڇلو ۽ ننڍي ڳاڙهي

ڪپڙي جي ڳنڍ ۾ سرهن ۽ جون جا ڪٽا هوندا آهن. ڦت ڇٽڻ جي ڏينهن ڪي مٽيءَ تي پاٽي وجهي چوندا آهن "مٽي پاٽي وجهڻ" يعني ان ڏينهن ڇوڪرو وهنجي ڪپڙا ڪندو آهي ۽ وري حجام کي ماٿهو گهور ڏيندا آهن. ڪونڊيءَ تي ڇوڪري کي ورهائڻ وقت ڪم از ڪم سوا روپيو ڇوڪر جي پير هيٺان رکٽو پوندو آهي.

## ٻڪيءَ جي وقت جون رسمون

ان موقعي تي ٻه رسمون ٿينديون آهن هڪ اکيو- ٻي ٻُڪي. پهرين زالون گهوٽ جي گهران هيٺيون سامان هڪ ڪاريءَ ۾ حجامڻ کان کڻائي ڳيچ (گيت) ڳائينديون ڪنوار جي گهر اينديون (5 پاءُ مينڌي، 5 پاءُ ڪارڪون، 5 پاءُ گيهه، 5 پاءُ تيل ۽ 5 روپيه بيهڪ جا ۽ هڪ ڪپڙي تڪر هڪ فوٽ هم چورس، ان ۾ اکين جون جايون خالي هونديون آهن) پوءِ هڪ معتبر زال ڪنوار کي پهرين اڃڻ سان وهاري ڪجهه تيل مٽي ۾ وجهندي آهي. اهڙيءَ طرح ست سهاڳڻيون زالون اها رسم ادا ڪنديون آهن. ان ڪانپوءِ مٿيون ڪپڙي جو تڪر جنهن کي اکيون چوندا آهن سو ڪنوار کي ٻڌو ويندو آهي.

ٻڪيءَ جي رسم هيئن ادا ڪندا آهن تہ اداڻي پاٽيون ان جون ڪٽي وجي ست سهاڳڻيون زالون واري سان جنڊ ۾ ان جي لپ وجهي هر هڪ ست گهمرا ڏيندي آهي، ڪارڪون جنڊ جي هٺيءَ ۾ ٻڌندا آهن. باقي ٻچيل ان حجامڻ ڪٽندي آهي. پيڻل اُن درياهہ ۾ اڇلائبو آهي. ڪنوار کي اڪئي ٻڌڻ مهل چار پيسا سندس پير هيٺيان رکندا آهن.

(هفتيوار پرڪاش 12 فيبروري 1930ع)

●

# مرحبائي تقرير

ڀائرو! مرحبا ڪاميٽي جي طرفان آءُ اوهان سڀني آيل صاحبن جو شڪريو ادا ٿو ڪريان. اسان جي ڪاميٽي خاص طرح انهن صاحبن جي ممنون احسان آهي، جي سنڌ جي مختلف حصن مان تڪليف وٺي ميرپورخاص جهڙي سنڌ جي گوشي واري شهر ۾ هن مجلس کي پر رونق بنائڻ آيا آهن. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو هن پست پيل ۽ وساريل فرقي جي بهبوديءَ لاءِ هن شهر کي ٻيو دفعو ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي.

اڄ ڪيترا صاحب نوازش ڪري اهڙا به آيل آهن، جي ڳوناٽي (هاري) جي حالت مان بخوبي واقف نه به هوندا ۽ ڪيترن ماڻهن کي ملڪ جي موجوده نازڪ وقت ۾ هن ڪانفرنس جي ڪوٺائڻ تي ممڪن آهي ڪي غلط فهميون پيدا ٿين، تنهن ڪري آءٌ ضروري ٿو سمجهان ته حاضرين مجلس کي ڪانفرنس جي مقصد کان واقف ڪري، هاريءَ کي موجوده زبون حالت مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ مدد ڪرڻ واسطي اپيل ڪريان ۽ ٻي طرف ڪين به ذهن نشين ڪريان ته هن ڪانفرنس جو ملڪي هلچل يا سياست سان ڪوبه واسطو نه آهي.

جيڪڏهن دنيا ۾ چو طرف نظر ڪبي ۽ نهاربو ته خالق اڪبر جي مختلف مخلوقات ڏسڻ ۾ ايندي. جيئن هڪ پيءُ جي گهر ۾ امن ۽ محبت جي قائم ڪرڻ لاءِ سڀني ڀائرن جي سک سلامتي سان رهڻ جي ضرورت آهي، تيئن هڪ مالڪ جي ملڪ ۾ انسان ذات جي جملي فرزندن کي رهڻ گهرجي. جهڙي طرح شاعر چوي ٿو ته:

بني آدمي اعضاءِ يڪ ديگر اند
ڪہ در آفرينش زيڪ جوهر اند
چويڪہ عضو بدرد آورد روزگار
همہ غصو ها هرا نماند قرار

پر اڪثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جي قومون پست ٿيجي وڃن ٿيون انهن مان اهو انگ نڪريو وڃي ۽ سندن حياتي عيش ۽ آرام جي بدلي جنجال ٿيو پوي. هن وقت اها ساڳي حالت اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي آهي.

اهو ملڪ، جو ٻين کي مدد ڪرڻ ۽ پالڻ لاءِ طاقت رکندو هو، اڄ ان جو هر هڪ فرقو قابل رحم ۽ مدد جو محتاج آهي. پر انهيءَ ۾ ڪي فرقا اهي بہ آهن جي ڪجهہ قدر پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن ٿا، ليڪن ڪي اهڙي زبون حالت کي وڃي پهتا آهن جو انهن مان قوت احساس بہ محو ٿي ويئي آهي. انهن جو مثال بي جان پتلي وانگر آهي، جو ڪڏهن بہ ٻئي جي مدد کان سواءِ چري ڦري نٿو سگهي. انهن مان وڏو تعداد "هاريءَ" جو آهي، ڇاڪاڻ تہ هندوستان هڪ آبادگار ملڪ آهي، سنڌ جي هاريءَ جي حالت تہ ويتر قياس جوڳي آهي.

اڄ ڪلهہ جڏهن دنيا جي قومن ۽ ملڪن ۾ حقن جي برابري لاءِ ڪوششون جاري آهن ۽ سڀ ڪو فرقو پنهنجي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي تڏهن "هاريءَ" کي بہ گهرجي تہ خواب غفلت مان سجاڳ ٿي پنهنجي سڌاري لاءِ قدم کڻي، نہ تہ موجوده ذليل حالت مان نڪرڻ جي بجاءِ پاڻ وڌيڪ پيڙبا ويندا. اٿين آهي تہ جڏهن ڪابہ ڪوشش شروع ڪبي آهي تہ منزل مقصود اڳيان رکبو آهي جو ان کان سواءِ ڪوشش ڪرڻ بي سود آهي. هارين جي ترقي جا ٻہ مکيہ مثال تواريخ اسان جي اڳيان پيش ڪري ٿي:

1- يونان ملڪ جي سپارٽا حصي جي اقتصادي (مالي) جوڙجڪ، جنهن جي پيروي ڪجهہ ڦير ڦار سان روس وارن ڪئي آهي. 2- هندوستان جي قديم سمي جو پنگتي طريقو. پهرين قسم جو لاڙو ماده پسنديءَ ڏي آهي، ٻئي قسم جو روحانيت ۽ محبت ڏي. پهرين فرقہ جو

بنياد سخت دنوي انصاف پسندي تي رکيل آهي، ٻئي جو پيار ۽ قرباني تي. پهرين قسم جا ماڻهو پنهنجي وراهيل برابري حق کي خاص پنهنجي ملڪيت سمجهي ڪنهن محتاج کي مدد ڏيڻ بي انصافي ٿا سمجهن، ٻئي قسم جا ماڻهو پنهنجي ملڪيت عام جي سمجهي بادشاهين ۽ سرنِ" قربان ڪرڻ کان به نه ٿا گسن. پهرين فرقي وٽ فساد ۽ جهيڙن کي نارڻ لاءِ تلوار جو دٻاءُ آهي، ٻي وٽ محبت ۽ پيار ڪري جهيڙي فساد جو بنياد ئي ڪونه آهي. اسان هندواسي فطرتن ٻوين طريقي جي ڌانو جا آهيون، تنهن ڪري اسان جو مقصد اهوئي هئڻ گهرجي. اسان کي پيٽ ۽ گذران جهڙي رواجي مسئلي کان انساني حياتي ۽ ان جي روحاني ترقيءَ جي سک سلامتي وڏيڪ پياري سمجهڻ گهرجي.

اوهان پنهنجي موجوده شاهوڪارن، زميندارن ۽ هارين تي نظر ڪري ائين نه سمجهو ته هميشه اوهان ههڙي حالت ۾ هئا، پر ڪو وقت اهڙو به هو جو هاري ندين ۽ تلائن جي ڪنارن تي سهڻن گل و گلزارن جي وچ ۾ صاف ۽ سٺا گهر اڏايو ادب ۽ اخلاق، محبت ۽ پيار، سک ۽ سلامتيءَ جي حياتيءَ سان پرپوز پنهنجي مالڪ جي محبت ۾ مخمور هئا. اهڙي طرح شاهوڪار زميندار مال ملڪيت بلڪ جان سوڌو پنهنجي ڀائرن مٿان قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. هو مال ملڪيت کي ڀاڻ وٽ هڪ خدائي امانت سمجهي ان کي شخصي عيش آرام جي بدلي چڱي طرح لڳائيندا هئا.

پري ڇو وڃجي، رڳو ٿورا سال اڳي نظر ڪبي ته زميندار هارين سان مرٽي پرٽي. ڏک غم وغيره ۾ شريڪ ۽ شامل هوندا هئا. جڏهن هينئر حالت کي ٿو ڏسجي ته سواءِ ارمان ۽ عجب جي ڪجهه حاصل نٿو ٿئي. الاجي ڪهڙي هوا لڳي جنهن اسان جو نهيل نڪيل باغ راحت ڦنائي ڇڏيو. محبت ملڪ مان نڪري ڏک ڏيئي ويئي!

ٻ دل نه هاربي. "همت بنده مدد خدا" ڪهڙو مشڪل نه آهي جو حل ٿي نٿو سگهي. صرف ڪوشش ڪري اسان کي پنهنجي سڌاري جا طريقا ڳولڻ گهرجن.

پيارا ڀائرؤ! جيڪڏهن ڀانيو ته اوهان وٽ سک ۽ سلامتي اچي ته

سادگي اختيار ڪريو "جيڪو واءُ لڳي ان کي سامهون ٽجي" سادگي نہ صرف ڪپڙي لٽي ۾ هئڻ گهرجي، بلڪ کاڌو پيتو، رهڻ ڪرڻ، اٿڻ وهڻ، شادي غمي مطلب تہ هر ڳالهہ ۾ سادو ٺيٺو پوندو، ان کان پوءِ طريقو اٿو پنهنجي حقن جي حفاظت جو. شاعر سچ ٿو چوي:

هفت اقليم ار بگيرد بادشاهہ - همچنان در بند اقليم دگر
نيم نان گر خورد مرد خدا - بذل درويشان کندنيمہ دگر

اوهان کي پنهنجي پروگرام ۾ هي ڳالهيون رکڻ گهرجن:

1- سادگي اختيار ڪرڻ، ائٿ گهر ۾ رکي پنهنجو سٽ ڪتي، ڪپڙا پنهنجا هٿراڌو پائڻ گهرجن. تمام وڏا پٽڪا ۽ سٿڻون جن ۾ صفائي بہ نٿي رهي سگهي، نڪا سادگي، تن کي ڇڏي ننڍا پٽڪا ۽ سٿڻون پائڻ گهرجن. ڄمر، طهر، شادي، غمي سڀني موقعن جا ڳاٽي پکا خرچ ۽ رسمون گهٽائڻ گهرجن.

2- سکر بيراج جي نين نڪتل زمينن لاءِ گهر ڪرڻ گهرجي تہ هارين کي ڏنيون وڃن، ان لاءِ ميٽنگن ۾ ٺهرائن رستي، اخبارن، ڪائونسلن بلڪ انگلينڊ سوڌو هلچل ڪرڻ گهرجي. هرهڪ همدرد دل ماڻهو.اوهان سان واجبي مدد ڪرڻ ۾ پٺتي ڪونہ پوندو.

3- زمين تي واجبي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

4- پنهنجي فرقي جي تنظيم لاءِ ويچار ڪرڻ.

5- ڪوآپريٽو کاتي کي هارين جي مدد لاءِ آماده ڪرڻ.

اهي سڀ ڳالهيون اتفاق ۽ همٿ سان ئي ٿي سگهنديون.

پڇاڙيءَ ۾ آئون وري بہ اوهان ڀائرن جي شڪر ادائي ڪندي انتظامي خامي يا خاطر تواضع ۾ گهٽتائي ٿيڻ جي حالت ۾ معافيءَ لاءِ عرض ٿو ڪريان.

اوهان جو خادم ۽ همدرد ڀاءُ
غلام مرتضيٰ

(13 جولاءِ 1930ع تي ميرپورخاص ۾ ٿيل هاري ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير)

# ملڪ ۾ هٿيار گهٽي قدر
# عام ماڻهن کي ڏجن

جيڪڏهن پوليس جي 40 لکن روپين خرچ ڏي نهاريو ته خبر پئجي ويندي ته، ملڪ کي ڌاڙن ۽ چورين وغيره کان بچائڻ لاءِ سرڪار کي ڪيترو نه خرچ ڪرڻو پوي ٿو. ان جو مک ڪارڻ جيڪڏهن غور ڪبو ته سرڪار جي رعيت ۾ بدگماني ٿيندو. اهو پڌرو آهي ته جنهن ڪارخاني ۾ شڪ ۽ بدگماني پيدا ٿيندي، اتي خير ڪونه آهي ۽ ضرور اهو ڪارخانو هيٺ مٿي ٿئي. سڀ ڪنهن ڪم لاءِ پروسي ۽ ويساهه جي ضرورت آهي. هتي اسان کي بي هٿياري بنايو ويو ته متان حڪومت جي برخلاف بلوه ۽ فساد ٿئي وغيره پر هاڻ جڏهن حڪومت جي واڳ رعيت جي حوالي ڪئي وئي آهي، تڏهن هن ملڪ جي ماڻهن کي ڌارين حڪومتن کان پاڻ بچائڻ جو اجان جي لائق نٿو سمجهيو وڃي ته به اينرو ته ضرور هئڻ گهرجي، ته سڀ ڪنهن کي چور چڪار يا ڌاڙيل کان پنهنجي ملڪيت بچائڻ لاءِ ته مناسب هٿيار ڏيڻ گهرجن، يا اهي به سرڪار جي سپاهه بچائي. جيڪڏهن ٻار کي وڏي ٿيڻ تي به ٻين جي نقصان کان بچائڻ لاءِ پهريدار ڪپندا ته پوءِ ٻار ۽ وڏي ۾ تفاوت ڪهڙو ٿيو. انهن حالتن هيٺ سرڪار 40 لک رپيا سپاهه تي خرچ نه ڪندي ته ڇا ڪندي. مثال طور: سن جي ڳوٺ جي آدمشماري اڍائي هزار ماڻهو آهي. جنهن ۾ ڪيئي لکن جو ملڪيتون آهن. تنهن ڳوٺ ۾ سواءِ هڪ ماڻهوءَ جي ڪنهن کي به بندوق نه آهي. جيڪڏهن ڳوٺ جا پوليس وارا گشت ۾ هجن ۽ هڪ ماڻهو به ٻاهر هجي ته سڄي ڳوٺ کي پلي هڪ بندوق سان ڌاڙيل ڦري هليا وڃن ته ڪو به ٻچي نه سگهي.ڇا ان مان سرڪار جو مطلب اهو آهي ته پلي ماڻهو بي همت ۽ سرڪار تي ٻاڙيندڙ هجن يا شهر جي شاهوڪار ٻائيبندن يا ميمڻن مان خوف اٿس ته هٿيار ڏبن، ته سرڪار کان حڪومت کسي ويندا.

منهنجي نظر ۾ ڪابہ پاليسي مقرر ڪانہ ٿيل آهي. انڌ ڌنڌ آهي اڳي وانگر ڪارخانو پيو هلي. ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽن جي هٿ ۾ واڳ ڇڏيل آهي، جن جو عقل وري ايڏو وسيع آهي تہ شڪار ڪرائيندڙ ميمبرن يا جتن کي بندوقن جا ليسن ڏيئي ڇڏين يا تہ لکا پتي شاهوڪار ۽ هزار ڏل ڀريندڙ زميندارن کي بندوق يا پستول جي ليسن کان جواب! اڪثر ڪن هنڌ تہ ڪم آهي سرشتيدارن جي هٿ هيٺ. جيڪڏهن ڪو معمولي ماڻهو بہ پيتا يا نذر ڏئي تہ ليسن ملي وڃي، پر جي انڪار ڪري تہ موڪلين سب انسپيڪٽر ڏي، جنهن جي ڪهڻو ڪري سرشت ۾ ڳلا لکڻ سمايل هوندو آهي. جنهن راڄ ۾ عملدارن جو اهڙو طريقو هلندڙ هجي اهو راڄ جوابدار حڪومت سڏبو يا غير جوابدار، اهو پڙهندڙ پاڻ سمجهي سگهن ٿا. هينئر آءُ سرڪار کي صلاح ڏيندس تہ جيڪڏهن ماڻهن جي ملڪيت ۽ عزت جي بچاءُ جو اوهان کي ڪو اونو آهي تہ بندوق، تلوار ۽ پستولن جا هٿيار عام ڪريو. جيڪو بہ هڪ سو روپيا ڏل ڀري يا انڪم ٽيڪس ڀريندڙ دڪاندار هجي ان کي بندوق جو ليسن ڏيڻ گهرجي ۽ هڪ هزار ڏل يا انڪم ٽيڪس ڀريندڙ کي پستول جو ليسن ڏيڻ گهرجي ۽ هر هڪ سفيد پوش انسان کي تلوار جو ليسن ڏيڻ گهرجي

ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽن کي اهڙي طرح سان واضح هدايتون ڏيڻ گهرجن، نہ تہ هو ڪڏهين بہ رعيت کي فائدي پهچائڻ جي وائي نہ وارينداء پوليس کان چال رپورٽ وغيره جي گهرائڻ بند ڪجي، جو اهو طريقو رشوت وڌائڻ جو آهي. جي سزا ڪاڌل نہ هجيس تہ ان ماڻهو کي ليسن ڏيڻ گهرجي. چال جو چگو ۽ خراب هڪ وسيع اکر آهي. جنهن ۾ جيڪڏهن غور ڪبو تہ جن ماڻهن کي جواب ڏنا وڃن ٿا تن جي چال بعضي رپورٽ ڪندڙ پوليس عملدارن يا خود ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽن کان بہ چڱي هوندي آهي.

آخر هي پاليسي ڪيستائين جاري رکبي ۽ اها بي ويساهي ڪيترو وقت قائم رکبي. سرڪار جو فرض آهي تہ ازخود انهن خامين کي دور ڪري جس کٽي.

(سائين جي.ايم.سيد جي لائبريري مان مليل جيڪو 1930ع واري ڏهاڪي جو لکيل ٿو لڳي)

●

# آنرري ماجسٽريٽ

در اصل آنرري ماجسٽريٽن جي مقرر ڪرڻ وارو اصول چڱو ڪارآمد آهي. هڪ تہ انڪري جي مڪاني واقفيت وارا ايماندار ، اشراف ۽ قابل ماڻهو مقرر ٿيندا تہ، انصاف سنو ڪري سگهندا ۽ مفت ڪم ڪرڻ ڪري سرڪار تي خرچ جو بار نہ پوندو، پر خدا جي قدرت سنڌ جي آب هوا ۾ ڪو اهڙو رولو آهي جو چڱو ڪم بدلجيو خراب ٿيو پوي. هتي آنرري ماجسٽريٽ فائدن جي بدران پاڻ نقصان ڪار ثابت ٿيا آهن ان جا سبب هي آهن تہ مقرريءَ لاءِ جي خاص اصول لياقت ۽ ايمانداريءَ جا مد نظر رکيا آهن تن جي بدران نوڪر شاهيءَ اڪثر اهي ماڻهو پئي رکيا آهن جي خوشامندڙيا رسائي، رشوت ڏيڻ ۽ شڪار ڪرائڻ وارا هجن، ڪي تہ اڻ پڙهيل ماجسٽريٽ رکيا ويا. چاڪاڻ تہ انهن صاحبن ڪي شڪار چڱيءَ طرح ڪرايو ۽ انهيءَ تي خرچ ڪيو ڪن عملدارن، جي ڪن ماڻهن رسائي ڪئي، ڪن رشوت ڏني، ڪي وري حلقي بگوشي ۾ داخل ٿيا تہ ماجسٽريٽ ٿي ويا. سنڌ ۾ مشهور مثال آهي تہ ٻجڙو ڪم ڊيڊ ڪان ڪرائجي. ان وانگر ڪامورن ڪي ڪو بہ بدناميءَ وارو ڪم ڪرائڻو هوندو آهي تہ آنرري ماجسٽريٽن کان ڪرائيندا آهن. دنيا ۾ هميشہ ڏي وٺ جي ياجي آهي، جي هو خرچ وغيره ڪندا تہ پوءِ ماجسٽريٽي ملندي تہ هو بہ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ عيوض وٺندا. ڪي ميواتن جا ٽوڪرا وٺن، ڪي شڪار وٺن، ڪي هارين وغيره جون سنيون عورتون ڪورٽن ۾ سمن ڪرائي گهرائي نازيبا ڪم ڪن مطلب تہ جيترا ماڻهو اوترا ڪم، لٿي پٿي بہ اسيمبلي جي نشستين ۾ آفيسرن لاءِ اٿي چوڻ تہ رسائي ڪانہ آهي اهو ڪم تہ ضرور ڪندا. هاڻي جي ملڪ جي معزز ماڻهن ڪي

آفيسرن جي چاڙتي ٿيڻ کان بچائڻو هجي ته لائق ايماندار ۽ اشراف آنرري ماجسٽريٽ چونڊائڻ جو خيال هجي، ته موجوده آنرري ماجسٽريٽن جي مقرريءَ جو سرشتو يڪدم بند ڪرڻ گهرجي ۽ هاڻوڪن آنرري ماجسٽريٽن کي ڪڍي ڇڏجي، نئين سر آنرري ماجسٽريٽ مقرر ڪجن پر انهن جي مقرري ڪنهن به عملدار جي هٿ هيٺ نه هجي هڪ ته رواجي اختيار وليج پنچائتن جي چونڊيل ميمبرن کي ڏجن باقي زياده اختيار انهن آنرري ماجسٽريٽن کي ڏجن جي هڪ بورڊ مقرر ڪري، ان بورڊ تي 5 ميمبر هجن. هڪ ضلع جي اسيمبلي ميمبرن جو عيوضي هجي ۽ هڪ بار ايسوسيئيشن جو عيوضي ۽ هڪ هوم منتر جو عيوضي ۽ هڪ ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ۽ هڪ لوڪل بورڊ ۽ ميونسپالٽي جو عيوضي، اهي سال بسال درخواستون گهرائجن پوءِ ماڻهو مقرر ڪن. درخواستن جو خاص فارم مقرر ڪرڻ گهرجي جن ۾ ڪي لياقتون مقرر هجن، تعلقي تعلقي ۾ هڪ يا ٻه ماجسٽريٽ مقرر ڪرڻ گهرجن. ڪوبه اسيمبليءَ جو ميمبر آنرري ماجسٽريٽ مقرر نه ٿئي باقي جي موجوده سرشتو قائم رهيو ته خلق جو حال ڪونه ٿيندو. هي وڏو ظلم جو طريقو آهي، تنهن کي جلد ناس ڪرڻ گهرجي.

(سيد جي لائبريري مان مليل جيڪو 1930ع واري ڏهاڪي جو لکيل لڳي ٿو)

●

# سنڌ جون مشڪلاتون بنيادي ڪارڻ ۽ حل

سائيمِ سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

خلافت جي زماني کان سياسي دنيا جي ميدان ۾ اچڻ کان وٺي شڪايتون ٻڌندا ٿا اچون ته سنڌ ۾ ماڻهن سان تمام گهڻيون تڪليفون آهن ۽ اهي دور ٿيڻ گهرجن اسان به انهيءَ ڏس ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمت جي دعويدارن جي لسٽ ۾ نالو لکائي، ان خار زار جهنگل کي صاف صفا ڪري باغ بستان بنائڻ ۾ لڳي وياسون. اول ۾ ٻڌوسون ته مسلمان ڪامورا گهٽ هئا انهن کي وڌائڻ سان اسلام اجري پوندو. پوءِ غريب زميندار ۽ جاگيردارن جي عزت جو سوال آڏو آهي، ته ٻئي طرف واپاري دنيا دانهون ڪندي ٻڌي ويئي، سنڌ محمد ايسوسيئيشن ۽ زميندار جماعتون جن اول اسان جو ڏيان پاڻ ڏي ڇڪايو، تن مٿي ذڪر ڪيل مرضن جي علاج جو ڪم ٿي ڏنو. وقت گذرڻ بعد هاري ايسوسيئيشن به نهي، مخاديم به ميدان ۾ آيا ۽ مزدورن به سري ساهه کنيو. آخر شڪايتون گهڻيون ۽ متضاد ٿي پيون جن هٿي منجهائي رکيو جو جاگيردار جو فائدو سو مخاديم جو نقصان، جو زميندار جو اهنج سو هاريءَ جو سک. جا قرضدار جي دانهن سا شاهوڪار جي سلامتي هئا. جيتري قدر شڪايتن جي رنگا رنگي هئي اوتري قدر قومي خادم به جو قلمي شڪل ۾ ظاهر پي ٿيا. مطلب ته پتو ڪونه ٿي پيو ته ڪير سچي خدمت ٿو ڪري، ڪير ڪوڙي. ڪير حق تي، ڪير ناحق تي، هرڪو پنهنجو هوڪو ڏئي رهيو هو. ڪنهن به ڪونه ٿي چيو ته ”دوغ من ترش است. سنڌ ڌار ٿيڻ ۽ ان جي اسيمبلي ٿيڻ کان پوءِ ته معاملو ويتر وڌيڪ منجهائيندڙ ٿي پيو آهي. انهيءَ ساده

سوده فرقه وار مفاد جي معاملي ۾ مذهبي جذبو. جماعتي پابندي. آل انڊيا سياسي مسئلو. طاقت ۽ پيسي جو اثر. اخباري پروپيگنڊا وچ ۾ پئي معاملي کي اهڙو خلط ملط ڪري ڏيو آهي جو ڪوڙ ۽ سچ برو ۽ ڀلو. نفعي ۽ نقصان جو امتياز ڪرڻ، اڻ پڙهيل جاهل ماڻهن کي ته ڇڏيو ليڪن علم وارن لاءِ به مشڪل مسئلو ٿي پيو آهي ڪبير ڀڳت چيو آهي ته:

چلتي کو گاڑي ڪهين اور بنين دوده کو کويا
رنگي کو نارنگي ڪهين ديکهه ڪبيرا رويا

اهڙو معاملو لڳو پيو آهي. ڪي لک ايڪڙ جاگيرن جا رکندي به غريبيءَ ۾، ڪي ڪوڙا ڪيس، خرابيون ۽ ظلم جاري رکندي به فدايانِ قوم، ته ڪي شرابخوري ڪرڻ رشوتون وٺڻ، لکين روپيا ڳڙ ڪرڻ بعد، عالمِ برادرانِ اسلام، ته ڪي 5 ايڪڙن جي ملڪيت مان هزار ايڪڙ ٿوري عرصي ۾ ڳڙ ڪرڻ جي باوجود به مبلغ ملڪ ٿي پيا هلن. ٻئي طرف مذهب ۽ مائٽن کي ترڪ ڪري اسلام جا شيدائي ٿي، بکون ڪاٽين ته به بي اصول قوم جا بدخواهه. هڪڙا مجنون وانگر بنا لالچ ۽ لوڀ جي سچو وقت ملڪ ۽ قوم لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار، ته به غدار ملت. ڪيئي دفعه 110 قلم هيٺ رجوع ٿي سزاياب ٿيل قومي سرٽيفڪيٽ جا لائق، ته ٻئي طرف لائق ايماندار باهمت کي قوم طرفان انڪار، آخر هي معاملو ڪهڙو آهي اهو طئه ڪئين ٿيندو. ڇا ايماندار اشراف قومي مجنون سياسي زندگيءَ کان بس ڪري گوشه نشينيءَ جي زندگي گذارين يا لڇن وانگر لڇ ٿين. آخر ڪٿي ته ڪا خرابي آهي جنهن ڪري سارو معاملو الٽو پيو پسجي. انهي ڪري هي مضمون ان منجهل معاملن کي سمجهڻ جي طرف هڪ ڪوشش طور لکيو ويجي ٿو خاص انهيءَ نيت سان ته ان ناسور کي چيري صاف ڪرڻ سان ممڪن آهي ان جو خاطر خواه علاج ٿي سگهي. اول ۾ مشڪلاتن جي تشريح ڪندس. بعد ۾ ان جا بنيادي ڪارڻ ۽ جيئن مون سمجهي سگهيا آهن، سي پيش ڪندس.

سنڌ جي ماڻهن جي مشڪلاتن کي ٻن گروهن ۾ ورهائڻ سان معاملن جي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿيندي.

1- سکيو ڪلاس

2- غريب ڪلاس

سکيئي ڪلاس ۾ هينان گروهه اچي وڃن ٿا.

1- ڪامورو 2- زميندار 3- جاگيردار 4- واپاري ۽ وياج خور

غريب ڪلاس ۾ هينان گروهه ايندا.

1- ڪاتيدار ۽ هاري، 2- مزدور، 3- مخاديم، 4- ڪاسبي

انهيءَ فرقي مان هر هڪ جون جدا جدا مشڪلاتون آهن سي بيان ڪرڻ سان مختصر طور تي پتو پئجي ويندو ته سنڌ ۾ ڪهڙي قسم جون مشڪالتون آهن پوءِ انهن تي سرسري نظر ڪرڻ مان گڏ انهن خرابين جا بنيادي ڪارڻ بيان ڪبا.

## زميندار جون مشڪلاتون

1- ڍلن جو وڌيڪ هئڻ 2- پاڻيءَ جو پورو نه ملڻ 3- (ڍل جي) معافين جون تڪليفون 4- ڪامورن جي غلامي رسائي ۽ لاپو 5- اگهن جو فصل لهڻ وقت گهٽ ٿيڻ 6- آباديءِ خرچ وغيره لاءِ پيسا ملڻ جي تڪليف 7- هارين جون تقاويون ڪٽي پڇي وڃڻ 8- هارين جو فصل مان چوري ڪرڻ 9- وياج خورن ۽ سوسائٽين، جا قرض ۽ وياج 10- پاسي وارن زميندارن جون دشمنيون ۽ ڪامورن جي دست اندازي 11- بدامنيءَ خاطر چورن سان لاڳاپو رکڻ ۽ عملدارن جي تڪليف 12- عملدارن هٿان غريبن ۽ هارين جي داد رسي نه ٿيندڙ ڏسي، مدد ڪرڻ جي عيوض قانون جي زد ۾ اچڻ جو امڪان وغيره.

اهي چند موتيون ڳالهين آهن جن هن کي تنگ ڪيو آهي.

اهي شڪايتون سرڪار، ڪامورن، هارين، واپارين ۽ چورن جي برخلاف اٿن.

انهن جا ڪارڻ هي آهن ته سرڪار تائين آواز پهچڻ لاءِ هنن وٽ موثر ذريعا نه آهن. ڪٿي ڪٿي زميندار ايسوسيئيشنون آهن ليڪن يا

تہ فندن جي گھٽائي ڪري پوريءَ طرح نٿيون هلن. يا زميندار جي پوري دلچسپي نہ وٺڻ ڪري ڪامورن جي عام طرح سان اها حالت آهي تہ اهڙي طريقي جي پڪارن ۽ عرضداشتن جي برخلافي ڪن ٿا جيئن زميندار هميشه سندن محتاج رهي. سندن چونڊيل عيوضي اسيمبلي ميمبر انهن جي پرواهہ ئي نہ ٿا ڪن.

3- سرڪاري ڪاروبار ڪان انڻ واقف منشن ۽ ڪورٽن تي مدار رکندڙ آهن.

4- لينڊ روينيو ڪوڊ. ايريگيشن ائڪٽ ۽ ٻيا ائڪٽ تن جون خاميون.

5- ڪامورن جي مخالفت ۽ خراب پاليسي، ڪين ويڙهائڻ، قرڻ، غلام رکڻ واري.

6- هارين جو لاغرض هئڻ، ٻين زميندارن وٽ ٻجي وڃڻ، گھٽ ڪمائي ڪرڻ، تقاوي ڪائي ٻجي وڃڻ ليڪن انهيءَ جي تدارڪ لاءِ قانون ۽ پروارن زميندارن وٽ گھٽ مدد ملڻ.

واپارين جي اها حالت آهي تہ فصل لهڻ تي ٿيندو تہ اگھہ لاهي ڇڏيندا. ڍلون وغيره ڏيئي فصل زميندار گھر مان ڪڍي ڇڏيندا. وري ٻجن جي موسم ۾ اگھہ چاڙهي ڇڏيندا. فصل لاءِ پيسا ڪپندن تہ ڳرن وياجن يا زيورن يا زمين جي گروي رکڻ يا وڪري تي ڪين ڏيندا. سوسائٽين ۾ اهڙو رديِ سرشتو آهي جو اهي صفا ناڪام ثابت ٿيو آهي پيسا ڪين مارچ ۾ تہ ملن ڊسمبر ۾. سوبہ سون درن گھمڻ بعد وياج موتمار. اهڙي طرح سان چورن جو آزار. زميندار ۽ سندن هارين جا مال ڪاهي وڃن جي انهن سان رس نہ رهائين تہ تڪليف ۾ اچن، ان ڪري ڪيترا زميندار چورن سان هارين جي حال ورائڻ جي خاطر يا پاڻ بچائڻ خاطر انهن سان تعلق رکن تہ ڪامورن جي اک ۾ يا سنڌ جي پوليس جنهن تي لکين روپيہ خرچ ٿو ٿئي غريبن جي جيتري زميندار دادرسي ڪن ٿا انهيءَ جي 7 سيڪڙو جيترو بہ ڪانہ ٿي ڪري! سندن مصيبت وري بہ زميندار تي، جيتوڻيڪ ان جي ڪين مدد نہ هجي تہ هو ڪنهن بہ ڪم جا نہ هجن. ڪامورو، زميندار مٿان حڪومت ڪرڻ ورثو ٿو

سمجهي اِن جو مکيه ڪارڻ هي هو تہ يورپين عملدارن جي ذهنيت، زميندارن جي بر خلاف هئي، ڪجهہ ڳالهہ ٿي نہ آهي تہ مصيبت آئي ناهي پيو تہ ديسي عملدارن هڪ پنهنجي برادري ناهي آهي جنهن موجب هنن جي پاليسي آهي تہ اهو مثال وٺي هيٺ تائين هڪ ٻئي جي مدد ڪن ۽ ڪوشش ڪن جيئن زميندار سندن محتاج رهي. جي هن زور ورتو تہ سندن حڪومت ۾ گهٽتائي ۽ ملڪ ۾ آزادي ايندي تنهن ڪري هو جيتوڻيڪ هميشه سندن ظاهر ۾ مددگار آهن پر آهي غريب فرقي جي برخلاف!

(سائين جي.ايم.سيد جي لائبريريءَ مان مليل مواد)

●

# II- ڪراچي ضلعي جو گشت

19 مئي 1930ع کان ڪراچي ضلعي جو گشت شروع ڪيم ان ۾ چينمل پرسرام، هاسومل مير چنداڻي ۽ آءٌ هئاسون ملير ۽ آس پاس ڏسي، اتان شام جو ميرپورساڪري جي شهر گهاري ۾ اچي مسافر خاني ۾ لٿاسون هر هنڌ جا فوٽا ورتاسون ٿي. مڪاني هنرن جي جانچ، ڳوٺاڻن سان ملاقاتون، ڪوآپريٽو تحريڪ جو پرچار، لوڪل بورڊ ڪمن جي جانچ ۽ اسڪولن ۾ جلسا ڪرايا ٿي ويا. جتي شراب ۽ ٻي منشي کان پرهيز، کاڏي پائڻ ۽ مڪاني هنرن کي زور وٺائڻ تي گهڻو زور ٿي ڏنو ويو. گهاري جو ڳوٺ ڪراچيءَ کان نئين واري رستي تي آهي اتي هندو گهڻا رهندا هئا. جن ۾ ڪي گيه جو واپار ۽ ڪيترا ڪپڙن جي رڱڻ جو ڪم ڪندا هئا. آس پاس جا ماڻهو غريب مال تي گذارو ڪندڙ هئا. سکر بئراج نڪرڻ ڪري هتي جي آباديءَ کي گهڻو ڌڪ لڳو هو. اتان ٻي ڏينهن 20 تاريخ نڪري ميرپورساڪري ۾ آياسون جو تعلقي جو هيڊڪوارٽر هو. اتي خواجن جا اسڪول ڏنا ويا. واپار جي جاچ ڪئي ويئي. اتي مڪاني هنر اوني فراسيون. توبرا، ٻورا، واڻ، پڪا وغيره هئا. انهنجي سروي ڪرڻ جو ڪم مولوي عبدالخالق سپروائيزر ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ تي رکيوسون. پر ۾ ملڪي جي مياڻ مان مڇي ٻه مرندي هئي جا هتان ڪجي ڪراچي ويندي هئي. شام جو اسڪول جو جلسو ٿيو. آس پاس جا ڳوٺ ٻهارا، غلام الله ڏناسون ساري ضلع ۾ ڪلر جي باوجود رستن مٿي ڪرائڻ ۽ مرامت ڪرائڻ جي ضرورت هئي. بگهاڙ واهه تي ريگيوليٽر ٻڌائڻ لاءِ گهڻي پڪار هئي، چي: واه ۾ پاڻي ته گهڻو پر آبادي تي ڪانه ٿي سگهي. ان تي مسٽر چينمل پرسرام جو هميشه شاهه لطيف جي زبان ۾ ڳالهائڻ پسند ڪندو هو. چيو ته ”پاڻي

مٿي پنيون پرسڪيون ئي رهن" اتان وني پرڪاس رسالي ۾ گشت جا احوال ۽ مڪاني شڪايتون شايع ٿيڻ لڳيون. اتي جون مکيہ گهرجون. گهاري ڪان ساڪري ۽ اتان ڀهارن ڪان ڪيٽي بندر تائين رستي نهرائڻ، بگهاڙ تي موري ٻڌائڻ، مڪاني هنرن کي زور وٺائڻ، مڇيءَ جي نيڪال لاءِ ڪراچي تائين مڇي نيڻ جي انتظام وغيره جون هيون.

اتي جا مکيہ مڪاني ماڻهو. تعلقي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ رئيس محمد خان بگهياڙ، ملڪ مزار خان، سيد محمد شاهہ ڏنڊي وارو ۽ سندس فرزند جمن شاهہ هئا. پر ۾ ٻاٻرن جي ڳوٺ ۾ ميرا اعلي خان ملڪاٽي بلوچ بہ مکيہ ماڻهو هو. ڳوٺ ۾ خواجہ قوم ۽ ڪي هندو واپاري اثر وارا هئا.

ساڪري وارا ملڪ پاڻ کي ڄام پنهون ڪيڄ جي شهزادي جي اولاد مان سڏائيندا آهن. سندن نالا بہ ڄام عالي پنهل جوڻي، ڄام پنهون اجان تائين رکندا اچن. ملڪ ڄام پنهون رئيس مزار خان ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي ميمبر جو وڏو ڀاءُ ان وقت وفات ڪري ويل هو. سندس فرزند غوث بخش خان ننڍي هئڻ ڪري راڄ ڀاڳن ۾ ملڪ مزار خان بااثر هو.

اتان 21 تاريخ مئي نڪري گهوڙاٻاري تعلقي جي هيڊڪوارٽر ڪوٽڙي الهرکيہ شاهہ ۾ اچي انجنيري بنگلي ۾ رهياسون.

رستي تان ڀهارا، ڳاڙهي جو بنگلو ۽ ڏڪ ڏسندا پيهرو رئيس عمر خان ڳاڙهيو ميمبر ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ڪراچي وٽ ڪيوسون هو وڏي ملڪيت وارو ڪونہ هو. سندس جايون لاڙ جي اڪثري ماڻهن وانگر ڪچيون لانديون هيون. ماهيو مال گهڻو هوس. مهان نوازي ڪري آس پاس ۾ گهڻو اثر پيدا ڪري ويو هو. مڙس جي رهائي گهڻي هئي. اتان ڪوٽڙي الهرکيہ شاهہ ۾ رات رهياسون تعلقي جو هيڊڪوارٽر آهي پرسواءِ سرڪاري آفيسن جي ڳوٺ ۾ سڄ ٻي واڪا ڪئي. اتي متيارين جي سيد ميان موليڏنہ شاهہ جي زمين هئي پر توجہ نہ هئڻ ۽ پاڻي گهٽ هئڻ ڪري گهڻي پيدائش واري ڪانہ هيس.

اتان 22 تاريخ صبح جو نڪري سيد علي گوهر شاهہ جو ڳوٺ

ڏنوسون جو سندس والد جي ڏينهن ۾ تہ گھٽو ڪجھہ هو پر هن شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ ڦٽي ويو آهي. اتان رئيس امام بخش خان ٻگاهي ميمبر ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي ڳوٺ اچي، اتان نڪري ورجو ڳوٺ ڏنوسون، اتي بہ خواجہ ۽ هندو واپاري گھڻا هئا. اتان پير پڳي جي ڳوٺ آياسون. اتي جي درگاهہ ڏٺي سون ۽ خليفہ جلال الدين ۽ سندس فرزند ميان محمد عثمان سان ملاقات ڪري شام جو ٺٽي اچي مڪلي جي بنگلي ۾ رهياسون. 22 تاريخ سڄو ڏينهن ٺٽي ۾ رهي مڪليءَ جو قبرستان گھمياسون. ان جا فوٽا ورتا ويا. ٺٽو شهر سمن جي بادشاهن جي زماني ۾ انهيءَ کان پوءِ ارغون، ترخان ۽ مغل گورنرن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو پر هاڻ گھٽو ابتر ٿي ويو هو. شاهوڪار هندو ۽ مسلمان لڏي ڪراچي وڃي وينا هئا. سکر بئراج کان پوءِ دريا ۾ پاڻي جي گھٽتائي ڪري آبادي گھٽ ٿيڻ سبب ڏتڙجي ويو هو. واپار بہ گھٽ هوس. اتي جا مکيہ ماڻهو، سيٺ محمد رجب شفيعاڻي، محمد سومار وزن ڪش، وڏيره محمد عثمان سومرو جو پر ۾ محمد سومره جي ڳوٺ ۾ رهندڙ هو پر سندس آمدرفت ٺٽي ۾ گھڻي هئي. سيد شاهنواز شاهہ شڪر الاهي، سيد پير ڏنو شاهہ، سيد پيار علي شاهہ، عقيلي، درس، عابداڻي، قاضي، شيرازي سيد ۽ ٻيا گھڻا هئا. انهن جون ملاقاتون ٿيون اتان خميس ڏينهن 23 مئي، منجهند جو نڪري سجاول روانا ٿياسون، رستو جهاز تائين پڪو هو. اتان لوڪل بورڊ جهاز ۾ چڙهي چند ڪلاڪن کانپوءِ دريا اڪري سجاول روانا ٿياسون. جهاز جو انهن ڏينهن ۾ نالو شيوارام ڏيول مل جهاز هو. هي جهاز چئن سالن کان نئون گھرايل هو. اڳيون جهاز ڪوٽڙيءَ ۾ رد ٿيو بيٺو آهي. هي نئون جهاز ”شورتن موهتا فرم“ ناهيو آهي پنڻ بہ دفع ڏينهن ۾ ڪري ٿو. سجاول شهر واپار جو مرڪز آهي آس پاس سارين جي پوک ۽ انن جا گلا چرندڙ نظر اچن ٿا. زميندار اڪثري مال جا پاڳيا بہ آهن. شهر جو چڱو مڙس ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو ميمبر ۽ تعلقي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ سيد حاجي عبدالرحيم شاهہ آهي. انهيءَ هڪ عربي مدرسو ۽ ۽ جامع مسجد نهرائي آهي جنهن لاءِ گھڻي زمين وقف ڪري

ڇڏي اٿس. سکر بئراج نکرڻ کري البت ڪراچي ضلعي جي آباديءَ
کي گھڻو ڏک لڳو آهي. خاص ڪري گذريل ٽن سالن کان هتي جي
آباديءَ کي ٻن سببن ڪري ٻه نقصان پهتو آهي هڪ سال برسات گھٽي
پوڻ ڪري ٻئي سال روڙي جي مرض، ٽئي سال سوڪ ڪري، لاڳيتو هن
ڊويزن جنهن کي "شاهه بندر" نالي سان سڏين ٿا گھڻو سنو آهي. ڊلن
۽ تقاوين ڏيڻ جي زميندارن ۾ توفيق ڪانه هئي، مهلت گهري رهيا هئا
هن حد ۾ ڪامورن جو ڏاڍو اثر آهي، رشوت ۽ رسائي، شڪارن مهل
خرچن ته حد ڪري ڇڏي آهي. ڏاڍيون دانهون هيون. پر ٻڌڻ سڻڻ
وارو ڪونه هو. جن کي دانهون ڪن خرچ ٻه انهن تي ٿين. ضلعي ۾
ڊپٽي ڪليڪٽر مسلمان هئا ۽ عوام ٻه مسلمان هئا پر ڪامورا
نوڪرين ۾ حصو ونڻ مهل مسلمان ٿين ٿا ليڪن قرڻ ڪاٽڻ مهل
مسلماني ياد ٻه نٿي اچين. هي اهو ڪلاس آهن جن کي ڄٽرون ڇئجي ته
بجاءِ ٿي سگھندو. جن جو گذارو رت تي ٿئي ٿو. 23 تاريخ مئي شام
جو حاجي عبدالرحيم شاهه سجاول واري جي صدارت هيٺ مڪاني
زميندارن ۽ آبادگارن جي ميٽنگ ڪني ٿي جتي گهٽي ئي شڪايتون
ٻڌيون ويون. سجاول شهرين پيڻ جي پاڻي جي گهٽي تڪليف هئي سواءِ
آبڪلاٽي جي ماٺهن کي منو پاڻي پيئڻ لاءِ پورو ڪونه ٿي ملي سگھيو.
کوه ٻه واهه جي ير ۾ کوتجڻ سان مٺا ٿي سگھن ٿا. سو ٻه رسانگ
وارو پائي جيستائين آهي اهو کپي وجڻ بعد اهي ٻه ڪارا ٿيو پون. شاهه
صاحب (حاجي عبدالرحيم شاهه) پنهنجي خرچ سان مني پاڻي جو تلاءَ
کٽايو آهي پر اهو پاڻي ٻه بينل هئڻ ڪري صحت جي نقطه نگاه کان
نيڪ نه هوندو. کوه واهن جي ير ۾ کٽائڻ تي وري انجنيري وارن جي
اٿک ماٿهو ڪيڏانهن وجن.

شام جو اسڪول ۾ جلسو ٿيو ڇوڪرن ڊائلاگ ۽ راڳ ڳايا.
ڪوآپريٽو سيڪريٽري پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. مون ۽ ڄيٺمل
پرسرام تقريرون ڪيون. حاجي عبدالرحيم شاهه مرحبا ۾ ڪجهه
الفاظ پيش ڪيا. 24 تاريخ اتي رهي. ٻيلي، ڇريتائين ۽ ٻين پا ـ جو
گشت ڪيو ويو. اسڪول، رستا، ڍڪ وغيره ڏٺا ويا 30 تاريخ صبح

جو چوهڙ جماليءَ ڏي وياسون رستي تي آبادي گهٽي ڪانه هئي ڪلر لڳو پيو هو. پر چوهڙ جمالي ۾ ستاح واهه ڪري آبادي وري وڌيڪ ڏسڻ ۾ آئي. بند جي پر ۾ ٻيڙيون بيٺيون هيون. راءِ صاحب مينارام جي بنگلي ۾ رهياسون. ٿتي پاسي ٺٽائي ديوانن جو اثر هو. ته هن پاسي وري حيدرآبادي ديوان زور هئا. راءِ صاحب مينارام ديوان اجيت سنگهه جو پٽ. ضلع لوڪل بورد جو ميمبر ۽ تعلقه لوڪل بورڊ شاهه بندر جو پريزيڊنٽ آهي. قابل ۽ چاٿو زميندار آهي. شام جو راءِ صاحب سان گڏجي شاهه بندر ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسون. وات تي ابن شاهه جي ٽڪر جو مقام ڏنوسون ۽ فوٽو ورتاسون. نهايت خوبصورت منظر هو. آس پاس ڪوبه ٽڪر نه آهي هي ٻه ٽڪريون اهڙيون پيون ٻائنجن جيئن ڪنهن ٻي هنڌان ڪٽي آڻي هتي ڦٽيو ڪيون آهن. ڳوناٽن ۾ اها ڳالهه مشهور آهي مغل ٻين جڏهن پير پٺي ڪان جدا ٿي جاتيءَ تي اڏامي ٿي ويو ته سندس گهوڙي جي لت ڪري، هي ٽڪريون نهي پيون. ابن شاهه اصل مٽياري خاندان جو سيد ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. شاهه بندر ڊويزن جي مختلف جڳهن تي مٽياري سيدن جون مسجدون ۽ مقام انهيءَ ڳالهه جي دلالت ٿا ڪن ته هن ٽڪر ۾ انهيءَ قبيلي جو ڪڏهن وڏو اثر هو. سيد سوڏن شاهه اجا تائين انهيءَ ياد ڪي هن تعلقي ۾ تازو ڪيو وينو آهي. جاتيءَ جي ٻاهران پراڻيون مسجدون آهن، خود حاجي عبدالرحيم شاهه ۽ ميرپور بٺوري تعلقي ۾ ڪيترا سيد انهي قبيلي جا فرد آهن. آخرڪار رستي جي تڪليف جي باوجود اچي شاهه بندر ڏنوسون. راءِ صاحب جي ڳالهه ته سندس وڏا ڳالهه ڪندا هئا ته هتي ٻه دڪان ته صرف ڏوڏين جا هئا خود انگريزن جي اوائلي دور ۾ خاصو بندر هو پر هاڻ ڦٽي ويو آهي. ساري شهر ۾ ويهارو گهر مس ٿيندا. جيڪڏهن رستو ٺاهجي ته سمند وري نزديڪ اچي رهيو آهي ممڪن آهي شهر سڌري پوي. رات جو سادي 9 بجي وري چوهڙ جمالي پهتاسون. اچي جلسي ۾ شريڪ ٿياسون ماستر سنتومل گهڻي محنت ڪري موتي آيل ماڻهو ورائي جلسو ڪرايو. اتي جيٺمل ۽ مون تقريرون ڪيون راءِ صاحب ڪان موڪل وٺي اڌ رات جو جاتيءَ ڏي روانا ٿياسون ۽ اتي اچي بنگلي ۾ رهياسون 26

تاريخ جاتيءَ کان ملڪ راڄ جي رستي لکپت ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسون ۽ اڌ ۾ گپ هڻڻ ڪري موٽي آياسون. شام جو درگاهه مغل پِين جي زيارت ڪري فوٽو ڪڍي. جلسي ۾ شريڪ ٿياسون. شهر جا چڱا مڙس، خليفه غلام، خليفه حاڪم پيم، خليفه محمد بچل، ملڪ فريد خان، ملڪ عبدالله خان، راءِ صاحب ريوامل ۽ ٻيا تن سان ملڻ ٿيو. سندن مهمان نوازيءَ مان مستفيد ٿياسون 27 تاريخ اتان نڪري شاهه ڪپور کان ٿيندو جتي پراڻو سومرن جو قتل شهر ميلن تائين کنڊرن جي صورت ۾ پيو ڏسڻ ۾ اچي، ميرپور ٻٺوره ۾ آياسون ڊسٽرڪٽ بنگلي ۾ رهڻ ٿيو. اتي جي معززن، سيٺ محمد جعفر خواجه، سيد محمد بچل شاهه، سيٺ ميان البچايو ۽ حاجي امام بخش خواجن ۽ سيٺ سومار سان ملاقاتون ٿيون شهر ۾ رٿيل پروگرام مطابق اسڪول جي جلسي ۾ تقريرون ڪيون ويون. ٻي ڏينهن اتان جهوڪ تي شاهه عنايت صوفي جي درگاهه جي زيارت ڪري بلڙي ۾ شاهه عبدالڪريم جي درگاهه تي آياسون. جو شاهه عبداللطيف جو ڏاڏو هو. مسٽر چينمل پنهي جڳهن تي اچڻ بعد ڪيڙن ۾ نه پيو ماپي. هي ٻئي مرڪز هئا جتان سنڌ جي صوفي ازم جو بنياد پيو. اتي بلڙيءَ ۾ پير غلام حيدر شاهه سان ملي جهوڪ ۾ ميان عبدالستار ۽ سندس ڀاءُ محمد وارث سان ملاقاتون ڪري، وري ميرپور ٻٺوري پهتاسون اتان شام جو دڙي ۽ ٻني جا چڪر هڻي وري اچي ٻٺوري ۾ رهياسون. دڙي ۾ ارباب محمد سليمان، وڏيره الهڏنه، ارباب محمد صالح ميمڻ وڏا زميندار ۽ اثر رسوخ وارا ماڻهو هئا. ميرپور ٻٺوري ۽ دڙي جا رهاڪو هشيار ۽ سجاڳ ماڻهو آهن. انهن کي پنهنجي درد دکن ظاهر ڪرڻ جو پورو ڍنگ معلوم آهي.

ٻي ڏينهن لائق پور کان سيٺ تاراچند، سيد محمد علي شاهه کان ٿيندي وري موٽ تي اچي پتڻ ٽپي ٺٽي رهياسون جتان ٻي ڏينهن اچي ڪراچي پهتاسون. انهيءَ ساري سفر بعد هڪ پروگرام ناهيو ويو جنهن جا مکيه جزا هي هئا.

1- ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي تائين پڪي موٽر جي رستي ٺهڻ جي سخت ضرورت هئي.

2- سجاول کان جاتي ذريعي ڪيچ تائين پهچڻ لاءِ لکپت تائين رستو ناهڻ ضروري سمجهيو ويو.

3- شاهه بندر ۽ منڊي بندر جي سڌاري لاءِ لکپڙهه ڪرڻ جي رٿ رٿي ويئي.

4- ٽنڊو محمد خان کان شاهه بندر تائين پڪا رستا ناهڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي.

5- سجاول ۾ هاءِ اسڪول برپا ڪرڻ ضروري ڄاتو ويو.

6- لوئر سنڌ بئراج لاءِ پڪارڻ ضروري ڄاتو ويو.

7- ميرپورساڪري کان ڪيٽي بندر ۽ اتان ٺٽي تائين رستن کي پڪي ڪرڻ جي ضرورت ڄاتي ويئي.

8- ضلعي جي مالدارن، مڪاني هنرن، ڳوٺن، ميربحرن جي سڌاري لاءِ سروي ڪرائڻ جو ڪم مولوي عبدالخالق جي سپرد ڪيو ويو.

9- بگهاڙ واه تي ريگيوليٽر لڳائڻ لاءِ لکپڙهه ڪرڻ ضروري ڄاتي وئي.

10- مني پاڻيءَ لاءِ کوهن، رهڻ لاءِ وڏيڪ مسافرخانن ۽ اسڪولن جي لاءِ سنين جاين جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي. پر ڪنهن کي خبر ته "مادر چه خياليم فلک درچه خيال" سرڪار کي اسان جي هر ڪارروائيءَ لاءِ نفرت پيدا ٿيڻ لڳي بجاءِ ان جي جو اسان جي مٿين ڳالهين ۾ مدد ڪن، هنن مخالفت ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ان ۾ پنهنجا به مخالف ٿي بيٺا.

# سال 1930ع تي هڪ سرسري نظر

هي سال مسلسل جدوجهد ۾ مشغولين جو هو.

1- 6 جنوري 1930ع آفيسرن جي راءِ خلاف مسٽر محمد هاشم گذدر کي لوڪل بورڊ جو انجنيئر چونڊي پي ڏينهن ان کي عهدي جي

چارج ڏياري ويئي ان تي مسٽر ڊسلوا ڪليڪٽر ڪراچي، مسٽر گبسن کي چيڙائي هڪ خط لکايو تہ مون ميمبرن کي برغلائي مسٽر گزدر کي سرڪاري منع هوندي رڪايو هو. آخر 29 مارچ 1930ع آفيسرن جي ڪوش ڪري وري بہ انهنجي مرضي خلاف صرف هن جي نوڪري سسپنڊ ڪري متي بمبئي سرڪاري کي، سندس مقرري لاءِ لکيو ويو. اثر هلائي منظوري ورتي ويئي سيپٽمبر ڏاري وري ان کي انجنيئر جي چارج ڏني ويئي.

2- ڪليڪٽر لوڪلبورڊ جون گرانٽون بند ڪيون، سي سرڪار ۾ پڪاري چالون ڪرايون ويون.

3- خانبهادر عظيم خان ڊپٽي رجسٽرار جي مشوري سان سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ تي وڏيڪ آبادگارن جا ميمبر چونڊيا ويا. خانبهادر کهڙو، ميران محمد شاهہ، خانبهادر الهہ بخش ۽ ٻيا. ان تي مئنيجر مسٽر ڊي ٻي دستور رکيو ويو جو نهايت همدرديءَ سان تعاون ڪرڻ لڳو.

4- ڪراچيءَ ۾ جنوري ۾ تي چار ڪانفرنسون ضلعي جي بهتري لاءِ سڏايون ويون (1) مالدارن جي ڪانفرنس جنهن ۾ مالدار ايسوسيئيشن جو بنياد رکيو ويو. (2) ميربحرن جي ڪانفرنس جنهن ۾ ميربحرن جي ايسوسيئيشن برپا ڪئي وئي. (3) ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جنهن ۾ ضلعي اندر ڪوآپريٽو تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي. لوڪل سيلف گورنمينٽ ڪانفرنس سنڌ ڪوٺائي ان ۾ لوڪل بورڊ جي مجموعي ڪاروبار جي لاءِ نهراءَ پاس ڪيا ويا.

5- ملير ڪوآپريٽو سوسائٽي جي ڪاروبار کي درست ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي.

6- ميونسپالٽي ڪراچيءَ جي چوندن ۾ صلح ڪرائڻ لاءِ امين جي حالت ۾ حت الامڪان سمجهوتي لاءِ ڪوشش ڪرائي ويئي پر صلح ٿي نہ سگهيو.

7- پريزيڊنٽ لوڪل بورڊ، جو ڪراچي ميونسپالٽي تي هميشه

ميمبر نامزد ٿيندو آيو ٿي. ڪليڪٽر مون سان خار ڪان اهو نالو نامزد ميمبرن مان ڪڍي ڇڏيو.

8- بمبئي ڪائونسل جي چوندن ۾ شيخ عبدالمجيد، ميران محمد شاهه، محمد ڪامل شاهه لاءِ ورڪ ڪيو ويو اهي ڪامياب ٿيا.

9- سيد شاهنواز شاهه جو سندس سنگت ڪري منهنجو مخالف ٿي بيٺو هو ان ڪي سندس طرف وارن بي اعتباريءَ جو ٺڪراءُ نهراءُ پاس ڪري استيفا ڏيڻ لاءِ چيو ۽ گهٽي خرچ ڪرڻ ڪري مالي مشڪلاتن ۾ ڦاسي منهنجي مدد جو طالبو ٿيو جا ڪيس ڏنم.

10- مون ٻيو دفعو ضلعي جو گشت ڪري اتي عوامي ماڻهن سان واقفيت ۽ لاڳاپا وڌايا.

11- قاضي عبدالرحمان ڪي ڪليڪٽر گشت ۾ موڪلي انگريز سرڪار جي تعريف ۽ مدد لاءِ ليڪچر ڪرايا.

12- نوجوان پارٽ سڀا ۾ ڊاڪٽر ڪچلو جي صدارت ۾ شرڪت ڪيم.

13- ڪانگريس ڪاميٽي سن ۾ ٺاهي ڪانگريس جي تحريڪ ستياگره سان همدردي ظاهر ڪئي ويئي.

●

# خلق جي خدمت

سائين جي ايم سيد جي عوامي خدمتن جو ذڪر ٿيندو رهيو آهي. هيٺ جيڪو مواد ڏجي ٿو اهو پڻ سندن اهڙي جدوجهد جو عڪس پيش ڪري ٿو. هيءَ اها تقرير آهي جيڪا سائين ٢٧ مارچ ١٩٣٣ع تي ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي نئين عمارت جو افتتاح ڪندي ڪئي هئي. ان تقريب جو جنهن نموني سٽاءُ رکيو ويو هيو، اهو به سيد جي ان وقت وارن سيڪيولر خيالن جي ترجماني ڪري ٿو. ان ڪري اهو جيئن جو تيئن هيٺ ڏجي ٿو.

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي نئين آفيس بلڊنگ جي رسم پاڪائي (Consecration ceremony)

## پروگرام

١- عبادتي گيت

٢- صدر پاران مختلف مذهبن جي عالمن کي دعا گهرڻ لاءِ گذارش

٣- دعائون

**مذهب اسلام:** مولوي محمد صادق

**عيسائي مذهب:** ريورنڊ اي-ايل-گر

**زورستان دستور:** ڊاڪٽر ايم-ايف-ڊِلا

**هندو مذهب:** پنڊت وشوناٿ شاستري

**سک مذهب:** ڀائي ڌرم سنگهه

٤- گيت

٥- صدارتي تقرير

٦- ٽورا ميڄڻ ۽ تحفا ڏيڻ
٧- اتحاد جو گيت
٨- مهمانن پاران بلڊنگ جو دورو
٩- چراغان

سائين جي ايم سيد جي هٿن سان پاڪ ٿيل ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي اها عمارت اڄ به بندر روڊ تي واقع آهي جنهن ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي ڪم ڪري رهيو آهي. مرتب

دوستو:

اهو منهنجي لاءِ تمام گهڻي خوشي، جو لمحو آهي جو ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي صدر جي حيثيت ۾ مهنجي رٽائرمينٽ جي موقعي تي لوڪلبورڊ جي نئين بلڊنگ جي پاڪائيءَ واري رسم (Consecration ceremony) ۾ توهان منهنجي دعوت تي اچي گڏ ٿيا آهيو. ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جيڪو ١٩٢٣ع ۾ موجوده ايڪٽ جي پاس ٿيڻ سان وجود ۾ آيو ۽ جنهن جي ذريعي مڪاني اختيار ماڻهن جي نمائندن حوالي ڪيا ويا. ان جي تاريخ ۾ اڄوڪو واقعو يقيناً هڪ اهم جاءِ والاري ٿو. مالي ڏکيائين جي دور ۾ اها اطمينان جي ڳالهه آهي جو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ پنهنجي ڪل گڏ ٿيل ٢ لک رپين جي پونجيءَ مان ٤٢٠٠٠ رپيا آفيس بلڊنگ لاءِ ۽ ٣١٠٠٠ رڪيا لاڳاپيل ڪمن لاءِ مختص ڪيا آهن پنهنجي پيرن تي بيهڻ اسان جهڙي مڪاني اداري لاءِ اها نهايت فخر جي ڳالهه آهي ته ان پنهنجي محدود وسيلن مان ايترو فنڊ گڏ ڪيو ۽ هڪ خوبصورت ۽ شاندار عمارت ذريعي شهر جي خوبصورتيءَ ۾ اضافي جو سبب بڻيو. ان مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته عوام جا چونڊيل ادارا ڪيئن نه ڪاميابيءَ سان پنهنجون پبلڪ ذميواريون نڀائين ٿا. آءٌ (اداري جي) آفيسرن ۽ اسٽاف جو شڪريو ادا ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان جن جي هوشياريءَ ۽ تعاون اهو سڀ

ڪجهہ حاصل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

اسان جهڙي اداري وٽ پنهنجي عمارت هجڻ جا جيڪي فائدا آهن تن کان توهان سڀ چڱيءَ ريت باخبر آهيو انهن جي تفصيل ۾ وڃڻ ضروري نٿو سمجهان. جيتوڻيڪ پنهنجي عمارت حاصل ڪندڙن ۾ اسان پهريان ڪونہ آهيون ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي ڪجهہ ٻين ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊن اڳ ۾ ئي اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي پر اسان فخر سان چئي سگهون ٿا تہ هن وقت تائين ٺهيل عمارتن منجهان اسان جي عمارت سڀ کان وڌيڪ خوبصورت آهي. توهان اندازو ڪري سگهندا هوندؤ تہ پنهنجي بلڊنگ حاصل ڪرڻ تي اسان ڪيڏو نہ خوش آهيون جو توهان کي ياد هوندو تہ گذريل ڪجهہ سالن دوران هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ شفٽ ٿيڻ ۽ مناسب جاءِ خاطر در در وڃڻ وقت ڪيڏين نہ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو هو.

پنهنجي بلڊنگ تيار ڪرڻ بابت پهريون منصوبو ١٩٢٨ع ۾ ٻرسٽر مير ايوب خان پيش ڪيو هو جنهن جي ياد هميشہ هن بلڊنگ سان گڏ زنده رهندي. شروع ۾ ڪوشش ڪئي ويئي تہ ڪا تيار عمارت خريد ڪجي پر اهڙي بلڊنگ هٿ ڪانہ آئي جيڪا اسان جون ضرورتون پوريون ڪري سگهي. ڪو مناسب پلاٽ هٿ ڪرڻ لاءِ اسان جي ڏکي ڳولا ۽ سمورين ڪوششن جي ناڪام ٿيڻ کان پوءِ جڏهن بورڊ بلڪل مايوسيءَ جي ڪناري کي پهتو تڏهن حڪومت هند پاران هن پلاٽ جي منظوريءَ جو آرڊر اسان کي پهتو ۽ توهان سمجهي سگهو ٿا تہ اسان اهڙي مدد لاءِ حڪومت ۽ ان جي واسطيدار آفيسرن جا ڪيڏا نہ ٿورائتا آهيون. تنهن ڪري هن موقعي جو فائدو وٺندي آءٌ ڪمشنر سنڌ مسٽر آر-اي-گبسن، اڳوڻي ڪليڪٽر مسٽر جي-آر-هوڊ ۽ سنڌ ۾ راجپوتانہ لاءِ مقرر سول ورڪس ڊپارٽمينٽ جي سپرنٽينڊنٽ مسٽر جي-ايچ-جي-جيرم جي معرفت حڪومت جا ٿورا مڃڻ ٿو چاهيان جن جي وقتائتي مدد کان سواءِ هيءَ عمارت ٺهڻ ممڪن ڪانہ هئي.

پلاٽ جي ڪل ايراضي ۴۹۵۵ چورس فوٽ آهي ۽ اهو گورنمينٽ آف انڊيا لينڊ روينيو ڪوڊ جي فقري نمبر ٣٦ (١) هيٺ مفت ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي نالي ڪيو ويو آهي.

ڪم جو منصوبو ١٩٣٢ع ۾ تيار ڪيو ويو ۽ ٥٧٢٠٠ رپين جي ڪاٽي سان اهو ميسرز هورمُسجي ۽ دارووالا کي ڏنو ويو. انهن کي ٺي لاڳاپيل بلڊنگ جو ۴١٠٠٠ رپين جو ڪم پڻ ڏنو ويو. لاڳاپيل عمارت ۾ سياحن لاءِ بنگلو، ويٽنري ڊسپينسري، گهوڙن جو طنبيلو ۽ سرونٽس ڪوارٽر شامل آهن. توهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي ته ٺيڪيدار سڄي ڪم تي بورڊ کي ٣٠$\frac{1}{4}$ سيڪڙو رعايت ڏيڻ تي راضي ٿي ويا آهن ڪم جي شروعات آڪٽوبر ١٩٣٢ ۾ ٿي ۽ سمورو اصل ڪم ۽ ڪجهه لاڳاپيل ڪم پڻ ڇهن مهينن جي مختصر عرصي ۾ مڪمل ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ ٺيڪيدار ۽ اسان جو انجنيئر محمد هاشم گزدر ۽ سندس اسٽاف وارا مبارڪباد جا مستحق آهن.

عمارت مسلم آرڪيٽيڪچر جو هڪ بهترين نمونو ۽ شاندار مهانڊا رکندڙ آهي ۹۴ فوٽن جو مهاڳ بندر روڊ طرف آهي جڏهن ته اولهه طرف بلڊنگ جي ماپ ١۴٦ فوٽ آهي مڪ عمارت جي پلنٿ ايراضي ۹۸۵۵ چورس فوٽ آهي. ڪائونسل هال سميت گرائونڊ ۽ فرسٽ فلورن جي ايراضي ١٢٧٠٠ چورس فوٽ آهي. ٻنهي فلورن جي صاف اوچائي ١٦ فوٽ آهي. زمين کان ٽاور جي اوچائي ٦٧ فوٽ آهي. اسان جي انجنيئر پاران منظور ڪيل بلڊنگ جو پلان سادو ۽ بچت وارو هئڻ سان گڏوگڏ جديد پڻ آهي بلڊنگ ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ ۽ ڪراچي تعلقه لوڪلبورڊ جي آفيسن لاءِ گنجائش آهي. ٻه وڏا هال '٣٠x'٣٠ ۽ '٢٠x'٣٠ جي ماپ جا ترتيبوار ضلعي لوڪلبورڊ ۽ ضلعي اسڪول بورڊ جي موجوده اسٽاف جي ويهڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا. انهن ڪمرن کي چئني پاسن کان ورانڊا آهن آفيسرن جا ڪمرا اهڙيءَ ريت ٺاهيا ويا آهن جيئن انهن جي اسٽاف جي ڪمرن تائين پهچ

آسان هجي. ملاقاتن جي ويهڻ لاءِ هڪ ڪمرو ڊسٽرڪٽ لوڪال بورڊ جي آفيسرن واري ڪمري جي پرسان ٺاهيو ويو آهي. آفيسرن جا ڪمرا '۱۵'x۱۲ ايراضيءَ تي ٺهيل آهن. آفيسن ۽ آرام جي ڪمرن جي وچ ۾ ننڍي قد جي ديوار ڏنل آهي ۽ ڪمرا مستقل رڪارڊ لاءِ مختص ڪيا ويا آهن.

'۴۰'x۲۵ ماپ جو ڪائونسل هال پهرئين فلور تي ٺاهيو ويو آهي. ڪائونسل هال جي مٿان ٺهيل سيمنٽ ڪانڪريٽ جي ڇت جي خصوصيت اها آهي ته پوري ڇت هڪ سڌي سليب (ڇت) نظر اچي ٿي جنهن جي سمورن ڪامَن (beams) کي نهايت هنرمنديءَ سان نظرن کان لڪايو ويو آهي. تعمير جي ان طريقي سان بچت پڻ ٿي آهي ڇاڪاڻ ته ڪامُن (beams) کي لڪائڻ لاءِ ڀتين ۽ ڇت جو واڌو اوچائيءَ تي ايندڙ خرچ گهٽايو ويو آهي. پهرئين فلور تي هڪ ٻيو ڪمرو صدر جي آفيس لاءِ ۽ گول ڪمرا مينارن جي اندر آهن جيڪي پارٽي ميٽنگن لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا. صدر جو ڪمرو ايترو ڪشادو آهي جو ان کي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ لاءِ پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

تعميري ڪم جون خاص خاص ڳالهيون اهي آهن ته ڀتين جي اوساريءَ ۾ گِذري جو پٿر چُن سان استعمال ٿيل آهي، فرش لاءِ راول اينڊ ڪمپنيءَ جون ٺهيل سيمنٽ ٽائلس ۽ ڇت ۽ بيمن (beams) ۾ لوهه ۽ سيمنٽ ڪانڪريٽ استعمال ڪيل آهي. گنبذ جيڪو اجا تعمير ٿيڻو آهي اهو صرف "۴ ٿلهي سيمنٽ ڪانڪريٽ جو ٺهيل هوندو. اها ڪراچي مونسپالٽي وارن جي مهرباني آهي جو انهن جي حدن مان اسان کي پٿر کوٽڻ جي اجازت ڏنائون. اسان سندن نهايت ٿورائتا آهيون. اهو پٿر وڏيڪ پائيدار آهي، موسمي اثرن جو وڏيڪ موثر لموني مقابلو ڪري ٿو ۽ ڏسڻ ۾ پڻ تمام سهڻو ٿو لڳي. دروازن ۽ درين ۾ چوندڊ پڪي ساڳ جي ڪاٺي استعمال ٿيل آهي. غسلخانن ۾ سفيد لسيون

(Glazed) ٽائلس لڳايون ويون آهن. بندر رود ۽ اولاهين مهاڙيءَ ۾ چورس پٿرن سان اوساري ٽيل آهي جڏهن تہ باقي ٻن طرفن کان ڍڳها پٿر سمهاريل آهن.

سڄي عمارت ۾ بجليءَ جا پڪا ۽ لائيٽون لڳل اهن ۽ اهو ڪم اليڪٽرڪ ربيئرنگ ورڪس ڪراچي نالي ڪمپنيءَ ڪيو اهي مڪ عمارت جي ڪل قيمت ۴۰,۰۰۰ رپيا آهن جنهن ۾ بجليءَ جو سامان، واٽر سپلاءِ ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال جو انتظام شامل آهي. عمارت جا ٺيڪيدار مسٽر هورمسجي ۽ دارو والا ڪمپني هئا. جنهن جا مالڪ هڪ مڪاني آرڪيٽيڪٽ مسٽر ڊنشا دارو والا ۽ انجنيئر خان بهادر هورمسجي ڪجورينا هئا. بلڊنگ جي ڊزائين ۽ تعمير ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي انجنيئر جناب محمد هاشم گذدر جي نگرانيءَ ۾ ٿي جيڪو لنڊن ۽ آمريڪا مان انجنيئرنگ جون ڊگريون حاصل ڪري آيو آهي. تعميري ڪم جي نظرداري ڊسٽرڪٽ اوورسيئر مسٽر نارائڻ داس پارومل ڪئي ۽ سندس مدد مستري محمد يوسف قادر بخش ڪئي. سرويئر مسٽر هاسومل ٽانورداس واڌواڻي پڻ تعميري ڪم ۾ مدد ڪئي. مسٽر گريومل ڪٽشنگ هنگوراڻي سپروائيزر کي نقشا ٺاهڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. سينيٽريءَ جو ڪم حاجي ولي محمد نارسنگ ڪيو آهي.

اسان انهن سمورن دوستن جا نهايت ٿورائتا آهيون جن جي مدد ۽ تعاون سان ئي اهو ممڪن ٿي سگهيو جو هيءَ شاندار عمارت ايتري مختصر وقت ۾ ۽ ڪاٿو ڪيل رقم کان بہ گهٽ قيمت ۾ مڪمل ٿي.

مان توهان سڀني دوستن جو پڻ ٿورائتو آهيان جو توهان تڪليف وٺي هتي آيا ۽ هن خوشيءَ جي موقعي تي اسان سان شريڪ ٿيا.

**سنڌيڪار: عبدالخالق جوڻيجو.**

# هڪ ڳوٺاڻي سان ٻہ ٽي ڳالهيون

**آهيو چڱا باقي هندن جا طرفدار آهيو**

تنهن ڏينهن هڪ ڳوٺاڻو مسلمان آيو ۽ ڳالهيون ڪندي چيائين: سائين معاف ڪندا جي سچ چوان تہ هن (ليجسليٽو) ڪائونسل جي موقع تي اوهان ۽ اوهانجي دوستن ڪانگريس سان گڏجي رعيت جي ٻاران گهٽيون دانهون ڪيون. پر ماڻهو هڪ ڳلا پيا ٽا ڪن تہ اوهان مسلمان ڪامورن جي برخلاف آهيو ۽ هندن سان گڏجي مسلمان وزارت جي طاقت ڪمزور ڪري، هندن کي وجهہ پيا ڏيو تہ وزارت مان ناجائز فائدا وٺڻ وغيره. پڇيو مانس تہ سچ ٻڌاءِ تہ اهو تو ڪنهن کان ٻڌو؟ ڀهراڙيءَ جا ماڻهو اشراف سادا. ان سچ چئي ڏنو تہ: سائين تازو هڪ مسلمان ڪاموري وٽ ملڻ ويس، ان سان ڳالهين ڪندي چيم تہ سائين وري بہ شابس ويچارن ڪانگريسن کي هجي جن جي همٿ ڪرڻ ڪري ڪچي جي ڍل معاف ٿي ۽ اسان جي عيوضي شاهہ صاحب بہ چڱي همٿ ٻڌيو بيٺو آهي. ان تي يڪدم چيائين "شاهہ صاحب ماڻهو ڏاڍو رعيت جو خيرخواهہ پر منجهس هڪ تمام وڏو عيب ٿي پيو آهي. جو مسلمان ڪامورن جي برخلاف آهي ۽ هندن سان شامل آهي وغيره. سائين ڳالهہ مونکي بہ دل سان لڳي آئي، اوهان برابر هندن ڪانگريسن سان شامل بہ ٿيو ٿاءِ مسلمان ڪامورن جي مخالفت بہ ڪريو ٿا. ان تي مون چيو مانس تہ ان ۾ گناهہ ڪهڙو آهي جي ظالم مسلمان ڪامورن جي برخلاف ٿيس. پر انجو اهو مطلب ناهي تہ ظالم هندو ڪامورن جي برخلاف ناهيان. ساري نوڪر شاهي جا غريب ڳوٺاڻن تي ظلم ڪري رهي آهي تنهنجي برخلاف آهيان پوءِ اهو هندو هجي يا مسلمان. اڪثر ڪامورن جو مذهب اٿئي رشوت ۽ رسائي، ڦرڻ

مهل تہ هو هندو مسلمان جو لحاظ ڪونہ ٿا ڪن. جيڪو آيو سو ڪار! باقي جي مون وانگر ڪٿي ڪو غريبن سان دانهن ۾ شامل ٿئي ٿو تہ ڏوهہ ڪري وڌائين. اصل سبب انجو هي آهي: اڳي ڪامورا هئا هندو گهڻا. هندو ڪامورن کي پٽ هئي، جنهن ڪري ڀي رعيت کي ليٽائون ۽ مسلمان ڪامورا هئا اٽي ۾ لوڻ. سو بہ پٽ هين ڪانہ. سو رشوت وٺڻ ۾ ڀي ڊنا تہ متان ڦاسي پئون. ڪڏهين ڪڏهين سو لڪل جهٽ هڻي وٺندا هئا. پر هندن ڪامورن وانگر ديده دانستہ رشوتون ڪونہ وٺندا هئا. هاڻ سنڌ جدا ٿي تہ مسلمان ڪامورن ويني ڏينهن ڳٽيا تہ اهو ڏينهن ڪڏهين ٿيندو جڏهين هنن کي ڦرڻ جو وجهہ ملندو. پر هاڻي هي جڏهين زبردستي ڪن ٿا يا ڦرين ٿا تہ ڪانگريس وارا وٺيو دانهو ڪن. پر اهي اسيمبليءَ ۾ ٿورا آهن، تن کي خلق جي ڀلي جي ڪمن ۾ اسان جي اتحاد پارٽي بہ مدد ڏئي ٿي. هاڻ جو هي ويچارا ڏسن ٿا تہ جيڪي اميدون هُئين سي پوريون نہ ٿيون ٿين سو اچي حسد ورايو اٿن. سنڌن حڪومت کي ٽوڙڻ ۾ جو مسلمان بہ شريڪ ٿا ٿين سو انهن مسلمانن تي ڪاوڙ ۾ ڀرجيو وڃن تہ چو ٿا هي سنڌن طاقت ٽوڙڻ ۾ شامل ٿين. جي هندن ڪامورن ڳاڙهيون ماڙيون جوڙايون تہ اسان ڇو نہ جوڙايون. ڇئون ٿا تہ ادا اسان ۾ باقي رهيو ڇا آهي جو ڦريندا؟ ڀهراڙي جا رهاڪو حد درجي جا غريب ٿي ويا آهن، هينئر هنن ۾ رت ڪونہ آهي جو هو ڪامورن کي چوسڻ ڏين يا کين ڇڏين تہ حڪومت هلائين. اهي ڏينهن گذري ويا، جڏهن حاڪم هئا. هاڻِ نوڪر شاهي جي طاقت برباد ٿيڻ گهرجي. ٻيو عتاب اسان تي آهي هندن سان شامل ٿيڻ. انجو سبب اهو آهي تہ هندو ووٽر سجاڳ آهن، جيڪڏهن ڪوبہ ميمبر رعيت جي فائدي جي ڪم جي برخلافي ٿو ڪري تہ وٺيو دانهو ڪن. سو ڪانگريسي تہ ڇڏيو پر ٻيا هندو ميمبر بہ اڪثر رعيت جي ڀلي جي ڪم ۾ همٿ جهليو بيهن ٿا. باقي ڪي مسلمان ميمبر آهن جن کي يا تہ ڪامورن جو ڊپ آهي يا شخصي لالچون اٿن جنهن ڪري غلط ۾ بہ سرڪار سان ٻانهن ٻيلي ٿيو بيهن. پوءِ انهيءَ ۾ ڏوهہ ڪنهن جو؟ هندو ميمبر تہ خلق جي ڀلي وارن ڪمن ۾ پاڻ همٿ ٿا ڪن ڇا کين ائين چئون تہ اوهان هندو آهيو، تنهنڪري اسان کي رشوت بند ڪرائڻ،

ڪامورن جي زبردستين بند ڪرائڻ. انجنيئري، پوليس، ٻيلي، روينيو ديواني وغيره جي ڪاتن جي ظلم ڪان آزاد ڪرائڻ ۾ مدد نہ ڪريو. ٻلي تہ ڳوناٽا جن جي گهڻائي مسلمان آهي. پيا پيڙجن ۽ ڪن مسلمان ڪامورن جي طاقت گهٽ ٿي ٿئي يا سندن رشوت بند ٿي ٿئي سان نہ ٿئي. ان سان گڏو گڏ هندو ڪامورن کي نقصان ڪونہ ٿو پهچي ڇا؟ پر تنهن هوندي بہ هو دانهن بہ نٿا ڪن. آخر هن ۾ ڪهڙو راز رکيل آهي، سا مونکي خبر نٿي پوي. ان تي ڳوناٽي چيو تہ ”سائين هو چون ٿا تہ هندن ۾ حڪومت هندو ڪامورن ڪئي، هاڻ وارو اسان مسلمان ڪامورن جو آيو آهي پوءِ ڇو اسان جي طاقت کي ڊاهيو ٿو وڃي، ڇا انهن ڇٽ زميندارن کي ڇڏيون تہ حڪومت جو فائدو وري اهي وٺي وڃن. باقي اسين جهڙي جا تهڙا رهجي وڃون.“ مون چيو مانس تہ ”اهو پنهنجي بخت کي ڏوهہ ڏين جو حڪومت جو چرخو ڦريو آهي ۽ هندن ۾ بہ پائيبند ۽ زميندارن جو زور ٿيو آهي ۽ مسلمانن ۾ بہ زميندارن جو! ڏسو مکي گوبندرام بہ پائبند آهي اهو وزير ٿيو ۽ اهڙي طرح گهڻون اسيمبليءَ ۾ ڀهراڙي جا زميندار چونڊجي آيا آهن. هي ڪامورن جي طاقت ۽ رعيت جي عيوضن جي طاقت وچ ۾ مقابلو آهي ۽ نہ هندو مسلمان جو. اتي هن چيو تہ ”سائين اوهان ڏاڍا ڪي بي خيالا آهيو. ڪامورن سان ڦتائڻ چڱي ڳالهہ ڪانہ آهي جنهن جي پويان پون تنهن کي نقصان پهچائڻ سواءِ ڪين ڇڏين اوهان کي خبر نہ آهي، سر شاهہ نواز ڀٽو کي اسيمبليءَ جي ميمبري تان ڪنهن ڪيرايو. اوهان بہ خيال ڪريو.“ جنهن تي مون چيومانس تہ ”دشمن ڇہ ڪندڇہ مهربان با شد دوست“ الله جي طرفان سولي آهي تہ اهي ڇا ڪندا گذريل اسيمبلي اليڪشن ۾ انهن ڪو منهن جي برخلافي ڪرڻ ۾ گهٽايو يا ٻي طرح منهنجي ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس ڪرڻ تڪليفون ڏيڻ وغيره انهن جو مونکي ذرو بہ خيال نہ آهي.“ ان تي ڳوناٽي دعا ڪئي تہ سائين مقصد عمدو آهي شل خدا نوڪر شاهيءَ جي ظلم ڊاهڻ ۾ ڪامياب ڪريو.

(سائين جي.ايم.سيد جي لائبريريءَ مان مليل جيڪو 1936ع کان پوءِ واري عرصي جو لکيل ٿو لڳي)

●

# هي سنڌ سڌار ٿيو يا سنڌ بگاڙ

سنڌ ۾ واهن جي سڌاري تي 25 ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا ويا ته هيڏي سنڌونديءَ هوندي به جو آباديءَ لاءِ ملڪ ۾ پاڻي جي دانهن آهي تنهن کي بند ڪجي سو سرڪار ڪٺايو سکر بئراج يا "سنڌ سڌار" چي هاڻِ پاڻي توهان کي پاٿهي جام ملندو ۽ ملڪ سائو سکيو ٿيندو. اسان ڏاڍا خوش ٿياسون. ٿيو به ائين ته بربٽ آباد ٿي ويا پر ٻئي طرف وسندڙ ملڪ ويران ٿي ويا. اڳي جن کي عام جام پاڻي هوندو هو سو داٻ تي هلڻ لڳو. چوندا آهن ته "جن گهوڙن آهرن ۾ چري ڏنو تن کي توبرا ڏکيا لڳندا." سو ساڳي حالت انهن ماڻهن سان ٿي پر وري به دائمي جي دلاسي تي ماٺ ۾ رهيا. چڏي ڏنائون، ته ڀلي انجنيئر پنهنجي عقل تي ورهاست ڪن. آخر نتيجو کهڙو نڪتو جو سيني جي اکين اڳيان آهي. هاڻي شاه صاحب وارو بيت "پاڻيءَ متي جهوپڙا مورک اڄ مرن" واري حالت اچي بيني آهي. پاڻيءَ ته گهٽو ٿيو پر سنڌ ۾ مثال آهي ته، "الله به ڏي، رئيس به ڏي، جي نوڪر نه ڏي ته ڪير ڏي" تنهن وانگر انجنيري وارا پاڻي نٿا پيا ڏين فصل سڪي رهيا آهن. هاڻ انهيءَ جو سبب ڪوته ضرور هوندو؟ يا ته انجنيئريءَ وارن جو دماغ ٺيڪ ناهي جو باوجود رعيت جي دانهن جي ڪوبه داد ڪونه ٿا ڪن ۽ فصل وڃن سڪائيندا. بنا سبب جي ساڳي موسم ۾ به ٽي دفع مادولن کي گهٽ وڌ ڪن، ۽ اوچتو پاڻي بند ڪن. هڪڙي جو پاڻي ڪسي ٻين کي ڏين، هڪ ڊل سرڪار وٺي، ٻي ڊل وري هينان عملدار وٺن. انهيءَ کان سواءِ جن تي ڪاوڙجن تن تي ناحق ڏنڊ وجهن ۽ ڪوڙا ڪيس ڪن يا ته رعيت سڄيءَ جو دماغ خراب ٿي ويو آهي جو هو اجايون دانهون ٿا ڪن. جي نه ڪرڻ کپن ۽ ماٺ ۾ رهن ته ڀلي انجنيري وارا جيئن وڻين

ائين ڪن. ڪجهہ ڏينهن اڳ نواب شاهہ ضلع جو هڪ ماڻهو مون وٽ آيو، اچڻ سان اچي چيائين تہ، "سائين ڪائونسل جا ميمبر تہ ناحق ٿيا آهيو اسان سان هتي انجنيري وارن ويل وهائي ڇڏيا آهن. آهي ڪو ملڪ جو راجا يا مالڪ، جو داد ڪري انڌير ننگري لڳي پئي آهي. آبدارن داروغن ملڪ کي ڦري ناس ڪري ڇڏيو آهي. جند ڇڏائيندؤ يا نہ؟" ان تي مون ڪيس چيو تہ، "ايس ڊي او وٽ وڃي دانهون ڪريو. تڏهن ان ڳوناٽي سنڌيءَ ۾ جواب ڏنو، "سائين چورن جا پائر ڳنڍڙي چوڙ. سڀ هڪ گهر جا ڀاتي اوهان ڏس بہ چڱو ٿا ڏيو". ان تي ڪيس ايگزيڪٽيو انجنير جو ڏس ڏنم. چيائين "سائين بس ڪٽي ڪريو اهي هينين ڪان هلن ڪٽي ٿا، پوءِ ورسائي ڪير ڪندن؟ چيومانس تہ رسائيءَ تي سرڪار سخت نظر رکي آهي سا هاڻ ضرور بند ٿي هوندي. چيائين سائين هلي نواب شاهہ ضلع گهمو ڪامورن جي رياست اَتَوَ اهو ملڪ شايد اجان سرغلام حسين جي حڪومت ورتو ئي ڪونہ آهي. اجان مون ڪڇيو ئي ڪونہ هو تہ چيائين، "سائين هي براج بند ڪونہ ٿي سگهندو؟" مون چيومانس تہ ڇو؟ تہ چيائين، "داد واهہ، نو مکي واهہ، سدا واهہ وغيره جن ڏينهن ۾ وهندا هئا تہ پاڻي جام تہ ملندو هوسون. ڦر فصل انجنيرن جي ايتري داروغن جي ايتري ڪانہ هوندي هئي ۽ اها بندش ڪانہ هوندي هئي تہ ڏهہ سيڪڙو يا ويهہ سيڪڙو آبادي ڪريون. البت جي درياءَ ۾ پاڻي گهٽ ٿي ويندو هو تہ اهو خدا کان ڪري سمجهندا هئاسون. هينئر بہ پارا پئي فصل سڙيو وڃن. هونئن بہ ائين سمجهنداسون تہ آفت سمائي آهي پر هن آفت انجنيئري کان تہ ڇڏائينداسون. سائين هي سنڌ سڌار ڪونہ آهي، پر سنڌ بگاڙ آهي." مون ڪلي ڪٽي ماٺ ڪئي. چيومانس ووٽر آهين. چيائين ها، جنهن تي ڪيس سمجهايم تہ آئينده انهن کي ووٽ ڪجوجي اوهان کي مصيبت کان ڇڏائين. چيائين، اسان جن کي ووٽ ڪيو سي چون ٿا تہ ڪانگريس وارن سان گڏ نواب شاهہ ضلعي جا عيوضي رعيت لاءِ گهڻو ڪجهہ پيا ڪن پر سرڪار ٻڌي ڪانہ ٿي. پڇيو مانس تہ اهو پڇيو ائئي تہ ڇو نٿي ٻڌي؟ چيائين ٻڌو اٿم تہ ٻين ضلعن جا ڪي عيوضي خود

غرضين، لقبن ماجستريٽن وغيره لالچن تي يا لڳ لاڳاپي جي لحاظ کان سرڪار جي پٽ پرائي ڪيو بيٺا آهن سو هنن کي ووٽن جي پرواهه ڪانهه آهي انهن سرڪاري چاڙتن جا ڪم پيا ٿين پوءِ رعيت جي سرڪار ڇو پرواهه ڪري. اها آهي ڀهراڙين ۾ انجنيري کاتي جي ماڻهن سان روش ۽ ماڻهن جا رايا.

مضمون پڙهڻ وقت دادو ضلعي جو هڪ ماڻهو حاضر هو ان چيو تہ اسان سان تہ ان کان وڌيڪ مصيبت آهي. نہ ميمبر، نہ وزير مالڪ ٿي انجنئير

(سائين جي.ايم.سيد جي لائبريري مان مليل جيڪو 1936ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جو لکيل ٿو لڳي)

# ڪراچي ضلعي جو سئر

[سيد صاحب سان ڪراچي ضلعي جي گشت دوران مختلف وقتن تي مختلف ماڻهو سهڪاري رهيا. جن منجهان محترم حاتم علوي، مولوي عبدالڪريم چشتي ۽ دادا چينمل پرسرام جا نالا سرفهرست آهن. چينمل پرسرام ان وقت پرڪاش اخبار جو مهتمم هو. جنهن ۾ سيد صاحب جا سماجي مسئلن جي سڌاري لاءِ مضمون ڇپبا رهندا هئا.

سيد صاحب پاران ڪراچي ضلعي جي گشت واري سفر کي چينمل پرسرام جيئن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو. اهو احوال ان وقت ئي پنهنجي اخبار ۾ قسط وار شايع ڪيو هيائين. ان سفر جو واسطو جيئن تہ سيد صاحب جي ان وقت وارين سرگرمين سان آهي. انڪري اهو هتي ضميمي طور پيش ڪجي ٿو - آزاد قاضي]

وسپت تاريخ 23 مئي منجهند جو ٺٽي مان سجاول روانا ٿياسين. ٺٽي کان پنڌ ٽائين موٽر اٽڪل 17 منٽ، 7 ميلن ڪرڻ ۾ ورتي ٿي. پوءِ ضلع لوڪل بورڊ جو جهاز مني ڪلاڪ ۾ سجاول پهچائي ٿو. هي جهاز، جي نہ هجي تہ، سجاول وارو پاڳو ڪراچيءَ کان اڪثر ڇنو رهي، هينئر هن جهاز جو نالو ”شورام ڏيول مل“ آهي، جو اڳئين (لوڪل بورڊ) پريزيڊنٽ جي وقت نئون آيو هو. جهاز ۾ هر قسم جو چڱو بندوبست ٿيل آهي. سپريڊنٽ هڪ ڇاٽو ماڻهو ٿي نظر آيو. ڇئن سالن کان هي نئون جهاز ڪتب آندو وڃي ٿو، اڳيون جهونو ڪوٽڙيءَ وٽ پيو ٻاٽون ڪائي. هي نئون جهاز ڪراچيءَ منجهہ شورتن موهتا فورم ناهيو آهي. پنڌ ٻہ پيرا ڏينهن ۾ جاري آهي. پٽن ۽ سجاول جي وچ ۾ جهاز ۾ سئر دل وندرائيندڙ آهي. اسين تہ موٽر سوڌا چڙهيا هئاسين.

مني ڪلاڪ کان پوءِ وري موٽر سوڏا لهي، سجاول روانا ٿياسين. سجاول ٺٽي کان 4 ميل پري آهي، ۽ رستو چڱيرو آهي. موٽر 7 يا 8 منٽن ۾ اچو پهچي. سجاول جو شهر وڏو نہ آهي، تڏهن بہ چڱيرو آهي. شهر جي بنهہ وچ مان واهہ وهي ٿو. ٻنهي پاسي ماڻهن جون جايون آهن هڪ هنڌ ڏنم تہ وهندڙ واهہ مٿان پل ٻڌي پيئي آهي، جنهن پل مٿان وري جاءِ نهي پيئي آهي، جا جاءِ واهہ جي ٻنهي ڪپن تي ساڳئي زميندار جي ٻنهي جاين کي ڳنڍيو ڇڏي، ۽ اهي سڀ هڪ ئي "مدرسو" تي ڪم اچن ٿيون. واهہ مٿان پل ٻڌي مٿانس محل ٻڌڻ زميندارِي جڙيت جو هڪ نهايت ڪڙڪيدار نيشان آهي. تنهن کي ٽيهہ ورهہ ٿيا جو هي ڪم ٿيو هو، سرڪار شهر جي زميندار جو حق بحال نهرايو. سجاول اُپرندي طرف کان نهايت لقاءَ وارو نظارو اکين کي بخشي ٿو. تعلقي جي پريزيڊنٽ حاجي عبدالرحيم شاهہ جي محنت سان، هڪ نهايت وڏو شاهي رستو نهي ويو آهي. مٿانس ڪلر جو تهہ لڳڻ ڪري رستو ٿاٽ آهي، سجاول هڪ مرڪز آهي، چوڏاري ساريل (چانورن) جي پوک آهي. ٻيلا آهن، جن منجهہ وڏو تعداد چوپايي مال جو چري ٿو. انن جا بہ گلر بہ انيڪ آهن، گلر گلر ۾ پنجاهہ کان سؤ تائين اُٺ هئا. هت زميندارن ۽ مالدارن جو گهڻو تعداد پاڳيو آهي.

## زميندارِي جماعت

پاٽيءَ جي پوري انداز ۾ ملندو رهي تہ جيڪر هي ملڪ سدا سرسبز ۽ سائو رهي، پر ڪراچي جو ضلعو جو سنڌوءَ جي پڇڙيءَ ۾ آهي، تنهن ڪري اڪثر هن ضلعي سان پاٽيءَ جو اهنج آهي. ملڪ آهي لاڙ جو، ٿين منجهيس رڳو چانور، سي چانور بہ اُچي جنس جا ڪين آهن. خاص ڪري گذريل ٽن سالن کان سجاول سان وڏي سختي ٿي رهي آهي. هڪ سال بيحد برسات، ٻئي سال روئي جو جيت، هن سال بہ فصل گهٽ، تنهن ڪري اڪثري زميندار بي حال آهن. ڍل ۽ تقاوي نٽا پهچائي سگهن، ۽ مهلت گهري رهيا آهن. ڪيڏانهن وڃن! زمانو پنهنجو قدم ڳوٺن طرف بہ کڻي رهيو آهي، خاص ڪري ڪراچي ضلعي ۾ ڪن

خاص حالتن ڪري جن جو بيان پوئتي (اينڊز صفحن ۾) ڪيو ويندو، عملداري دٻاءُ بہ گهٽو آهي. رشوت رسائي جا تہ رڻ آهن. وڏن وڏن عملدارن ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽين (نہ سنڌ ڪمشنر جي) جي رسائي حد درجي تي پهتي آهي! سڄي ضلعي ۾ دانهن آهي. اهڙي تہ سخت دانهن آهي، ۽ اهڙا تہ بڇڙا احوال ڪنن تي اچن ٿا، جو عجب ڪنيو وڃي تہ هن سنڌ جي ملڪ ۾ ڪا خاص نئين بادشاهي جاري ٿي آهي ڇا؟ مسٽر گبن ڪليڪٽر هاڻي بدلي ٿي ويو آهي، نئون ڪليڪٽر آيو آهي، رکي سگهجي ٿي ڪا اُميد تہ هينئر قدري سڌارو ٿيندو؟ هن ضلعي ۾ اڪثري مسلمان ڊپٽي ڪليڪٽر آهي، ۽ زميندار بہ اڪثري مسلمان آهن، پوءِ زميندارن سان ڇو ههڙو وئل ٿيڻ گهرجي، تنهنجو جواب اُهي ڏين جن کي هندڪي مسمانڪي ڏقيڙ وجهڻ ۾ مزو ايندو آهي! ڪنهن بہ صورت ۾ زميندار هاڻي اهڙو تہ عاجزي ٿيا آهن، جو سمجهڻ لڳا آهن تہ جيڪڏهن پنهنجون جماعتون نہ ناهينداسون تہ مارجي وينداسين. حاجي عبدالرحيم شاهہ جي همت سان هڪ اهڙي تعلقي جماعت قائم ٿي آهي. هن جي صدارت هيٺ 23 مئي سانجهيءَ جو هڪ ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ ساري حال جي واقفيت ٿي. سيد غلام مرتضيٰ شاهہ ۽ مون زميندارن کي اها صلاح ڏني تہ اڄ زمانو آهي جماعتن جو، ۽ ٻڌين جو، ڇر ڇر گابڙائي ۾ ڪابہ سلامتي نہ آهي ۽ هي طريقو بلڪل قانوني آهي، جنهن ۾ ڪوبہ ڊپ ڊاءُ نہ هئڻ گهرجي. ڏنو ويو تہ عام ريت زميندار ماڻهن تي ڊپ وينل هو رڳو جڏهن ڪو مکيہ ماڻهو همت رکي ٿو تڏهن ڪا جماعت ٻڌجي (جڙي) سگهي ٿي. اسان کي ائين ڏسڻ ۾ آيو تہ ملڪ ۾ هن وقت اهڙي تہ سختي آهي ۽ ننڍن ننڍن ڪاتيدارن سان اهڙا تہ اهنج آهن جو جيڪڏهن سرڪار واجبي مهلت ۽ معافي نہ ڏيندي تہ زماني جي ملڪي لهر هن طرف بہ رخ رکڻ شروع ڪندي. البت شاهہ مرتضيٰ ۽ منهنجو چوڻ ماڻهن کي اهوئي هو تہ ڪاتيدار هاري ناري قانون ٽوڙ تحريڪ ۾ شامل نہ ٿين، ڇاڪاڻ تہ ڪهڙو بہ ماڻهو جو ڳوڻن جو واقف آهي، سو چئي سگهندو تہ جيڪڏهن اهو رخ وڌيو تہ هي غريب مسڪين مارجي ويندا. هنن ۾ ڪابہ سگهہ ڪانهي. قصو ڪوتاهہ، اميد

تي ڪجي تہ هي جماعتون، پوري پائي تي پڏيون ويندبون. ممڪن آهي تہ انهيءَ پڏيءَ جو ڪي خاص ماڻهو بيهودو فائدو وٺن، پر آهستگيءَ سان، اها جاڳ ماڻهن ۾ گهر ڪندي ويندي تہ حقن سان گڏ جوابداريءَ جي بہ ضرورت آهي.

پيئڻ جي پاڻيءَ جي اڻاٺ

هڪ وڏو انڌير جو سجاول جي ماڻهن سان آ هي، سو هي تہ ماڻهن جي پيئڻ لاءِ پاڻي جو بندوبست نہ آهي. سواءِ آبڪلاني جي وقت، ماڻهن کي منو پاڻي پوري انداز ۾ نہ ٿو ملي سگهي. جو تہ هن زمين جو پاتاري پاڻي کارو آهي. رڳو جڏهن کوهہ واهہ جي لاڳو کوٽجن ٿا، تڏهن کو منو پاڻي ميسر ٿي سگهي ٿو، جو تہ درياهي پاڻي زمين جي ڪنهن تهہ تائين چوسجي وڃي ٿو. جنهن کي "رسانگ" ٿو ڪونجي. پر اهي کوهہ بہ ٻن ٽن سالن بعد جڏهن اهو "رسانگ" وارو پاڻي کپيو وڃي، تڏهن وري کارا ٿيو وڃن. وري جڏهن ڪي نوان کوهہ کڄن ۽ جي بہ وري قسمت سان ڪو منا هجن، تڏهن ماڻهن جي ڪا واهہ ٿئي، نہ تہ وينا پاتون ڪائين. عبدالرحيم شاهہ پنهنجي خرچ سان سالن کان هڪ وڏو تلاءُ نهرايو آهي، جنهن ۾ ٻارهين مهينا پاڻي رهي ٿو، جنهن مان ماڻهو پين ٿا. هاڻي خيال ڪرڻ گهرجي تہ بينل پاڻيءَ واپرائڻ سان ماڻهن جي صحت ڪهڙي رهندي! سو بہ ڪنهن وقت تہ ماڻهو لپ لپ لاءِ آتا رهن ٿا. شاهہ (حاجي عبدالرحيم شاهہ) کي جس هجي، جو اهو ڪم ڪيو اٿس. پر هن ڪم جي جوابداري سرڪار تي آهي. هي ڪليڪٽر، ڊپٽي ۽ مختيارڪار جي هيڏا سارا پگهار ٿا ڪائين سي تڏهن ڇا وينا ڪن؟

ذري گهٽ صدي گذري ويئي آهي، تہ بہ ماڻهن سان پاڻيءَ جو وئل! افسوس صد افسوس. ويچارا ماڻهو ۽ جانور بئي حيران آهن. سرڪار رڳو ڪوبہ بلو نہ ڪيو آهي، مگر التوئي جيڪي ماڻهو ڪن، تن جي بہ پيئي آڏو اچي. هڪ شهر جي ذر مشت پائي جنهن کي ماڻهن جي حالت ڏسي رحم آيو، تنهن تازو هڪ هزار رپيا ڪڍيا ۽ لوڪل

بورڊ بہ چڱي مدد ڪئي. ڪنارن تي ڪوھہ ناھيا، ڪو ڪارو نڪتو تہ ڪو منو نڪتو. قسمت سان ڪو ڪوھہ منو نڪتو تہ ھڪدم نادري حڪم پھتو تہ اھو دخل ڪيو اَٿوَ. ھڪدم ڪوھہ بند ڪريو. ويچارا ماڻھو ڪيڏانھن وڃن ايامن ڪان ڪناري تي ڪوھہ بيٺا آھن، بنھہ واھہ جو پاڻي پکن ڪوھن سان گسندو وڃي. سڄو سڄو ڪنارن تي ٻڌو پيو آھي، بلڪ پل مٿان بنگلو ٻڌو پيو آھي، ايامن ڪان ماڻھن جا حق ھليا اچن، ھاڻي ھي نادري حڪم تہ نھايت عجيب چئبو. ائين برابر آھي تہ ڪنھن وقت انجنيري ڪاتي وارن ڪي واھہ سڌاري لاءِ زمين کپي ٿي، پر ھن شھر جي ٿن ميخن اندر انجنيري ڪاتي وارن کي حق ئي نہ آھي. ھاڻ اتي باقي جي اھي ڪوھہ بہ بند ٿيا، تہ ماڻھو ڪيڏانھن ويندا. سرڪار کي ھن طرف خيال ڏيڻ کپي، ھي جوابداري مٿن آھي.

## شام جو جلسو

شام جو اسڪول ۾ نھايت رنگدار جلسو ٿيو. ڳوناٽن جا بہ ڳاھت اچي مڙيا ھئا. بندوبست بہ خاصو ھو. اسڪول جي شاگردن چڱا راڳ ڳايا، اسڪائوٽي کيل (ڊراما) وغيره ڪري ڏيکاريا. ڪوآپريٽو سوسائٽي جي سيڪريٽري پنھنجي کيل ڪم جو بيان ڪيو. غلام مرتضيٰ شاھہ جواب ڏنو، مون پڻ ھندو مسلم ايڪتا، سوديشي وغيره تي تقرير ڏني ۽ حاجي عبدالرحيم شاھہ چيدن لفظن ۾ شڪر ادائي ڪئي.

24 تاريخ بہ اسين سڄاول رھياسين. صبوح جو اول خير چوھڙ جمالي ۽ شاھہ بندر طرف روانا ٿياسين.

تاريخ 25 مئي صبوح جو سڄاول منجھان چوھڙ جمالي روانا ٿياسين. رستو واٽ تي بلڪل پورو پنو ھو. ساوڪ بہ جھڙي تھڙي ھئي، پر جڏھن چوھڙ جماليءَ کي ويجھو پھتاسين، ۽ سٽا واھہ جي ٻيرين جا سرھہ ڏناسين، تڏھن، رنگت ڦرڻ لڳي، رستو بہ ويڪرو ۽ عمدو وھڻ لڳو، موٽر کي بہ چو ھي پنڌ جو ميدان مليو، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ چوھڙ جماليءَ جي ڳوٺ منجھان لنگھي، راءِ صاحب مينارام جي بنگلي

۾ پهتاسين. ڳوٺ جي ٻاهران وسڻ جا نيشان ڏٺا هئاسين. ڳوٺ جي اندر ٻاڳيائيءَ جا ارڪان پسياسين. جيئو سين ميرپورساڪري واري سج ۽ ٺٽي واري اڌ سج شايد پوري ٿي. راءِ صاحب جو بنگلو، ستا واهہ جي مٿان، اُتاهين زمين تي، واهہ جو رنگ ونيو بينو آهي، ٺٽي تائين حد ٺٽي جي ديوانن جي آهي. سجاول کان پوءِ حيدرآبادي ديوانن جي راڄ جا نيشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن پراڻي وقت کان پنهنجو زمينداري پير کپايو آهي. هن طرف جو رئيس راءِ صاحب مينارام اجيتسنگهہ آهي، هو تعلقي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ آهي، ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو ميمبر آهي، هڪ قابل ۽ ڄاڻو زميندار آهي. چوهڙ جماليءَ جو ڳوٺ نارو شاهہ جون يادگيريون ٿو ڏياري. جيئن انهيءَ طرف رستن جي ٻنهي پاسي، عمدا وڻ پنهنجون ڊگهيون ٻانهون ملايو، سهٽيون ڪمانون ناهيو چائون ڪيو ٿيون بيهن، تيئن خاص ڪري چوهڙ جمالي ۽ لاڏين وچ ۾ انبن وغيره جا وڻ رستي جي ٻنهي پاسي ڪڙڪيدار نماءُ ڪيو بيٺا آهن. وڻن جون قطارون ڏسي دل خوش ٿي، ۽ ساڪري جي سج جا نشان قدري دل تان متجڻ لڳا. راءِ صاحب جي بنگلي اندر سندس وڏي ماءُ جي هٿن سان پوکيل پپر جو وڻ بہ شاندار آهي. شاهہ غلام مرتضيٰ جي اچڻ جو بڌي اُوري پري کان زميندار آيل هئا، هنن سان بہ هن وقت سجاول وارن زميندارن جهڙي سختي ٿي ڏٺي، ۽ هو بہ محسوس ڪري رهيا هئا تہ سواءِ جماعتن ناهڻ جي ٻيو ڪو حيلو ڪونہ آهي، آءٌ بہ هر هنڌ زميندارن سان ڳالهيون ڪندو هوس، طبيعت ۽ اصولن پٽاندر آءٌ بنهہ زميندارِي ڪلاس جي خلاف آهيان، نہ خاص شخصن جي خلاف آهيان، مگر زميندارِي طريقي جو آءٌ مخالفتي آهيان، تنهن هوندي بہ هنن جي تڪليفن ۽ اهنجن کي محسوس ڪري ٿو سگهان. هنن ماڻهن سان، وڏا ۽ مکيہ اهنج آهن. آءٌ ڳالهيون ڪندي ڪين ائين ئي چوندو هوس تہ ميان جي اوهان سان ايڏيون تڪليفون آهن، تہ پوءِ توهين ڇو ٿا ايڏيون جزائون ڪٽو، ڇو نہ ٿوري زمين سان خوش رهي پنهنجو وقت گذاريو. اوهان سان عملداري اهنج آهي جو اوهين سندن رعيت آيو، مگر هو جا هارين نارين واري وڏي خلق جيڪا اوهان جي رعيت آهي، تنهنجو بہ

کو خيال ڪيو آئو. آءُ پانيان ٿو تہ هي منهنجون ڳالهيون ٻڌي هنن جي دلين تي ڪو مڙيوئي انسانيت جو جذبو اثر ڪندو هو ۽ سندن دماغ تي ڪو مڙيو ئي انصاف جو وٽ چڙهندو هو.

## شاهہ بندر

چوهڙ جمالي ۾ شام جو جلسو رکيل هو. ويچار ڪيوسين تہ تيسين ٻن اڍائي ڪلاڪن اندر شاهہ بندر جو چڪر ڏيئي ايندا سين. راءِ صاحب بہ اسان سان هليو. ٿوري پنڌ تي ڪلهوڙن جي سمي جا پراڻا قبا آهن. جي ٽڪرن مٿان آهن، هن هنڌ ٽڪر آهي ڪونہ، مگر هي بہ ٽي ٽڪريون، الائي ڪيئن ڪڙيون ٿيون بيٺيون آهن. ڳوناٺا مسلمان ٿا چون تہ پير پنهنجي جڏهن ٽتي طرف اچي ڏيرو ڪيو. تڏهن هندو سوامي أتي ٽڪرن سوڏو پڳو، ۽ واٽ تي ٽڪرن جا ٽڪرا ڪيرائيندو ويو، (شايد گهورو هئو جو لڏ لاهيندو ويو! پير پنهنجي جو وندرائيندڙ بيان جدا ڏنو ويندو).

سيد مرتضيٰ شاهہ وڏي سڪ سان، هنن پيراڻن قبن ڪي گنبير منهن ۾ پريل دل سان جاچڻ لڳو! معلوم ٿيو تہ اهي پير سندس اباڻي نسل جا هئا ۽ هي گهراڻو اصل مٽياري جي پيرن وارو آهي جا مٽياري تواريخ ۾ مشهور آهي، البت انهي ۾ بہ شڪ ڪونہ آهي، تہ سيني ۾ وڏو پير ڏاڏو آدم آهي، جنهن جو اسين مڙيئي اولاد آهيون!

## مشڪل سفر

هيءَ تاريخ 25 آرتوار جو ڏينهن اسان جي موٽر لاءِ، وڏي آزمائش جو ڏينهن هو. ڪجهہ پنڌ ڪري اڳيرو مس هلياسون تہ آبڪلاٽي جي مُند موٽر کي پنهنجو ڪرڙو جهنگلي مُنهن ڏيکارڻ لڳي. هوئن تہ هي مغربي موٽر کهڙن رستن تي بہ ڊجڻ واري ڪين آهي. بريٽ جهاڳي وجي، دڙا چڙهي وجي، مگر هن موٽر گهاٽ جو جاني دشمن خاص ڪري آب ڪلاٽي جي وقت آهي ڦريون. هن خاص مقرر رستن تي پڪيون چگيريون پليون آهن، مگر عام ريت أهي ڦريون

وڏيون جزائون آهن، ۽ خاص ڪري جڏهن زميندار پنهنجي پاڻيءَ لاءِ رستن کي ٽڪي پاڻي وهايو ڦٽو ٽا ڪن، تڏهن ته موٽرن لاءِ موت آهي. اَءُ هن آزار جو باريڪ بيان هينئر ڪونه ٿو ڪريان، پر اهو آرتوار اسان جي موٽر ۽ اسان لاءِ خاص ڪري اسان جي ابراهيم شوفر لاءِ وڏي آزمائش جو ڏينهن هو، ڪنهن وقت جنسي موٽر کي ڪلهن تي کڻو ٿي پيو، ته ڪنهن وقت گوڏي جيڏي پاڻيءَ منجهان پنڌ لنگهڻو ٿي پيو، ڪنهن مهل هٿن سان، لٿِي ڪپي ڦر بندٽي ٿي پيئي، انهن هوندي به ڪنهن وقت ته موٽر گپ ۾ گپي ٿي پيئي، ڪنهن وقت هٽ، موٽر ڦر جي ڪنار ڪان وار جيتري ليٽ ڪائي ها، ته سموري خلق سوڏي دوزخ ڏي رواني ٿئي ها. وڏي مصيبت ته غريب شوفر سان هئي، ستيا گرهه جي لڙائيءَ ۾ وجڻ ۾ ايڏو جوکو ۽ خوف نه آهي، جيڏو هن آزمائش ۾! مسٽر نارائڻ داس اوورسيئر ضلع بورڊ جو عملدار، جو اسان سان هو، تنهن لاءِ به وڏي آفت هئي. جي پيو رستو چڱو اچي ته هو پيو سرهو ٿئي. پر جي ڪو رستو بڇڙو نڪري پوي ته مڙس جو منهن جهڪو ٿيو وڃي، پر جي ڪا ڦرٽي آئي، ته هن جي دل ڌرڪي پي ويئي. ضلع بورڊ جي رستن جي جوابداري مٿس هئي ۽ محسوس ڪئي هيائين، پر اجا حالتون پوريءَ طرح سڌرڻ ۾ وقت وٺن. قصو ڪو تاهه اسان ٻانيو هو ته اجهو ٽا شاهه بندر جو چڪر ڏيئي اچون، مگر هت ته ليکي حال ڪونه هئو، غلام مرتضيٰ شاهه به چوي ته شاهه بندر تي ضرور ڪيئن به هلنداسون، اها سندس قوت ارادي هئي جنهن پاڻ کي آٽي شاهه بندر پهچايو.

ويچارو شاهه بندر! راءِ صاحب مينارام چيو ته، سندس وڏو ڳالهه ڪندو هو، ته شاهه بندر ۾ سندس ڏني پنجاهه هٽ ته رڳو ڏوڏين جا هوندا هئا. چئبو ته هي بندر به وڏو نگر شهر هوندو هو! انگريز جي راج ۾ به شاهه بندر وڏو شهر هو. هاڻ ته ڦٽي چٽ ٿي ويو آهي. سمنڊ شهر کي پائي ويو ۽ اجا به هيناهينءَ تي سرن جي جاين جا نشان آهن. مٿاهينءَ تي هاٽوڪو ڳوٺڙو بيٺو آهي، پر مئو پيو آهي. عرب طرف ويندڙن هندو واپارين جو هڪ به گهر آهي، هڪ اڌ دڪان آهي. هاٺي وري به سمنڊ چگيرو رخ ورتو آهي، ضلعه لوڪل بورڊ به ان طرف قدري ڌيان ڏيڻ لڳو آهي. هينئر جي ٿوروئي خرچ ڪجي، ته سمنڊ جي

ڪاريءَ تائين چگو رستو نهي وجي ۽ سامان جي آمدرفت ڪي سولائي ٿئي. سمنڊ برابر بندر سان ڏنگائي ڪئي هئي، مگر هن سڌريل زماني ۾ انهيءَ ڏنگاين جا اثر ڪڏي سگهجن ٿا.

سانجهون بہ اچي ٿيون، ڇيوسون تہ اجان وري موٽر ڪي ساڳيون آزمائشون اڳيان آهن، موت ڪائون. هڪ ماڻهو کھاڙيءَ سوڌو پاڻ سان ڪنيوسين، تہ ڪو تاريون ڪيي ڦريون ٻڌندا پار پئون.

عملداري گشت هن طرف بلڪل گهٽ آهي، مگر پر ۾ واگهن جو شڪار ڪرڻ لاءِ سو، هت عملدار ايندا آهن. ڊنڊن ۾ هن طرف واگهو اچيو گهر ڪن ۽ شڪار جي شوقينن کي اِهي واگهو وڏي وندر آهن، جي اسان کي وقت هجي ها تہ واگهن جو درسن اسين بہ ڪري اچون ها، پر موٽر کي پنڌ اڳيان هئو. رات جو اٽڪل ساڍي 9 بجي ڏاري چوهڙ جماليءَ پهتاسين.

## جلسو!

ويچارا ڳوناٽا جلسي جو ٻڌي سانجهيءَ جو اچي مڙيا هئا. اسڪول جي هيڊماستر سنتومل خوب محنتون ڪيون هُيون. پر ماڻهو ويهي ويهي هليا ويا هئا! اسين آياسون تہ ماڻهو ئي ڪونہ هو، ڪڊسن بتيون سي ٻريون پي. ماستر سنتومل ويچارو بہ ڪو مايوس ٿي سمهي پوڻ تي هو تہ، پريان ڪا موٽر جي ٽوُن ٽوُن ٻڌي هيائين. ماستر (بہ) حيرت ڪري وڏي، 15 منٽن اندر اچي ڳوٺ نِيوُن. خالي جايون سڀ ڀرجي ويون، ماڻهن جا ڳاهٽ اچي ٿيا. راجا مهاجڻ اچي حاضر ٿيا. ماستر سنتومل ڏنو تہ ڪرسين جي ڪمي آهي سو ڪتون گهرائي ڪين وهاريائين. ميٽنگ بہ شغل واهہ جو ورتو. ڇوڪرن راڳ ڳايا، ماستر سنتومل ڏک ڪڍيا تہ منهنجي نسبت اخبارن ۾ ڪوڙيون خبرون ٿيون پون تہ مان انقلابي آهيان. سهڪارين رپورٽ پڙهي، مرتضيٰ شاهہ ۽ مون تقريرون ڪيون. اٽڪل پوڻين ٻارهين ڪيل ختم ٿيو، ۽ 12 بجي راءِ صاحب جي بنگلي تي آياسين. سامان سرو تيزتاريون سڀ جاتيءَ موڪلي ڇڏيو هوسين. راءِ صاحب چيو تہ رات هتي ٽڪي پئو، هيڏي مهل ڪيئن جاتيءَ ويندا. ماني ڪاڏي سين، هڪ بہ ٿيو، اڳيان جاتي اٽڪل 22 مئل هئي، راءِ صاحب کان معافي وني، موڪلائي اڌ رات جو جڙهي پياسين.(1) ●

---

(1) افسوس تہ هن مواد جون وڌيڪ قسطون هٿ نہ اچي سگهيون. (آزاد قاضي)

# تعلقا گشتي رپورٽ

[سائين جي. ايم. سيد ڊسٽرڪٽ ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ ڪراچي جي آنرري سيڪريٽري هئڻ واري حيثيت ۾ مسٽر عبدالخالق مورائي کي ضلعي جي مختلف تعلقن جو گشت ڪري عوام جي صورتحال معلوم ڪرڻ ۽ گذرمعاش ۽ مقامي ذريعن بابت رپورٽون پيش ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. جنهن ميرپورساڪرو، سجاول، جاتي، ٺٽو ۽ شاهه بندر تعلقن ڪانسواءِ، ڪراچيءَ جي پسگردائيءَ جا ڳوٺ ۽ سمنڊ وارن چٽني ميائن بابت تفصيلي رپورٽون تيار ڪيو هيون. جن جي مطالعي منجهان سيد صاحب جي مقامي مسئلي ڏانهن دلچسپيءَ جو اندازو ٿئي ٿو. مٿي ذڪر ڪيل رپورٽن منجهان، تعلقي ميرپورساڪري ۽ تعلقي سجاول جون رپورٽون ملي سگهيون آهن، اهي هتي پيش ڪجن ٿيون. آزاد قاضي]

## تعلقي ميرپورساڪري جو گشت

سائين! تعلقي ميرپورساڪري جي گشت دوران ڪم جي هيٺين رپورٽ عرض رکجي ٿي.

(1) جيتوڻيڪ هن تعلقي ۾ ڪيتريون ئي ڪوآپريٽو سوسائٽيون آهن، ليڪن غربت ۽ گهٽ تعليم هئڻ سبب، هتان جا ماڻهو انهن ادارن مان صحيح فائدو وٺي نٿا سگهن.

هن تعلقي جو مکيه فصل ڳاڙها چانور آهن، هتي جا ماڻهو ردي قسم جو ٻج استعمال ڪن ٿا، جنهن ڪري فصل گهٽ قيمت تي وڪرو ٿئي ٿو. (چڱي موچاري قسم جو 3 کان 5 روپين تائين مڻ وڃي ٿو.) جا آمدني آبادگار طبقي جي ضروريات زندگيءَ جو مشڪل طرح سان

پورائو ڪري ٿي. هتان جا ماڻهو گهٽ پڙهيل هئڻ ڪري، اهو سمجهن ٿا تہ هو جيڪو ٻج زمين ۾ استعمال ڪن ٿا، سو بهتر آهي. ڪين اها بہ ڄاڻ نہ آهي تہ سٺو ٻج ڪٿان ۽ ڪهڙي طريقي سان حاصل ڪجي! ڪوآپريٽو سوسائٽين سان ڪار پٽ مستحڪم رکڻ جي خيال کان، فصل لاباري بعد هڪدم مقامي هندن وٽ ريزڪي گهٽ اگهہ تي وڪرو ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڪري ڪين ڪافي نقصان پهچي رهيو آهي. جيڪڏهن تعلقي ليول تي ڪوآپريٽو سوسائٽي ناهي، مقامي هارين کي بهترين ٻج قمبر ۽ لاڙڪاڻي طرفن جو مهيا ڪجي، ۽ اُن کان سواءِ ساڻن اها بہ رعايت ڪرڻ ۾ اچي تہ هو لاباري کان ٻن مهينن بعد فصل وڪڻي، خريد ڪيل ٻج جي رقم ادا ڪن، ۽ پڻ اهو بندوبست ڪيو وڃي تہ جيئن سندن فصل ٻڌي اگهہ تي وڪرو ٿئي، تہ اهڙي نموني مقامي ماڻهو وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهندا.

(2) هن تعلقي ۾ پاڻيءَ جي قلت جي شڪايت گهڻي آهي. هن علائقي جي آبادگارن جي آباديءَ جو مدار ٻگهاڙ واهہ تي آهي، جنهن ۾ پاڻي ترانگهڙو آهي، ۽ بئريج ڪلڻ تي ويتر پاڻي گهٽ ايندو. هتي زمينون مٿانهيون آهن، ان ڪري پاڻي پوري مقدار ۾ زمينن تي پهچي نٿو سگهي. جيڪڏهن ٻگهاڙ ڪئنال جي وچ ۾ ٻيڙيءَ ڏاري ريگيوليٽر هنيا وڃن تہ قوي اميد ڪري سگهجي ٿي تہ زمين تي پاڻي ڪافي مقدار ۾ پهچي سگهندو، ۽ غريب هاري سٺو فصل حاصل ڪري سگهندا. گڏوگڏ زمين بہ زياده آباد ٿي سگهندي.

زميندارن ان سلسلي ۾ ڪافي شڪايتون ڪيون آهن، پر ڪوبہ ڪڙ تيل نہ نڪتو آهي. اهو تمام بهتر ٿيندو، جيڪڏهن هن سلسلي ۾ ڪو ڪارائتو قدم کنيو وڃي.

(3) گذريل موسم ۾، پوکيءَ جي مند کان وٺي، هن تعلقي ۾ پاڻيءَ جي ڏاڍي قلت رهي هئي، پاڻي فقط ويهہ ڏينهن ڀرپور موجود هو. ٿورو گهڻو جيڪو فصل ٿيو، سو بہ ماڪڙ کائي ويئي. نتيجو اهو نڪتو، جو غريب ماڻهن کي پيٽ ڀرڻ ۽ انگ ڍڪڻ لاءِ بہ ڪجهہ حاصل ٿي نہ سگهيو، ان کان سواءِ ڍلون بہ ادا ڪرڻو اٿن.

انهن حالتن جي پيش نظر هيءَ حقيقت غور جوڳي آهي ته اهڙا ماڻهو ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح ڪوآپريٽو سوسائٽين جا قرض به ادا ڪندا ۽ ايندڙ فصلن لاءِ ٻج به حاصل ڪري سگهندا؟ سندن حالت رحم جوڳي آهي. منهنجي راءِ آهي ته فصل جي تياريءَ تائين ماڻهن کي سوسائٽين جي قرض جي ادائگيءَ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي. اچا به وڌيڪ موزون ڳالهه اچا ٿيندي ته کين ايندڙ فصل لاءِ ٻج ۽ ضروريات زندگيءَ جي پورائي لاءِ نئون قرض ڏنو وڃي. ٻيءَ صورت ۾ اها خاطري آهي ته پيدائش جو گهڻو حصو تمام گهٽ اگهه ۾ مقامي واڻين کي وڪرو ٿي ويندو.

(4) هن تعلقي ۾ ڪمند پيڙڻ جي فقط هڪ صنعت آهي. جنهن مان مڪاني طرح ڳڙ ناهيو وڃي ٿو. هن تعلقي مان هر سال ويهن هزارن روپين جو ڳڙ برآمد ٿئي ٿو. جيڪڏهن هن صنعت جي وڌيڪ همت افزائي ڪئي ويندي، ته ڳڙ جي صنعت ۾ واڌاري جو وڏو امڪان آهي.

(5) هن تعلقي جا اڪثر ماڻهو آبادگار هئڻ ڪري، ججهو مال ڌارين ٿا. جنهن ڪري وٽن ڪافي مقدار ۾ کير ۽ مکڻ جي پيداوار ٿئي ٿي. مقامي واپارين کي مکڻ هڪ روپئي سير جي حساب سان وڪرو ڪيو وڃي ٿو. جي ان مان گيهه تيار ڪري، 50 روپيا مڻ جي حساب سان وڪرو ڪن ٿا. هر مهيني مقامي طور اٽڪل 500 مڻ گيهه پيدا ٿئي ٿو ۽ اينتري ئي مقدار ۾ پر واري تعلقي گهوڙا ٻاريءَ مان آندو وڃي ٿو. ميرپورساڪري ۾ سڪر جي گيهه جي واپارين جا به پلاوٽا (دلال) مستقل طور رهن ٿا. جي هر ماه 1000 (هزار) من گيهه برآمد ڪن ٿا. مارڪيٽ ۾ گيهه جو عام اگهه 65 کان 75 روپيا في مڻ آهي. غريبن جي محنت مان وچولي ۽ شاهوڪار طبقي کي بي انتها فائدو حاصل ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن هن تعلقي ۾ ”ڪوآپريٽو ڊيري“ (کير جو ڪارخانو) کوليو وڃي، ته غريب آبادگارن لاءِ هڪ قسم جي نعمت ٿيندي ۽ ماڻهن کي به نج گيهه حاصل ٿي سگهندو، جو اڄڪلهه ملڻ محال آهي.

(6) هن تعلقي جي آدمشماري 27000 آهي ۽ هر ماڻهو اهو ٻڌي

تعجب انگيز ٿيندو ته هتي فقط پنج اسڪول اهن، جن ۾ 282 شاگرد ٿيندا. ان کان سواءِ 18 ملا اسڪول آهن، جن ۾ 335 ڇوڪرا پڙهن ٿا.

هيٺيان ڳوٺ، جن ۾ 25 کان 30 ۽ کن ٿورن ۾ 40 تائين اسڪول وڃڻ جهڙا ڇوڪرا هوندا، پر اتي اسڪول ڪونه آهي، اهو ضروري آهي ته ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ کي لکيو وڃي ته هتي بنا دير اسڪول کوليا وڃن.

(1) غلام الله (2) همير نيو، (3) دڙو (4) رئيس مرزا خان، (5) رئيس حاجي امام بخش خان، (6) ڪُجو (7) ڪجوري، (8) احمد شاهه (9) علي محمد هنگورجو (10) ڪڪرانڊ (11) مير خان بلوچ (12) حاجي خان گهراڻو.

## سجاول تعلقي جو گشت

سائين! سجاول تعلقي جي گشت بابت هيٺين رپورٽ عرض رکان ٿو:

(1) هن تعلقي ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽين جو ڪافي تعداد آهي، ۽ ماڻهن ڪنهن حد تائين امداد باهمي تحريڪ جي فائدن متعلق محسوس ڪيو آهي. منهنجي تجربي موجب، عام ماڻهن کي ڪوآپريٽو سوسائٽين خلاف عام شڪايت آهي ته اهي فصلن لهڻ شرط هڪدم قرضن جي وصولي شروع ڪن ٿا. ان ڪري ماڻهن کي پنهنجي پيدائش سُني اگهه تي وڪري ڪرڻ لاءِ وقت نٿو ملي. نتيجي طور قرضدار پنهنجو فصل واپارين وٽ عام طور گهٽ اگهه تي وڪڻن ٿا - مثلاً، سارين جو خرار 50 رپيا. هو گهٽ ۾ گهٽ 10 رپيا نقصان سهندا رهن ٿا، ڇو ته رواجي طرح سارين جو اگهه 60 رپيا خرار آهي. ان ڪري قرضدارن جي بهتريءَ لاءِ اهو سنو ٿيندو ته کين لاباري بعد ٻه مهينا مهلت ڏني وڃي، ته جيئن هو فصل سٺا اگهه تي وڪرو ڪري سگهن.

(2) هن تعلقي ۾ ڪو خاص اهميت وارو مڪاني هنر نه آهي، سواءِ تڏن ۽ تونرين جوڙڻ جي، جي زالون جوڙين ٿيون. هن ايراضيءَ ۾ نهنڊڙ تڏن ۽ تونرين جي گهرج زياده آهي. جيڪڏهن ناهيندڙن کي

سهوليتون مهيا ڪيون وڃن، ته هُو ڪافي فائدو حاصل ڪري سگهندا. اهي تونريون مڪاني واپاري گهٽ اگهه تي خريد ڪري، ٻاهر موڪلين ٿا. جيڪڏهن ڪوآپريٽو سيل سوسائٽي برپا ڪئي وڃي، ته اها مال خريد ڪري، ٻاهر موڪلي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح غريب پورهيت زالن کي گهڻو فائدو حاصل ٿي سگهندو.

(3) هن تعلقي ۾ ڍنڍون ۽ تلاءَ گهڻا آهن، جن ۾ مڇي ۽ پکي ڪافي تعداد ۾ ٿين ٿا. جيڪڏهن هتي ميربحرن لاءِ ڪوآپريٽو سيل سوسائٽي ناهي وڃي، ته مڇيءَ ۽ پکيءَ جي واپار سڌرڻ ڪري، مڪاني ماڻهن کي فائدي جو امڪان آهن.

(4) هن تعلقي جا اڪثر ماڻهو آبادگار آهن. وٽن ڪافي تعداد ۾ مال آهي، جنهن مان کير ۽ مکڻ جي وڏي پيدائش ٿئي ٿي. کير ٻاهر موڪلڻ جو انتظام ڪونهي ۽ مڪاني طرح اُن جي اينري گهرج نه آهي. ان ڪري ماڻهو کير مان مکڻ ناهن ٿا، جو مڪاني واپاري گهٽ قيمت تي خريد ڪري، ڪراچيءَ ۽ ٻين پاڳن ۾ وڪرو ڪن ٿا. هتي به کير جي ڪوآپريٽو ڪارخاني ۽ سيل سوسائٽيءَ جي ضرورت آهي، جا مکڻ جي واپار کي وڌائي سگهي.

(5) هن تعلقي ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جو پورو انتظام ڪونهي. ماڻهو اڪثر اونهاري ۾ ڍنڍن ۽ تلائن ۾ گڏ ٿيل پاڻي استعمال ڪن ٿا، جو ٿوري وقت اندر خراب ٿيو وڃي. لوڪل بورڊ کي گهرجي ته پڪا کوهه نهرائي ڏيڻ جو انتظام ڪري، يا ماڻهن کي پڪن کوهن کٽائڻ لاءِ همٿائي، ۽ اُن لاءِ ڪين رقم مهيا ڪئي وڃي.

(6) هتي اڪثر اسڪول وڏن ۽ مشهور ڳوٺن ۾ آهن، پر ننڍا ڳوٺ ان سهوليت کان محروم آهن. اهڙا گهڻا ڳوٺ آهن جتي 20 کان 25 ڇوڪرا پڙهڻ جهڙا موجود آهن. ان ڪري ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ کي سفارش ڪئي وڃي ته ننڍن ڳوٺن ۾ به اسڪول قائم ڪيا وڃن.

(7) ملڪ جي هن حصي ۾ ملن ۽ مولوين جو وڏو اثر آهي سندن ايترو ته زور آهي، جو ڪنهن مولويءَ جي نافرماني ڪرڻ ڪري، ماڻهن کي نيڪالي ڏني وڃي ٿي. نتيجي طور عام ماڻهو ڪانئن سوشل بائڪاٽ

تا ڪن. ملن ڪي صرف فتوئي لکڻي آهي، پوءِ اُن جي تعميل ازخود پيئي ٿئي. ملن ماڻهن ۾ جديد خيالات خلاف ايڏو تہ غلط اثر ويهاريو هو، جو مون لاءِ جادو بتي (مئجڪ لينٽرن) ڏيکارڻ بہ ڏکيو ڪم ٿي پيو. مڪاني صلاحڪارن ڪي مون مشورو ڏنو تہ بهتر صلاح اها ٿيندي تہ هرويرو ڪوآپريٽو تحريڪ ۽ مئجڪ لينٽرن ڏيکاري، ملن جو ناراضپو خريد نہ ڪيو وڃي. مون جڏهن مسجد ۾ جمعي نماز کان پوءِ ڪوآپريٽو تحريڪ بابت تقرير ڪئي، تہ مقامي مولوين پنهنجو هڪ ڄاڻو مقرر ڪيو، جنهن مون تي نڪتہ چيني ڪئي ۽ ماڻهن کي چيو تہ ” هيءُ اسلام جي دشمني ڪرڻ آيو آهي. جيئن تہ اسلام ۾ وياج حرام آهي، پر هن جي نقطي نگاهہ موجب جائز آهي.“ سيد عبدالرحيم شاهہ اتي مسجد ۾ موجود هو، ان اتي اُن ماڻهوءَ کي نڪتہ چينيءَ کان روڪيو ۽ کيس چيو تہ هو ان ڳالهہ جي غلط تعبير نہ ڪري.

ان ڪري، لاڙ ۾ وڏيڪ خبرداريءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو، جيئن هرويرو ملن سان تصادم نہ ٿي پوي. تعليم جي وڌڻ بعد اهي خيال آهستي آهستي ٿي، گهٽجي ويندا.

●

جشن جي.ايم .سيد جي حوالي سان شايع ٿيل ڪتاب











Price: Rs. 100-00

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.